# وريا واهرو

## ڀٽائي جي فڪر تي نئين رخ کان نظر

عبدالواحد آريسر

ڪمپوزنگ: آفتاب احمد

Voice of Sindh E-Book Publisher
www.voiceofsindh.net
editor@voiceofsindh.net

●

– پياري دوست ۽ ساٿيءَ
علي محمد شاهه لڪياريءَ جي نالي ——
o زندگيءَ جي ڏکي سفر ۾ ڪي ڪي ماڻهو اهڙا مٿا ملندا آهن، جڻ ڏير
پٿاشن مٿان مَڻ ماکي هاري وئي هجي.
علي محمد شاهه ٻه اهڙو ئي ماڻهو آهي.
شل، هيءُ ساٿ سلامت رهي !

# پيش لفظ

مون ڪتي پڙهيو آهي تہ جڳ ـ مشهور مفڪر، ڪارل مارڪس، جنهن وقت پنهنجو جڳ مشهور، لافاني ۽ لاثاني ڪتاب ”سرمايو“ لکي رهيو هو، اُن وقت سندس حال اِنتهائي مسڪينيءَ وارو هو. هو اُن حالت ۾، گذران لاءِ اخبار ”نيويارڪ ٽريبون“ جي نامہ نگاري ڪندو هو. جنهن جي عيوض ۾ کيس هفتي ۾ ٻہ ڊالر ملندا هئا، جن مان هو ڪتاب، ڪاغذ ۽ مس خريد ڪري، پنهنجو ڪتاب لکندو هو. هڪ ڀيري هو لنڊن جي برٽش لائبريريءَ ۾ ويٺو ڪتاب لاءِ مواد گڏ ڪري رهيو هو تہ سندس نوڪرياڻيءَ انتهائي پريشانيءَ جي عالم ۾ اچي چيو تہ ”توهان جو فلاڻو پار سڪرات ۾ آهي، جيڪڏهن ترت سندس دوا لاءِ پئسن جو انتظام نہ ڪيو ويو تہ مري ويندو.“ مارڪس اها خبر ٻڌي، بنا ڪنهن پريشانيءَ جي چيو تہ ”مرڻ ڏيوس! آءٌ هن وقت هڪ اهڙي پار کي جنم ڏئي رهيو آهيان، جيڪو ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندو ۽ نہ ڪڏهن مري سگهندو.“ سندس اشارو پنهنجي ڪتاب ڏانهن هو، جنهن کي هو ترتيب ڏئي رهيو هو. اهو ڪتاب، موجوده دور جي نظرياتي ڪتابن مان سيني کان وڌيڪ زندگيءَ سان ڀرپور، سگهارو ۽ تندرست آهي.

ساڳيءَ طرح لطيف بہ اسان وٽ ڪو جسماني اولاد ڇڏي ڪونہ ويو. هڪ ڀيرو سندس گهر واري اميد سان ضرور ٿي هئي، پر ان سڳوريءَ جڏهن پَلي ڪاڻ جي خواهش ۾ هڪ فقير کي تڪليف ڏني، تڏهن پٽ ڏٺيءَ جو اولاد تان ارواح ئي ڪڇي ويو. لطيف جنهن وقت فقيرن جي تڪليف جي ڪري جسماني اولاد کان بيزاري ڏيکاري هئي، ان گهڙيءَ هو پنهنجي ذهن ۽ فڪر ذريعي هڪ اهڙي پٽ کي جنم ڏئي رهيو هو، جيڪو ڪڏهن بہ مرڻو نہ هو؛ جنهن کي ڪابہ بيماري ٿيڻي نہ هئي، جنهن جي خوبصورتيءَ ۽ سُندرتا تي ڪوبہ ڪوڙهہ جو داغ لڳڻو نہ هو؛ جنهن ۾ ايتري سگهہ هئي جو طوفانن جا منهن موڙي سگهيو ٿي؛ جنهن ۾ هن قوم جي شڪست کي فتح ۾ تبديل ڪرڻ جي سگهہ هئي؛ جنهن جي مُرڪ ۾ اها مٺيا هئي، جنهن وسيلي هو ڪروڙها دلين جي درد جو دارون ۽ بي شمار دماغن جي صحت جو

ضامن بنجي سگهيو ٿي ـــــــ ۽ جنهن ۾ اڄ بہ اها قوت، طاقت، توانائي، شهزوري ۽ ٻلواني آهي، جو هو هن قوم جي تخريب کي تعمير ۾، انتشار کي اتحاد ۾، زوال کي ترقيءَ ۾ بدلائي سگهي ۽ قوم تي حملو ڪندڙ دشمن جي فوج ۾ ٽاڪوڙا وجهي ڇڏي.

لطيف جو اهو ٻار ۽ ڇتيهہ لکٽو پٽ "شاهہ جو رسالو"، جيڪو نہ رڳو پاڻ زنده آهي ۽ زندگيءَ سان ڀرپور ٿهڪ ڏئي رهيو آهي، پر ان جي وسيلي لطيف خود لکين سنڌين جي دلين ۾ زنده آهي ـــــــ ۽ ان جي معنیٰ ۽ مفهوم، ان جي علاج ۽ ڏس وسيلي سنڌي قوم ۽ سنڌي زبان زنده آهي. لطيف کان پوءِ سنڌ ۾ ڪيئي انقلاب آيا ـــــ ڪيئي طوفان لڳا؛ تيرن ۽ تلوارن جا ڪيترا مينهن وٺا؛ سنڌ جا ماڻهو ڪيترن ئي رت جي دريائن ۾ ٻُڏا ۽ وري ترِيا؛ ڪيترا حملا ۽ هلائون ٿيون؛ ڪيئي شهر اجڙي وري آباد ٿيا؛ حڪومتون ٺهيون ۽ ڊٺيون؛ غلاميءَ جا زنجير ڳچين ۾ پيا ۽ پرزا پرزا ٿيا؛ ڪلهوڙن جو تاج ۽ تخت ميرن جي پيرن هيٺان لتاڙيو ويو؛ سنڌ جون حڪمران ڏريون مانيءَ ڳيي لاءِ حيران ۽ پريشان پراون دَرن تي ڌڪا کائينديون رهيون ـــــ مدد خان آيو ۽ وسنديون ويران ڪري ويو. افغان ڀڳورو، شاهہ شجاع ميرن جي نااهليءَ مان فائدو وٺي، سنڌ جو خزانو لٽيندو رهيو. انگريز فيل مست آيو، ۽ نئين هنر ۽ حرفت سان سنڌ جي صورت ئي تبديل ڪري ڇڏيائين. آزاد سنڌ جو جهنڊو، سنڌ جي فضائن مان هميشہ هميشہ لاءِ گم ٿي ويو.

مياٽي متي، رڻ ڳجيو ۽ راڙو ٿيو. انهن سيني طوفانن ۽ انقلابن، لهرن ۽ لوڏن، جنگين ۽ جدالن ۾ لطيف جو سگهارو پٽ نہ صرف زنده رهيو، پر ان جي جوانيءَ ۽ خوبصورتيءَ ۾ وڌيڪ نِکار ۽ توانائي، وڌيڪ سونهن ۽ امرتا پيدا ٿيندي رهي. هن جو اثر وڌيڪ تيز ۽ همہ گير، وڌيڪ گهرو ۽ پائيدار ٿي رهيو آهي. اڄ جي سائنسي دنيا ۾ هن ڌرتيءَ ـ واسين وٽ پنهنجي وجود جي بقا ۽ جياپي لاءِ جيڪڏهن ڪو طاقتور نعرو ۽ نظريو، ڪو تکو ۽ تيز هٿيار، ڪو دلڪش ۽ من موهيندڙ گيت آهي تہ اهو فقط "پٽ ڏٽي جو رسالو" آهي ـــــ جنهن جي هر سٽ ۾ اسان جي قسمت پاسا بدلائي رهي آهي، جنهن جي هر شعر ۾ اسان جي آزادي، ڪنهن ڪنواريءَ وانگر ڪَر موڙي رهي آهي، جنهن جي هر بيت ۾ اسان جو مستقبل، ڪنهن تندرست ٻار وانگر

مرڪي رهيو آهي. جنهن هر وائيءَ ۾ اسان جي روشن تحريڪ ۽ تاريخ هرڏيءَ وانگر چال ڏئي رهي آهي. مون کي يقين آهي ته هن دور جو ڪوبہ هتيار لطيف جي انهي زنده جاويد پٽ کي ڪوبہ ڇيهو رسائي نہ ٿو سگهي.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

مغرب جي هڪ دانشور لکيو آهي ته: ” تاريخ جي ڪنهن بہ دور ۾ جيڪڏهن اِنگلستان تي ڪو ڏکيو وقت اچڻو هوندو ۽ ان جون ڪي چٽيون نشانيون ظاهر ڏسڻ ۾ بہ نہ اينديون آهن، تہ اهڙي وقت کي اسان جي سياستدانن ۽ حڪمرانن کان اڳ اسان جي شاعرن پئي محسوس ڪيو آهي. اسان جا شاعر، اسان جي سياسي ۽ سماجي صورت گريءَ لاءِ ريدار هوندا آهن جن جي شاعريءَ جي آئيني ۾ اسان ڏسي وٺندا آهيون تہ انگلستان تي ڪو ڏکيو وقت اچڻ وارو آهي . . . . . اسان جي شاعريءَ ۾ جيئن انگلستان جي ڍنڍن، سمندن، وڻن، ٻوٽن، موسمن ۽ برف سان ڍڪيل ميدانن جي محبت چوليون هڻڻ لڳندي آهي، اسان ان وقت هڪدم محسوس ڪري وٺندا آهيون تہ اسان جو پيارو وطن ڪنهن خطري ۾ وڪوڙجي رهيو آهي ۽ اسان جو شاعر ان جي هر شيءِ سان بي پناهہ محبت جو سبق ڏئي، مقابلي لاءِ عوام کي تيار رهڻ جو ولولو پيدا ڪري رهيو آهي. “

اِن چند چاڻ جي روشنيءَ ۾ اسان پٽ ڌڻيءَ جي شاعريءَ کي ڏسون. لطيف، جنهن وقت شاعري شروع ڪئي، ان وقت ڏکڻ ايشيا جي هن خطي ۾ مغل شهنشاهيت کي زوال جي وڻ ـ ويڙهي وڪوڙي ويئي هئي. هتي جي مقامي باشندن، هزار سالن جي انهيءَ ٻاهرئين قبضي جي مانگر مڇ جي جسم تي ڪاتن سان حملا شروع ڪري ڏنا هئا. نندي ڪند جون محڪوم قومون آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جي جذبن سان سرشار ٿي، آزاديءَ جي جنگ ۾ جنبي ويون هيون. سنڌ جي سرزمين تي ڪلهوڙن فقيرن پنهنجي بهادريءَ، حب الوطني ۽ ڏاهپ سان هڪ قومي تشڪيل ڪري، هاڻي ان جي تعمير طرف ڌيان ڏنو هو. سنڌ صدين جي وڇايل آزادي وري حاصل ڪري ورتي هئي. اهڙي وقت ۾ لطيف کي اهڙي شاعري ڪرڻ ڪپندي هئي، جيڪا

صدين جي ٽڪل قوم کي تفريح ۽ ذهني عياشي مهيا ڪري ڏئي ها ؛ پر لطيف اهڙي دور ۾ حب الوطنيءَ ۽ عوام دوستيءَ تي زور ڏنو. سنڌ جون مندون ۽ موسمون، سنڌ جا پکي ۽ جانور، سنڌ جا ميدان ۽ ڍُور، سنڌ جا پهاڙ ۽ پيچرا، سنڌ جون پنيون ۽ پارا، سنڌ جا ساوڻ ۽ سيارا، سنڌ جا سارنگ ۽ جهولا، لڪون ۽ جهڪون، ڍنڍيون ۽ ڍورا، هنر ۽ لباس، لطيف جي شاعري ۾ انتهائي شدت سان بنهه زورائتي نموني ابرڻ لڳا. اهو ان ڪري، جو هڪ سچي ڏات ڌڻيءَ جي شاعريءَ ايندڙ خطرن جي نشاني ۽ خوف جو ڳهڳهو هوندي آهي. لطيف، پنهنجي تيز شاعراڻي حس ذريعي ڏسي ۽ پروڙي ورتو هو ته سنڌ جي موجوده آزاديءَ وارو وقفو عارضي ۽ وقتي آهي؛ ۽ سنڌي عوام آزادي جي انهيءَ وقفي ۾ ايڏو مست مگن ٿي ويو آهي، جو هن مستقبل جي تباهين کان مڪمل بي پرواهي اختيار ڪري ورتي آهي، ان ڪري، لطيف سنڌين کي هوشيار رهڻ لاءِ وطن جي هر شيءَ کي محبوب جي ياڪر کان وڌيڪ دلڪش ۽ پُر مسرت بنائي پيش ڪرڻ شروع ڪيو، ته جيئن سنڌي عوام نه رڳو پنهنجي آزاديءَ جو بچاءُ ڪري، پر ايندڙ خطرن ۽ لٽيرن جي حملن کان پنهنجي محبوب (وطن) جي عصمت بچائڻ لاءِ تيار ٿي وڃي. وطن جون اهي شيون، جيڪي عام طرح ڪِين جهڙيون نظر اينديون آهن، سي جڏهن لطيف جي شاعراڻي تخيل ذريعي لفظن جو روپ وٺنديون آهن، تڏهن انهن ۾ هڪ انوکي زندگي، انوکو حسن، انوکي دلڪشي ۽ نرالو شانِ محبوبيت پيدا ٿي ويندي آهي. سَرن جي چُڳن (نسريل سنگن) ۾ محبوب جي چڳن جي سرهاڻ پيدا ٿي پوندي آهي. روهيڙي جي گلن ۾ لالڻ جي لبن جي لالاڻ جو اولڙو جرڪڻ لڳندو آهي. پکن ۽ پسين ۾ پرينءَ جي ڳلن جي شفق ليئا پائڻ لڳندي آهي ۽ ڦوڳن جي ڦلن ۾ ڪائي انوکي ۽ ابدي مرڪ چمڪڻ لڳندي آهي. نه رڳو اهي شيون، پر ٿر جو ڪٿو به جڏهن لطيف جي شاعريءَ ۾ آيو، ته ان کي اها عزت ۽ عظمت ملي، جو اهو سنڌي عوام لاءِ قومي مانَ جو نشانو بنجي ويو. اهو سيڪجهه، هن (لطيف) ايندڙ خطرن کان بچڻ لاءِ سنڌين جي ذهن ۾ ويهارڻ ٿي گهريو، ته جيئن سنڌي انهن خطرن (جيڪي نادر شاهه، احمد شاهه ابدالي، مدد خان پٺاڻ ۽ انگريزن جي روپ ۾ اچڻا هئا) جي مقابلي لاءِ تيار ٿين پر سنڌين شايد ئي اڄ تائين سندس شاعريءَ جي انهيءَ پهلوءَ تي غور ڪيو هجي.

سياستدان، فاتح، حڪمران ۽ جوڌا، پنهنجيءَ بهادريءَ ۽ ذاهپ وسيلي وقتي طرح ملڪ حاصل ڪري وٺندا آهن، پر ان ڪي عوام جي دلين ۾ وطن ۽ ماتر ڀوميءَ واري حيثيت سان نقش ڪرڻ شاعر جو ڪم هوندو آهي. لطيف اهو ڪم اهڙي نموني ڪيو، جو انسانيت جي سموري تاريخ ۾ ڪوبہ شاعر اهو ڪم ان نموني نہ ڪري سگهيو آهي.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

لطيف، ڪنهن هڪ شخص، وليءَ، شاعر يا فلاسفر جو نالو نہ آهي، پر لطيف هڪ ادارو، هڪ تحريڪ ۽ هڪ تنظيم آهي. اِها تحريڪ ۽ تنظيم، سنڌي سماج ڪي عين منتشر ٿيڻ ۽ ڇڙوڇڙ ٿيڻ واري وقت، ثقافتي، لساني ۽ قومي بنيادن تي متحد ۽ آزاد رکڻ لاءِ وجود ۾ آئي. انهيءَ تنظيم ڪي وسيع، سنڌگير ۽ عوامي بنائڻ لاءِ لطيف سڄي سنڌ جو گشت ڪيو. سنڌس اهو گشت نہ رڳو سنڌي عوام جي سماجي، ثقافتي ۽ معاشي حالتن جي مشاهدي ۽ مطالعي لاءِ هو، پر ان سان گڏوگڏ پنهنجي لافاني شاعري وسيلي سنڌي عوام ڪي فارسي جي لساني ۽ ادبي غلبي کان نجات ڏيارڻ لاءِ هڪ عظيم جدوجهد ۽ جاکوڙ پڻ هئي.

پٽ ڏٺي، ننڍي هوندي کان ئي غير معمولي ذهين ۽ فطري صلاحيتن سان مالامال ٻالڪ هو، جنهن پنهنجي فطري ذهانت سان ان دور جي سنڌ ڪي سمجهي ورتو هو جنهن مان ڪيس خبر پئي تہ غير ملڪي غلاميءَ جي هڪ ڊگهي عرصي سنڌ ۾ جيڪو تعليمي سرشتو جاري ڪيو آهي، تنهن جو واحد مقصد ديس واسين ڪي سرڪاري دربار جو "جي حضور" بنائي، سندن دلين مان حب الوطنيءَ جو جذبو ۽ جوهر بلڪل ختم ڪري، لساني ۽ ادبي طرح فارسيءَ جي ڪوڙي بالادستي جي ذُهڻ ۾ ڦاسائڻ آهي. اهوئي سبب هو جو هن رواجي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ تعليم پرائڻ کان بلڪل انڪار ڪري ڇڏيو، ڇو تہ ڪيس خبر هئي تہ انهن رواجي مڪتبن ۽ مدرسن مان ڪيس جيڪا ڊگري ملندي، سا سندس ڳچي ۾ غلاميءَ جو ڳٽ ثابت ٿيندي، اِن جو اِها ڪيس ڪنهن سرڪاري دربار ۾ وٺي ويندي، ۽ هڪ درٻاريءَ جي وطن دوستي ۽ قومي غيرت هميشہ اقتدار اعلىٰ جي پاليسي جي تابع هوندي آهي ۽ انسان عوام

سان وفادار رهڻ بدران پنهنجي ڏگري ۽ هڪ مطلق العنان شخص جو وفادار ٿي پوندو. انهيءَ ڳالهه کي ڏسندي، آءُ ان راءِ سان بلڪل متفق آهيان ته لطيف ڪنهن مڪتب، مدرسي ۽ خطاب ۾ باقاعدي تعليم نه ورتي هئي باقي اِهو سوال ته جيڪڏهن لطيف باقاعدي تعليم نه ورتي هئي، ته پوءِ سندس شاعري ۾ فارسي شعرن جون سِٽون ۽ محاورا، قرآن جون آيتون ۽ حديثون ڪيئن داخل ڪري سگهيو؟ انهيءَ سوال جو هڪ جواب هي آهي ته لطيف جي شاعري ۾ جهڙيءَ ريت فارسيءَ جو سٽون ۽ قرآن جون آيتون آهن، بلڪل اهڙيءَ طرح هنديءَ، بلوچيءَ ۽ پشتو جا لفظ ۽ سٽون داخل آهن ـــــــ ته پوءِ، ڇا انهن لفظن ۽ سٽن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو ته لطيف باقاعدي هندي، بلوچي ۽ پشتو به پڙهيو هو؟ حالانڪ ان وقت سنڌ ۾ انهن ٻولين جي تعليم جو ڪوبه رواج ڪونه هو. ان ڪري فارسي سٽن ۽ قرآني آيتن جي آڌار تي لطيف کي سنديافتو عالم ثابت ڪرڻ صحيح نه آهي. خود اڄوڪي دور ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جن ڪنهن مڪتب ۾ الف ـ ب به ڪانه پڙهي هوندي آهي؛ پوءِ به اهي پنهنجي فطري ذهانت ۽ قابليت جي ڪري نه صرف قرآن، حديث ۽ فقه تي عبور حاصل ڪري ويا، پر شاعري، خطابت، تاريخ ۽ جاگرافيءَ جي ڄاڻ سان گڏ ڌار ڌار مذهبن، انهن جي ريتن رسمن، فرقن ۽ عبادتن کي به چڱيءَ ريت سمجهي ويا. منهنجي سامهون ”عليم فقير درس“ جو مثال آهي، جيڪو اڻ پڙهيل هئڻ جي باوجود هڪ وڏو عالم نظر ايندو هو. قرآن، حديث توڙي فارسي ۽ اردو تي ماهرانه ڄاڻ رکندو هو. دنيا جي مختلف خطن ۽ حصن ۾ ڪي ٻيا به اهڙا ذهين ۽ ذڪي ماڻهو گذريا آهن، جن علم نه هوندي به پنهنجي فطري ذهانت ۽ قابليت جا ناقابل فراموش ۽ اڻ مٽ نشان ڇڏيا آهن. مشهور هندستاني ليڊر ”ڪامراج“ پڙهيل ڪونه هو، پر سياست ۾ بادشاهه گُر جي نالي سان مشهور آهي. چيني رهنما ”مائوزيتنگ“ به خاص پڙهيل ڪونه هو، پر اڄ هو ايشيا جو اهڙو دماغ سڏجي ٿو، جيڪو سڄ ڪان به وڏو آهي. پري ڇو وڃجي. جناب عيدي امين صفا آڱوٺي ڇاپ هو، پر دنيا ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو هئائين، تورو ماضي بعيد ۾ اڪبر اعظم ۽ غلام شاهه ڪلهوڙو به ان صف ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. اهي مثال، مون ان لاءِ ڏنا آهن، ته جيئن خبر پوي ته ڪنهن ماڻهوءَ جي غير معمولي ۽ فطري ذهانت لاءِ

هروپرو ڪاليج، مدرسي، مڪتب ۽ خطاب خاني جي ضرورت ڪانہ هوندي آهي. انهن شين جي اڻاٺ ۽ اڻ هوند ۾ بہ ڪي ڪي انسان پنهنجي غير معمولي ذهانت جي ڪري، دنيا ۾ پنهنجو فڪري ۽ ذهني مخصوص مقام حاصل ڪري وٺندا آهن. لطيف، اهڙن انسانن مان هڪ نمايان هستي هو. جنهن کي انهيءَ بنيادي حقيقت جي ڄاڻ هئي تہ غير ملڪي آقا جنهن قسم جو تعليمي سرشتو رائج ڪندا آهن، ان مان سندن مقصد اهو هوندو آهي تہ قبضي هيٺ آيل ملڪ ۾ پنهنجي لاءِ نظرياتي طرح مفلوج، اهڙن ماڻهن جو گروهہ پيدا ڪن، جيڪو فڪري طرح سندن درجو پنو هجي ـــــ ۽ ان گروهہ جي دماغن مان ڏيهي ماڻهن، شين ۽ هنرن جي محبت پوريءَ ريت نڪري وڃي. ان ڪري لطيف اهڙي تعليم پڙهڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو. باقي سنڌ کي صحيح ۽ سچي طريقي سان سُڃاڻڻ لاءِ پٽ ڏٿيءَ ڪتابي علم بدران صحبتي علم اختيار ڪيو، هن سنڌ جي شاعرن، صوفين، عارفن، عابدن، ملنگن، جوڳين ۽ سامين سان سفر ڪيا. مختلف ڏنڌن ۽ هنرن جي مرڪزن ۾ ويو. شهري ۽ ڳوٺاڻيءَ زندگيءَ جو پوريءَ ريت اڀياس ڪيائين. مسجدن ۽ مندرن جي زندگي جيڪا ڪيني ۽ حسد سان پريل هئي، خانقاهن ۽ مڙهين جي زندگي، جيڪا تعصب ۽ بناوٽ سان جهنجهيل هئي. شاعرن ۽ صوفين جي زندگي، جيڪا جاهہ ۽ مرتبي جي تات ۽ طلب سان ٽمٽار هئي ـــ انهي سان گڏ عوام جي زندگي، جيڪا بيشمار خرابين ۽ عيبن هوندي بہ صاف، سادي ۽ محبت سان پرپور هئي. جنهن زندگيءَ اثر قبول ڪيو ٿي ۽ اثر وڌو ٿي. جيڪا زندگي حڪومتن جي تبديليءَ جي باوجود سنڌي زبان ۽ ثقافت کي سانديو ٿي آئي. پٽائيءَ انهيءَ زندگيءَ کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بنايو.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

لطيف جي سوانح نگارن لکيو آهي تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي لطيف کي بہ پيرا مارائڻ جي ڪوشش ڪئي. هڪ پيرو ڪيس زهريلو ڪشتو ڏنو ويو، جنهن کي پاڻ استعمال ڪرڻ

بدران درياهه ۾ اچلائي ڇڏيو، ۽ ٻئي پيري ڪيس سرڪش گهوڙي سواريءَ لاءِ ڏني وئي، ته جيئن اها گهوڙي ڪيس ڪيرائي سندس هڏ گڏ ڀڃي ڇڏي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن ٻئي روايتون صحيح آهن ته آخر ميان نور محمد ائين ڇو ٿي ڪيو؟ انهيءَ سوال جو هڪ ممڪن جواب هيءُ ٿي سگهي ٿو ته ان خطري کان بچڻ لاءِ هن اهوئي بهتر سمجهيو ته لطيف جهڙي عوامي ۽ قومي مزاج رکندڙ ماڻهوءَ کي مارائي ڇڏجي ـــ ڇو ته جنهن طريقي سان ان وقت حڪومت ٿي رهي هئي، سا بهرحال لطيف، سنڌي عوام جي قومي ۽ عوامي امنگن مطابق ٿتي سمجهي. اهڙا اشارا سندس شاعريءَ ۾ موجود به آهن، جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو:

جُهِ سي لوڙائو ٿيا، جنين سنڌي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي!

جُهِ سي لوڙائو ٿيا، جنين پر رهن،
مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو!

ان جي باوجود اهو جواب ان ڪري نه ٿو آڙتي، جو لطيف جو سنئون سڌو ۽ محسوس طريقي سان، سياست سان ڪوبه لاڳاپو نه هو. سندس هر ممڪن ڪوشش هئي ته سنڌ جي دربار ۽ ان سان لاڳاپيل ماڻهن کان پري رهي. جوڳين، سامين ۽ سنياسين سان سفر ۾ هلي، پنهنجي تبليغ ڪندو رهي، ۽ حاڪمن جي نظر ۾ بنهه تارڪ نظر اچي، جيئن ته ان دور ۾ لطيف تارڪ مشهور ٿي ويو هو ـــــــ " تحفته الڪرام " جي مصنف به کيس تارڪ ئي لکيو آهي، لطيف شاهه شهيد وانگر ڪا خاص جماعت به تيار نه ڪئي هئي، جنهن جماعت مان ميان صاحب کي خطري جو نشان نظر اچي، ان ڪري اِها خطري واري ڳالهه به ڪو خاص وزن نه ٿي رکي، ته پوءِ ميان صاحب نيت ڇو ٿي لطيف کي مارائڻ چاهيو؟ منهنجي خيال ۾ لطيف کان ان دور جي سنڌ جون ڪيتريون ڪٽر مذهبي ۽ فارسي زده شخصيتون، ڏريون، ٿولا

۽ ڪجهه پر پاسي جا باثر ۽ حاڪم ماڻهو انتهائي ناراض ۽ بيزار هئا، ڇو ته انهن جي نظر ۾ لطيف نه رڳو مُلي جي مذهبي هڪ هٽيءَ کي للڪاريو هو، نه رڳو فارسيءَ جي عاشقن کي گولا، ذليل ۽ غلام سڏيو هو نه فقط ٻاهرين ۽ ڌورن جي تباهه ڪارين ۽ هاڃيڪارين تي لعنت وڌي هئي؛ پر ان سان گڏ پنهنجي شاعريءَ جي ڪردارن جي معرفت پنهنجي فڪر ۽ فلسفي وسيلي سنڌي عوام ۾ وطن دوستي ۽ لوڪ شاهيءَ واري آزاديءَ جا جذبا جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. سُر مارئي ته سموري جو سمورو ظالمن ۽ غاصبن سان عدم تعاون ۽ اميرانه تهذيب تي حقارت آميز ٺهڪن سان پريو پيو آهي؛ ان سان گڏ هُو ڄڏهن سنڌ جي گذريل حاڪمن، سردارن ۽ ڄامن جي سخاوت، عوام دوستيءَ، بلند همتيءَ، حب الوطنيءَ ۽ غريب پروريءَ کي خراجِ تحسين ٿو پيش ڪري، ان وقت حقيقت ۾ هو سنڌي عوام کي پنهنجي حڪمرانيءَ جي حڪومت جو هڪ معيار به ڏَسي ٿو ـــــــ ته جيڪو به ٺولو تخت ۽ تاج جو مالڪ آهي، سو جيڪڏهن منهنجي ڏسيل ۽ مقرر ڪيل معيار جو ناهي ته ڪيس ڇٽر ڪان جهلي، تخت تان لاهي ڇڏيو. ان جي خلاف بغاوت ڪريو، مقابلو ڪريو، جدوجهد ڪريو!

اِهوئي سبب آهي جو انهي ڦوري ٽولي ميان صاحب کي زير بار ڪري، لطيف کي ختم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي، پر آءُ سمجهان ٿو ته لطيف کي مارائڻ واري سازش ۾ اصلي هٿ نادر شاهه قاچار جو هوندو، ڇو ته ڪيس سنڌ ۾ رهائش دوران خبر پيئي هوندي ته لطيف ئي هڪ اهڙو ماڻهو آهي، جيڪو هن سرزمين ۾ فارسيءَ جي لساني ۽ ادبي بالادستيءَ جي مخالفت سان گڏ فارسي (ايراني) اقتدار جو سڀ ڪان وڏو دشمن آهي. اهو پنهنجي شعري جادوءَ وسيلي نادر شاهه جي بالادستيءَ ڪان سنڌي عوام کي هڪدم باغي ڪري ڇڏيندو، ان ڪري، اهو عين ممڪن آهي ته نادرشاهه ميان صاحب کي حڪومت حوالي ڪرڻ وقت جيڪي ذلت آميز شرط مڙهيا هئا، تن ۾ لطيف کي ختم ڪرائڻ به هجي؛ ڇو ته نادري حملي سنڌ ۾ جيڪا غارتگري ۽ تباهي، اقتصادي بدحالي ۽ معاشي تنگ دستي پيدا ڪئي هئي، ان جي باري ۾ لطيف چئي ڏنو هو ته:

نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پَسيو بازاريون، هينئڙو مُون لوڻ ٿئي !

نادر شاھ جي سازش متعلق منهنجو گمان يقين جي حد تائين آهي، جيتوڻيڪ ان لاءِ مُون وٽ تاريخي ثبوت ڪونهي.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

مولانا آزاد لکيو آهي تہ سرمد شهيد جي فڪري بلنديءَ ۽ انسانيت دوستيءَ تي سوچڻ وقت اسان کي ٿٽي جي ان خوبصورت چوڪري کي نہ وسارڻ گهرجي، جنهن جو نالو ابيچند هو، ۽ جنهن جي باري ۾ سرمد چيو هو تہ ”مون کي خبر نہ آهي تہ هن دنيا ۾ ابيچند کان سواءِ ٻيو ڪو منهنجو خدا آهي.“

انهن لفظن جي آڌار تي آءٌ چوان ٿو تہ لطيف جي شاعراڻي عظمت ۽ فڪري بلنديءَ تي سوچڻ وقت اسان کي اُها مغل چوڪري نہ وسارڻ گهرجي، جنهن جي چيچ جي باري ۾ لطيف چيو هو تہ:

”جنهن جي چيچ سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نہ ڪو لوڏو“ !

انهيءَ چيچ، لطيف جي اندر ۾ ڪو انوکو آڙاھ ٻاريو هو، جنهن ڪائنس اهي لفظ چورايا هئا. جيڪي لطيف لاءِ ڪيترين مصيبتن جو سبب بڻجي ويا، ۽ انهن مصيبتن نہ رڳو سنڌ کي پر پوريءَ انسان ذات کي هڪ عظيم ۽ لازوال شاعر ڏنو. جنهن پنهنجي زبردست فڪر ۽ فن جي ڪري، اهڙي لازوال شهرت حاصل ڪئي جيڪا انسانيت جي سموريءَ تاريخ ۾ ڪنهن شاعر تہ ٿهيو، پر ڪنهن باباءِ قوم کي بہ نصيب ڪانہ ٿي هوندي.

هيءَ قدرت جي ستم ظريفي آهي جو لطيف کي محبت بہ هڪ اهڙيءَ ذات جي چوڪريءَ سان ٿي، جنهن ذات جي ڪڌن ڪرتوتن ڪري لطيف کي ان ذات سان لاڳاپيل هر ماڻهوءَ سان ان دور ۾ سخت نفرت هئي. ان بي پناھ نفرت جو اظهار ان جملي مان ٿئي ٿو، جيڪو لطيف سائين، مرزا مغل بيگ جي قتل جي خبر ٻڌي چيو هو.

دنيا جي عاشقن جي تاريخ تي نظر وجهجي ٿي ته انهن کي پرينءَ جي پاڙي جي گهٽيءَ مان لنگهندڙ ڪتي جي پيرن جي مٽيءَ چٽڻ ۾ به لذت ايندي هئي. آءُ سمجهان ٿو ته روميءَ ڪٿي لکيو آهي ته قيس عامريءَ عرف "جناب مجنوں" ليلىٰ جي ڳوٺ جي ڪتيءَ جي پيرن کي چمي ڏني. جڏهن ڪانئس انهيءَ جو سبب پڇيو ويو ته جواب هيءُ ڏنائين ته هيءَ ڪتي ڪڏهن ان رستي تان مٽي هوندي، جنهن تان ليلىٰ گذرندي آهي. اسان جي سنڌ جي رڄ عاشق شاعر حمل فقير ته پرين جي پار جي ڪاري ڪتي تان سڀ لغاري قربان ڪرڻ ٿي چاهيان ( جنهن قبيلي ۾ خليفو نبي بخش ۽ عمر ڪوٽ جو رکوال غلام الله لغاري به هئا). عاشقن جي انهي نموني کي مدنظر رکجي ته پوءِ لطيف کي صرف ان ڪپهه جهڙي مغل چوڪري جي ڪري هر مغل سان محبت ٿي پوي ها. پر نه، لطيف جو عشق انڌو نه هو. هُو پهرين مُحب وطن انقلابي سنڌي هو، پوءِ عاشق. اهوئي سبب آهي جو جڏهن لطيف کي خبر پئي ته مرزا مغل کي دل قبيلي جي ماڻهن قتل ڪري وڌو آهي ته فقيرن مرزا مغل بيگ کي گهٽ وڌ ڳالهايو ـــــ پر لطيف جي زبان مان هي لفظ نڪتا ته "هڪ چڱيرڙو مغل هو". ۽ بس! نه ان جي قاتلن کي پَٽ پاراتا ڏنائين، نه وري محبوب کي راضي ڪرڻ لاءِ سندس پيءُ لاءِ ڪو مرثيو ۽ مدح لکيائين، ڇو ته سنڌي عوام سان مغلن جي روش جي ڪيس پوري خبر هئي. انهن مغلن نه صرف سنڌي عوام کي قتل ڪيو، پر سندن تهذيب ۽ ثقافت کي نيست و نابود ڪيو هو ۽ سنڌي زبان مٿان هڪ غير ملڪي زبان فارسي مسلط ڪئي هئي، ان ڪري لطيف جي دل ۾ انهن مغلن لاءِ ڪابه جاءِ ڪانه هئي.

جن ماڻهن مرزا مغل بيگ کي قتل ڪيو، تن جي باري ۾ تاريخدانن لکيو آهي ته اهي ڏاڙيل هئا. هيءَ ڳالهه آهي ته اڄ تائين انهن ماڻهن کي چور ۽ ڏاڙيل جي لقب ۽ نالي سان لکيو ۽ سڏيو پيو وڃي، سوال هيءُ آهي جيڪڏهن ڏاڙيل، قاتل ۽ ڦورو هئا ته پوءِ پٽ ڏٽي انهن قاتلن لاءِ ڪو هڪ اکر مذمت جو ئي ڇوي ها، ڇو ته اهي بهرحال انهي هستيءَ جي پيءُ جا قاتل هئا، جنهن هستيءَ جي ڇيڇ جي محابي لطيف هيڏيءَ فڪري بلنديءَ تي پهتو، ٻين جو چوڻ آهي ته انهن ڏاڙيلن کي لطيف اياريو هو، ته وڃي مغل بيگ کي قتل ڪن، جيئن سندس ڏيءَ سان سيد

سڱورو شادري ڪري سگهي. صفا بيوقوفيءَ واريون ڳالهيون! هڪ ته تاريخي طرح ثابت ئي ڪونه ٿو ٿئي ته لطيف جو ڪوبه واسطو انهن ماڻهن سان هو. ڪٿي واسطو هجي به سهي، ته پوءِ انهي ڳالهه جي ڪهڙي ضمانت هئي ته انهي قاتلاني حملي ۾ يا ٻين لفظن ۾ جنگ جو نتيجو لطيف جي مرضي پٽاندر نڪرندو. نتيجو ابتڙ به نڪري سگهيو ٿي. ان ڪري اِهي ٻئي ڳالهيون غلط آهن. نه لطيف پاٽاريدار هو، نه وري اهي ماڻهو ڌاڙيل هئا، جيئن تاريخن لکيو آهي ـــــ ۽ دل قبيلو، سنڌ جو اهو محب وطن ۽ باغيرت قبيلو آهي، جنهن پنهنجي مادرِ وطن مان مغلن جا پير اکيڙڻ لاءِ سر جون سٽون ڏنيون، بهادري سان وڙهيا ۽ پنهنجي ڪَر کي ڪنهن به ٽڪو نه لاتائون. انهن ئي ماڻهن جي قربانين جو نتيجو آهي، جو ورهاڱي ڪان اڳ هتي مغل يا ارغون ذات بنهه هجڻ جي برابر هئي. مغلن، دل قبيلي سان جيڪي عقوبتون ڪيون هيون، تن جو انتظام هو هر موقعي ۽ مهل تي وٺندا ٿي رهيا. سنڌ ۾ جڏهن مغل اقتدار ڪزور ٿيو، تڏهن سنڌ جي محب وطن ماڻهن، جن ۾ دل به شامل هئا، تن رهيل مغلن جو صفايو ڪرڻ شروع ڪيو ۽ مرزا مغل بيگ خلاف ڪاروائي به انهي سلسلي جي ڪڙي هئي ـــــــ ته پوءِ اهڙن محب وطن ماڻهن خلاف لطيف ڪيئن ٿي گُٿو لفظ زبان مان ڪڍي سگهيو ـــــ پر جيئن ته مرزا مغل بيگ سندس محبوب جو پيءُ هو، ان ڪري، انساني فطرت موجب چئي ڏنائين ”يڪ بهه مغل بود“ مغلن جي مرڪزي حڪومت جي ڪمزوري ڪان پوءِ سنڌ ۾ مغلن ۽ ساڻن لاڳاپيل قومن جي خلاف، جيڪي ڪاروايون ٿيون پيئي، سي هوبهو اهڙيون ڪاروايون هيون، جهڙيون ڪاروايون ڪانگو مان بيلجم جي ٻچي نڪرڻ ڪان پوءِ شيدين يورپي ماڻهن سان پئي ڪيون. جن جو دلچسپ تذڪرو، برگيڊيئر گلزار احمد لکيو آهي. ان ڪري دل قبيلي کي ڌاڙيل سڏڻ سنڌ جي محب وطن ماڻهن جي توهين آهي.

انهي پس منظر جي روشنيءَ ۾، آئون لطيف کي محبِ وطن عوام دوست، انقلابي، آزاد سنڌ جو علمبردار، امن جو پيغمبر ۽ هيٺين طبقي جو حامي سمجهان ٿو هن کي نه صرف پنهنجي سرزمين سان محبت هئي، پر عوام سان به عشق هو. هو هر قسم جي غلاميءَ جو دشمن، آزاديءَ جو ڪوڏيو ۽ جنگ جو ويري هو. هو پنهنجي تاريخي شعور جي روشنيءَ ۾ هن

نتيجي تي پهتو هو ته آزادي، هر انسان جو پيدائشي حق آهي، جنهن کي ختم ڪرڻ سموري انسان ذات کي قتل ڪرڻ جي برابر آهي. امن هن ڪائنات جي فرد جي ضرورت آهي. امن جي ذريعي ئي تهذيب جي اوسر ٿئي ٿي، تمدن وڌي ٿو، فڪر ۽ فن نسري ۽ نِکري نروار ٿين ٿا. جنهن انسان، فرد، قوم ۽ فنڪار کي پنهنجي سرزمين ـــــــ ان جي عوام جي آزادي ۽ خوشحاليءَ سان محبت ناهي، سو خود غرض ۽ مطلبي آهي ـــــ ۽ اِها وصف حيوانيت جي به هيٺئين درجي جي آهي.

مون لطيف کي، پنهنجي گهٽ علم ۽ عقل آهر ائين سمجهيو آهي ۽ انهيءَ پروڙ جي روشني ۾، آئون يڪ ڏٺي ڪن بيتن ۽ بيتن جي سِٽن جي سمجهاڻي لکي رهيو آهيان. ظاهر ڳالهه آهي ته اِهو منهنجو نقطئہ نظر آهي ۽ انهيءَ نقطئہ نظر موجب مون هي رندا روڙيا آهن.

**ـــــــ عبدالواحد آريسر**

◆

”الست بربکم“ جڏهن ڪن پيوم،
”قالوا بلیٰ“ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سان !

لطيف جي نظر ۾ حقيقي معرفت جا ڪيترائي رستا ۽ راهون آهن، جن مان هر هڪ پرين تائين پهچڻ جو ذريعو ۽ وسيلو آهي. اهو ماڻهو جي مرضي تي ڇڏيل آهي ته هو پاڻ ڪهڙو رستو ۽ راهه تو پسند ڪري. ان معاملي ۾ متس ڪابه پابندي ۽ قانوني جڪڙ مڙهي نه ٿي سگهجي. جيسين تائين لطيف جو تعلق آهي ته هن حقيقي معرفت ماڻڻ لاءِ حب الوطني ۽ عوام دوستي وارو گس پسند ڪري، ان تي هلڻ شروع ڪيو ۽ حقيقي معرفت جي مئي خاني تائين وڃي پهتو. دنيا جي صوفين ۽ شاعرن جي ڊگهي قطار ۾ صف مان لطيف پهريون صوفي شاعر آهي، جنهن الاهي عشق جا جلوا ۽ جوهر، پنهنجن ماڻهن ۾ ڏِٺا ۽ پسيا ــــــــ ۽ ڪيس ڪائنات ۾ صرف انسان نظر آيو، جيڪو ڪنهن ازلي ۽ ابدي آواز جو پڙاڏو هو. اهوئي سبب آهي جو هن چئي ڏنو: ”الست بربڪم . . . . . . الخ“

يعني مذهبي نقطي نگاهه موجب الله سائين روحن کان پنهنجي معرفت ۽ محبت جو اقرار ڪرائيندي چيو ته چا، آءٌ توهان جو رب ناهيان؟“ ان وقت مون چيو، ”بيشڪ تون منهنجو رب آهين، پر منهنجي عشق ۽ محبت جو مرڪز منهنجا مارو آهن، انسان آهن، ماڻهو آهن. آءٌ تو تائين انهن ماڻهن سان عشق ۽ محبت ڪرڻ ذريعي ئي پهچندس.“

انهي بيت ۾ ٻه ڳالهيون ڏيان ۾ لهڻيون ٿيون:

**هڪ: انسان جي اهميت:** ۽ ان سلسلي لفظ ”ويڙهيچن“ مان خبر پوي ٿي ته لطيف جو وچن، واعدو، اقرار ۽ قول، ڪن خاص ماڻهن، خاص تهذيب تخليق ڪندڙن ۽ خاص سماجي ۽

معاشي زندگي گذاريندڙن سان آهي. اهي آهن غريب عوام، جيڪي ڪوٽن ۽ محلن جي بدران لوڙها ۽ ويڙها ناهي، پنهنجي سماجي زندگي گذارين ٿا. اهڙن ماڻهن سان لطيف ڪي محبت آهي، عشق آهي، انهي باري ۾ به لطيف پنهنجي سوچ ۽ فڪر ۾ يڪتا ۽ منفرد آهي. جو هن پنهنجي شاعري ۾ پنهنجن ماڻهن، هم قوم ۽ هم زبان انسانن سان همدردي نه پر محبت جو اظهار ڪيو آهي ـــــ ۽ اِهو ان وقت ئي ممڪن آهي، جڏهن هڪ فنڪار پنهنجي فنڪارانه انا کي ڇڏي، پاڻ کي عوام جي صفن ۾ شامل سمجهي.

ٻيو: آهي لفظ، "وچن" ـــــ انهي مان مراد آهي اهڙو واعدو، انجام يا اقرار، جيڪو دل جي گهراين ۽ سمورين صداقتن سان ڪيو وڃي. انهي لفظ ۾ جيڪا گهرائي، پختگي ۽ رومانيت آهي، سا اقرار، انجام، قول قرار ۽ وعدي ۾ هرگز ناهي. ڪن خاص علائقن ۾ "وچن"، ان وعدي کي چيو ويندو آهي، جيڪو عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ ٿيندو آهي؛ ۽ جنهن ۾ عام طرح عورت پنهنجي سينڌ ۽ مرد پنهنجي مڇ تي هٿ رکي واعدو ڪندا آهن. اهڙي وچن کان پوءِ سر وڃي ته وڃي، پر سخن ڪوڙو نه ٿئي. لطيف به عالم ارواح ۾ پنهنجي عوام سان وچن ڪيو هو، جنهن کي توڙ تائين نڀائيندو رهيو. انهي سلسلي ۾ بنيادي نقطو آهي، انسان جي وفاداري جو مرڪز ڪير ۽ ڪيترو؟ انسان جي وفاداري جو مرڪز گهٽو ڪري تمام ننڍڙو ٿيندو آهي، يعني بنهه محدود سپ کان پهرين پنهنجي ذات، پوءِ زال، محبوب، ٻار، ماءُ پيءُ ۽ ڪٽنب ـــــ اتان وڌيو ته پنهنجو قبيلو ۽ بس! دنيا ۾ جيڪي خرابيون ۽ بربادين، تباهيون ۽ ويرانيون پيدا ٿينديون رهيون آهن، تن جو بنيادي ڪارڻ انسان جي وفاداريءَ جو دائرو ئي پئي رهيو آهي.

لطيف جو سمورو ڪلام پڙهي ڏسجي ته ته منجهس پنهنجيءَ ذات، قبيلي يا فردِ واحد سان وفاداريءَ جو هڪ هڪ ننڍڙو ذرو به نظر ڪونه ٿو اچي. هن پنهنجي خاندان سان وفاداري جو ڪٿي به اظهار نه ڪيو آهي. پنهنجي وڏن جي زبان عربيءَ کي پنهنجي معمولي ڏيان جو به لائق نه سمجهيو آهي. پنهنجي طبقي سان به ڇڻ ڪيس قطعي لڳاءُ نه آهي. وڏن ماڻهن جي عشق کي به ڪنهن پسند جي نظر سان نه ڏٺو اٿس. مثال طور: سسئيءَ جو عشق هڪ سردار سان آهي ته اُن جي باري ۾ چئي ٿو ڏئي ته:

"ڪهڙو سڱ سياپو، جيجان تن جتن سان ! "

ان جي ابتڙ هن مارئيءَ جي ڪردار ڪي نہ صرف حب الوطنيءَ واري نقطہ نظر سان ساراهيو آهي، پر ڪيت سان سندس محبت واري جذبي ڪي بہ اوج ۽ عروج تي پهچائي ڇڏيو آهي؛ ڇو تہ مارئيءَ جو محبوب سندس همہ قوم ۽ ساڳئي طبقي سان تعلق رکي ٿو. سسئيءَ جو محبوب، نہ صرف ڌاريو آهي، پر مٿئين طبقي سان تعلق رکي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو لطيف سائينءَ جو وفاداريون، سموري غريب عوام سان آهن. هن جي وفادرين ۽ محبتن جي سرحد، اول سموريءَ سنڌ جي عوام، پوءِ پوري برصغير جي عوام ۽ آخر ۾ تمام عالم جي مظلوم ۽ پيڙيل قومن ۽ عوام تائين وسيع ۽ پکڙيل آهي. اهوئي ڪارڻ آهي جو هر جڳهہ تي مائروڻن، سانگيڙن، جهانگين، جوڳين ۽ سامين سان پنهنجي نينهن جي ناتي جو ذڪر ٿو ڪري، ان معاملي ۾ سندس سماجي شعور انتهائي بلند آهي ۽ هو انهيءَ شعور جي پختگيءَ جي روشنيءَ ۾ سمجهي ٿو تہ ڪنهن ملڪ جي تهذيب ۽ ثقافت، مادي ۽ روحاني قدرن جو محافظ ۽ معمار عوام ئي هوندو آهي. عوام ملڪن ۽ وطنن جي اصلي قوت ۽ اقتدار جو سرچشمو هوندو آهي. عوام کان سواءِ نہ مُلڪ مُلڪ هوندو آهي ۽ نہ وطن، وطن؛ نہ ڌرتيءَ تي سونهن جا سلا ۽ جوين جا ڦول ڦٽندا آهن ۽ نہ سچائيءَ ۽ خوشبوءَ جا ڦوڳ ڦُلاريا آهن؛ نہ شام ۾ شفق جي خوبي ۽ خوبصورتي پيدا ٿيندي آهي، ۽ نہ ئي زندگيءَ ۽ زنده دليءَ سان ڀرپور ٽهڪ گونجندا آهن. نہ پوُڻ پٽڪو رهندو آهي، نہ ئي وري ڪنهن ٻڪر جي ڏانهن پرندي آهي. جنهن عوام سان هن ڪائنات ۾ ڪيئي جوين راتيون مينهن ۾ ڀڄندي ڊول سان ڀن پولن ذريعي حياتيءَ جون خالق بنجي وڃن ٿيون، سوئي حقيقي ۽ صحيح معنيٰ ۾ حاڪم ۽ ڄام آهي. سنڌ ۾ "ڄام" وقت جي حاڪم جو لقب هوندو هو، پر لطيف، "ڄام" جو ڇٽُ حاڪمن جي مٿي تان لاهي، سنڌي عوام جي خوبصورت ويڙل مٿن تي رکيو ۽ انهيءَ عوام کي ڄام ڪري ڪوٺيائين ـــــ ڇوتہ اهو ڄام وارو ڇٽ جوڙڻ وارو عام ماڻهو آهي:

جُهوپا جهانگيڙن جا، ماڙيءَ سين نہ مَٽيائين،

ڪٽيءَ منجهہ ڪٽيائين، ماڙُو ڄام ملير جو ! . . .

(هڪ وائي جون ٻه سٽون)

انهيءَ عام ماڻهوءَ جي قبضي ۾ جڏهن ڪوڏر ئي اچي ته پاڻيءَ جا رخ موڙي ٿو. سندس هٿ ۾ جڏهن هَر جو منيو ٿو اچي ته سڪل ٺوٺ زمين، جهومندڙ کيتن جي روپ ۾ نروار ٿي ٿئي. سندس هٿ ۾ جڏهن ونجهه ٿو اچي ته هيرا لعل سموهي صرافڪيون بازاريون رونقدار ٿو بنائي. سندس ڪنوارو هٿ، جڏهن سُسئيءَ کي ٿو ڇُهي ته ڪيئي ڪتڻهار ڪڙي ٿا پون. جڏهن پورهيت جو سگهارو هٿ واهولي ۽ رندي ڏانهن ٿو وڌي ته ڪيئي تخت پنگ سُرهيءَ سيج لائق بنجيو وڃن. اهو عوام ئي آهي، جيڪو برن ۾ بازاريون، رُڃن ۾ رابيل ۽ بيابانن ۾ بهاريون ٿو پيدا ڪري. اهو عوام ئي آهي، جيڪو پنهنجي رت ۽ پگهر سان قومن جي زندگيءَ کي ثقافتي ۽ روحاني خزاني سان مالامال ڪري، قومن کي صدين تائين نه پر هزارين سالن تائين زنده سالم، قائم ۽ دائم رکندو آهي. اهو عوام ئي آهي، جنهن جي محنت ۽ هنر سان هي اُڀ ـــ چمندڙ عمارتون، هي چانڊاڻا ۽ مانڊاڻا، هي رنگ رتول ۽ ڀَهه ڀَهه ٻول آهن. ان ڪري حقيقي ۽ صحيح معنيٰ ۾ حڪومت ۽ اقتدار جو صحيح سچو ۽ اصلي وارث، مالڪ ۽ مختار عوام ئي آهي. اهو هر قسم جي اعزاز هر قسم جي محبت، هر قسم جي ساراهه ۽ واکاڻ، هر قسم جي انعام جو حقدار آهي. جيڪو به شخص، عوام کان اهو حق ۽ اعزاز ڦري ۽ ڦٻائي ٿو، سو هر قسم جي لعنت ۽ ملامت جو مستحق آهي. ان جي لاءِ لطيف جي دل ۾ ذري جيتري به گنجائش ڪانهي. باقي ماڻهوءَ جو ته لطيف عاشق آهي ـــ ڇو ته هن جي نظر ۾ هن ڪائنات جي سونهن ۽ سوڀيا ۽ سپنن جي ساڀيا جو مُحرڪ عام ماڻهو آهي. عوام جي ئي جوش ۽ جذبي سان ملڪ ۽ قومون قائم ۽ متحرڪ رهن ٿيون. انهن ماڻهن جي ارادن اڳيان پهڻ پهٽيون ٿيو وڃن. جن جي دلين ۾ فڪر ۽ فن صدين تائين زنده ۽ سلامت رهندو آهي، انهن جي ئي ذوق ۽ شوق جي حوالي سان هڪ سچي ۽ عوام دوست فنڪار جي تخليقي صلاحيت کي ايرڻ، اسرڻ ۽ پروان چڙهڻ جا موقعا ملندا آهن. جيڪڏهن اهو عوام ۽ مارو ماڻهو نه هجي ته نه ملڪ سلامت رهي سگهن ٿا، نه قومون زنده بچي سگهن ٿيون، نه تهذيبون ۽ تمدن پنهنجا آب تاب برقرار رکي سگهن ٿا. نه

شعر ۽ فن پنهنجي آفاقيت ۽ همہ گيري، گهرائي ۽ گيرائي، دلڪشي ۽ شيريني، لطافت ۽ نفاست ئي باقي رکي سگهن ٿا.

لطيف، عوام جي انهيءَ طاقت ۽ صلاحيت کان پوريءَ ريت واقف هو. ڪيس خبر هئي ته اِهو عام ماڻهو، جيڪو نبل ۽ نستو نظر اچي ٿو، جيڪو ويچارو ۽ ويڳاڻو ڏيکائي ڏئي ٿو، ان جي اکين ۾ جڏهن ڪنهن ارادي جي جوت جلي ٿي، سندس سيني ۾ جڏهن شينهن جي دل ڌڙڪڻ شروع ڪري ٿي، سندس نگاهون جڏهن اُلا وسائڻ شروع ڪن ٿيون، سندس ٻانهن ۾ جڏهن ڪوئي انوکو ٻل پوي ٿو ـــــ ان وقت اهو نستو ۽ نبل، اِهو ويچارو ۽ ويڳاڻو ماڻهو هڪ قهر آهي، هڪ طوفان آهي؛ جيڪو لشڪرن ۽ فوجن جا پير اکيڙي، رڻ پٽ ۾ ڪک پن وانگر اجلائي ڇڏيندو آهي. هڪ زلزلو آهي، جيڪو شهنشاهن ۽ آمرن کي تاجن ۽ تختن سميت عوام جي پيرن ۾ اجلائي ڇڏيندو آهي. هڪ تير آهي، جيڪو ڏاڍن جي جگرن کي پروڻ بنائي ڇڏيندو آهي ـــــ ۽ ان وقت تائين اڻٽي وڌندو رهندو آهي، جيسين پنهنجي منزل تئو ماڻي، پنهنجي ماڳ تائين نہ ٿو پهچي، ۽ ستارو کي سجدي ڪرڻ تي مجبور نہ ٿو ڪري. اهو عوام هڪ اهڙي طاقت هوندو آهي، جيڪا جڏهن سجاڳ ٿي، تڏهن جهڪڻ کان قطعي انڪار ڪندي آهي؛ ۽ ان جي صفن ۾ جيڪو بہ شامل ٿيو، تنهن زندگي ماڻي. اهڙيءَ طاقت لاءِ دعا ڪندي، لطيف چوي ٿو:

جِين سي سنگهار، جنين اجهي گهاريان،
لهي سي سار، و چ ولهين ڏينهڙئين !

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

**هي هنڌ، پيٽيون هاڻ، ساڙيان سپ ڏيهين ريءَ،**
**ڪُل شيءِ يرجعُ اِلي اَصلہٖ، تي جهجان جهانگين ڪاڻ،**
**پِري پنهنجي پاڻ، پسان مُلڪ ملير جو !**

هڪ محب وطن انقلابي ۽ عوام دوست انسان، پنهنجي سرزمين سان محبت ڇو ٿو ڪري ـــــ اُن ڪري، جو ان سرزمين ۾ اهي انسان ٿا رهن، جن جي گڏيل محنت ۽ جفاڪشيءَ سان ئهيل ۽ راس ٿيل سماج، ان انسان کي هڪ اعليٰ، سچو ۽ بي پناه شعور عطا ڪيو آهي؛ جنهن شعور جي روشنيءَ ۾ هو پنهنجي سرزمين جي هر شيءَ کي واضح ڏسڻ لڳو آهي. انهي سرزمين ۾ رهندڙ انهن پيارن انسانن جي قربانين ۽ ڪوششن، ان سرزمين جي تهذيب، زبان، تاريخ، روايتن، هنرن ۽ ادب جي نيسارن جي اوسر جي سرچشمن کي جاري رکيو آهي. جن انسانن نسل در نسل ۽ پيڙهي بہ پيڙهي، پنهنجي پنهنجي عظيم ۽ لافاني پورهئي سان ان سرزمين ۽ وطن کي ان لائق بنايو، جو ان جي سانورين سانجهين ۾ انسان جي من اندر جيءَ جهوريندڙ ۽ دل لپائيندڙ ڪائي جهانجهہ وڃي ٿي، ڏيارين جا ڪيئي ڏيا ٻري ٿا پون ۽ انسان جي اندر جي دنيا حسين ۽ رنگين بنجي ٿي وڃي. اِها سرزمين ۽ ان جون سموريون خوبصورتيون، ان ۾ رهندڙ ماڻهن جي ڪري ۽ ماڻهن لاءِ ئي آهن. شهر ۾ واهڻ، ٻنيون ۽ کيت، ڪارخانا ۽ فيڪٽريون، روڊ ۽ پيچرا، اپ ـ سريکيون عمارتون ۽ پرينءَ جي پيشاڀءَ جهڙا ميدان، ڌرتيءَ جي انهن فرزندان لاءِ آهن، جن پنهنجي پورهئي، محنت ۽ هنر سان انهن ۾ پنهنجي ذهني ۽ جسماني تخليق جو جوهر اوتيو. پوءِ جڏهن اهي سموريون شيون، انهن ڌرتيءَ ڃاون کان ڦرجي وڃن، ان وقت هڪ محب وطن ۽ عوام دوست باشعور ماڻهو ائين چوندو تہ جن ماڻهن جي ڪري آءٌ هن سرزمين ۽ ان جي شين سان پيار ٿو ڪريان، اهي شيون جيڪڏهن منهنجن پائرن ۽ پيرن جي ڪتب نہ ٿيون اچن تہ

پوءِ انهن کي باهه ڏئي، ساڙي، تباهه ڪري ڇڏيان، جو ته انهن تي ڌارين لٽيرن ۽ بين الاقوامي غنڊن جو قبضو ٿي ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو لطيف چوي ٿو ته:

”هي هنڌ، پيٽيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ري ! “

جنگي قانون آهي ته پنهنجي ملڪ جا اهي ذريعا ۽ وسيلا جيڪي دشمن جي قبضي ۾ اچي، ان جي مضبوطيءَ جو ڪارڻ بنجن، تن کي تباهه ۽ برباد ڪري ڇڏڻ گهرجي. هي عام مشاهدي جي ڳالهه آهي ته جڏهن ملڪ جي ڪنهن حصي تي دشمن جو قبضو يقيني ٿي ويندو آهي، ان وقت ڏيهي فوج پوئتي هٽڻ وقت هيءَ حڪمت عملي اختيار ڪندي آهي، جو پاڻي جا ذخيرا، راشن جا گودام، کوهه، رستا، پليون ۽ آرام ڪرڻ واريون جايون ختم ڪري پوئتي هٽندي آهي، ته جيئن قابض ۽ غاصب قوم جي فوج ۽ لشڪر کي اڳتي وڌڻ، قبضي کي مضبوط بنائڻ ۽ وڌيڪ علائقي تي تسلط ڄمائڻ ۾ آساني نه ٿئي.

دشمن جي قبضي وقت پنهنجي مُلڪ کي پڙ پانگ بنائي، دشمن کي راشن کان محروم ڪري پوئتي هٽي وڃڻ تي مجبور ڪرڻ واري حڪمت عملي، سنڌين جي جنگ ۽ ويڙهاند جو پراڻو روايتي هٿيار آهي، جيتوڻيڪ مون کي تاريخي طرح اهڙي ثابتي نه ملي آهي ته سنڌين لشڪر ۽ سپاهه گڏ ڪري وڃي ڪنهن ٻئي ملڪ تي قبضو ڄمايو هجي. انهيءَ ڳالهه ۾ رڳو سنڌ ئي ان خصوصيت جي اڪيلي حامل ناهي، پر پوري برصغير جا سمورا خطا ۽ سموريون قومون پنهنجن پنهنجن علائقن کان ورلي ڪي ٻاهر نڪتيون هونديون تاهم اندروني طرح سنڌين، تاريخ جي هر دور ۾ جنگ جو هر اهو طريقو آزمايو آهي، جنهن سان پنهنجي ملڪ کي ڌارين جي قبضي کان آجو ڪرائي سگهجي. انهي طريقي ۾ دوبدو جنگ، ڇاپا مار جنگ، ملڪي وسيلا تباهه ڪري دشمن جي لشڪر کي اڃ ۽ بک وگهي هيڻو ڪرڻ ۽ فاتح سان ڪنهن به قسم جو تعاون نه ڪرڻ ـــــ شامل آهي.

جڏهن مغل بادشاهه همايون سنڌ ۾ داخل ٿيو ته سنڌي عوام، ٻئي ويڙهه شروع ڪئي. اِهي پنهنجي ملڪ ۾ اڳيئي مرزا شاهه حسن ارغون سان عدم تعاون ۽ ڇاپا مار جنگ ۾ شروع هئا، ۽ جيئن ئي همايون سنڌ ۾ داخل ٿيو ته هنن بکر کان عمر ڪوٽ تائين سموريءَ

سنڌ جا پٽڻ ۽ پيڙيون تباهه ڪري ڇڏيون، ۽ باغن ۽ فصلن کي ساڙي ڇڏيو. انهيءَ عمل ايتري تہ تيزي اختيار ڪئي، جو سموري سنڌ ذري گهٽ انهيءَ هتراڌو ڏڪار جي لپيٽ ۾ اچي وئي، ۽ همايون کي پنهنجو لشڪر تباهه ڪرائي، سنڌ جا وڻ ڇڏڻا پيا.

مٿئين شعر جي پهرينءَ سٽ ۾ لطيف سنڌين کي اِهو پراڻو سبق تہ ياد ڏياري ۽ هڪ عام جنگي اصول جي وضاحت تہ ڪري تہ ــ واقعي مجيوسين تہ توهان جي محڪوم ملڪ ۾ فلڪ بوس عمارتون آهن؛ دريائن جا رخ موڙيندڙ ڊيم ۽ پليون آهن، عظيم الشان ڪارخانا ۽ فيڪٽريون آهن، بي انداز کيت ۽ پنيون آهن، بي انت تعليمي ادارا ۽ درسگاهون آهن؛ ڪيتريون ئي خوبصورت اسپتالون ۽ صحت گهر آهن؛ فوجي ڇانوڻيون ۽ ٿاڻا موجود آهن؛ ڪورٽون، آفيسون ۽ بئنڪون قائم آهن، پارڪ تفريحي هال ۽ سئنيمائون ٺهرايون ويون آهن؛ پر ڇا انهن ۾ ڪو ڏيهي ماڻهو بہ آهي؟ جيڪڏهن انهن ۾ ڏيهي ماڻهو ناهي ۽ اهي ڌارين قورن ۽ غاصبن جي قبضي ۾ آهن ـــــ جيڪي انهن شين جي پيدائش ۽ دولت جي وسيلي پنهنجي قبضي ۽ قرلت کي دوام بخشي رهيا آهن ـــــ تہ پوءِ اهي سڀ شيون ساڙڻ ۽ تباهہ ڪرڻ گهرجن ؛ ڇو تہ انهن مان ڏيهي ماڻهن کي ڪوبہ فائدو ناهي، رهندو ڪيس وڏيڪ تباهيءَ ۽ تباهہ حاليءَ ڏانهن ڌڪيو تہ وڃي ان ڪري ڏيهي ماڻهوءَ کي غلاميءَ ۽ محڪومي مان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ انهن سيني شين ۽ ذريعن کي تباهہ ڪرڻ گهرجي، جيڪي دشمن جي قبضي جي مضبوطيءَ جو سبب آهي. ان ڪري ئي لطيف کي چوڻو پيو تہ:

”هي هنڌ، پيٽيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ريءَ !“

ان تشريح ۽ وضاحت جي روشني ۾ ئي لطيف جي انهي سوچ کي ڏسڻ گهرجي، جنهن ۾ چيو اٿس تہ:

”پنهل ڪان پوءِ، ڏجي باهه پنيور کي! “

اهو پنيور ڪهڙي ڪم جو، جنهن ۾ ”پنهل“ (ڏيهي ماڻهو، مارو) ناهن. اهڙي پنيور کي واقعي باهه ڏيڻ گهرجي. افسوس سان لکڻو ٿو پوي تہ ڪجهہ وقت اڳي پير علي محمد راشدي جهڙي دانشور ”پنهل ڪان پوءِ ڏجي، باهه پنيور کي“ جي تشريح ڪندي لکيو هو تہ انهي فڪر

ذريعي سنڌي عوام کي دنيا ترڪ ڪرڻ جو سبق ڏئي، ڪين قومي مسئلن ۽ معاملن کان الڳ رکڻ جي تعليم ڏني وئي آهي؛ جنهن مان هو اڃا تائين جند آزاد ڪرائي نه سگهيو آهي، پر راشدي صاحب جيڪڏهن سر سسئي جي انهي سٽ کي، سر مارئي جي متي نقل ڪيل بيت جي سٽن جي روشني ۾ ڏسي ها ته پوءِ ڊاڪٽر اقبال ۽ مولانا مودودي وانگر ائين بيڌڙڪ فتويٰ نه ڏئي ها!

"ڪل شيءِ يرجع الا اصله، تي جهجان جهانگين ڪاڻ"

تاريخ ۽ فطرت جا اٽل ۽ ناقابل تنسيخ قانون ٻڌائين ٿا ته هر قريل ۽ ڦبايل شيءِ نيٺ اصلي مالڪن کي موٽي ملندي ۽ موٽي ملڻ گهرجي. قرض ورتل شيءِ، اڌاري ڪنيل چيز ۽ چورايل مال تان ڪنهن به صورت ۾ اصلي مالڪن جو حق ڪڏهن به ختم نه ٿو ٿئي ـــــ پوءِ وقتي طرح ڪٽي مقروض، اوڌر ڪٽندڙ ۽ چور ڪيڏو به طاقتور ٿي وڃي، پر سندس طاقت ۽ قوت سبب سندس قبضو جائز هرگز نه ٿو ٿي سگهي، فطرت جي انهي قانون جي روشني ۾ مارئي به اصلي مالڪن کي ملڻ گهرجي، مارن جو ماڳ به ماڙن جي حوالي ٿيڻ گهرجي، ۽ ڪاهڙ جا ڪيت ۽ پارڪر جا پٻ به ڍٽين کي موٽي ملڻ کپن.

لطيف نه رڳو اهو ٿو چوي ته اهي شيون مالڪن کي ملڻ گهرجن، پر هو تاريخ جو هڪ اٽل قانون ٿو ٻڌائي ته هڪ ڏينهن اهي شيون اصل مالڪ کي ضرور موٽي ملنديون، پر شرط آهي ته مالڪ پنهنجي دعويٰ تان دستبردار ٿي، پنهنجي جاکوڙ ختم نه ڪن. "جهانگين ڪاڻ جهجڻ" هر حالت ۾ موجود رهڻ گهرجي. ها، واپسيءَ ۾ وقتي دير يا رڪاوٽ پيدا ٿي سگهي ٿي.

انسانيت جي پوري تاريخ، انهيءَ ڳالهه جي شاهد آهي ته حق حقدارن کي ملندو. عربن، اٺ سو سال اسپين تي قبضو قائم رکيو، پر اڄ اسپين اصلي مالڪن وٽ آهي. هندستان تي مغلن، پٺاڻن ۽ انگريزن ٻارهن سو سال حڪومت ڪئي ۽ فرزندانِ زمين کي چيپاٽيو، پر اڄ هندستان اصلي مالڪن وٽ آهي. تاريخ جو اهو ئي اٽل قانون لطيف مٿينءَ سٽ (ڪُل شيءِ يرجع الخ) ۾ بيان ڪيو آهي، ۽ انهيءَ ئي ناقابلِ تنسيخ قانون کي ڏسي، برصغير جي عظيم دانشور ابوالڪلام آزاد چيو هو ته:

”تاريخ هميشہ هر قوم جي پيدائشي حق ۾ پاسو بدلائيندي آهي. هو سامهون ڏسو لال قلعي جي بُرج تي آزاد هندستان جو جهندو جهولي رهيو آهي. اِهو، اُهو جهندو آهي، جنهن کي ڏسي غير ملڪي سامراجي طاقت ٿهڪ ڏيندي هئي. پر اڄ تاريخ هندستاني قوم جي پيدائشي حق ۾ پاسو بدلايو آهي ۽ غير ملڪي حاڪم پنهنجي پوري غرور سميت هميشہ هميشہ لاءِ هتان هليا ويا آهن ـــــ ڪڏهن وري فاتح جي حيثيت ۾ نہ اچڻ لاءِ !“

لطيف، ڪيترو وقت اڳ ۾ اِهو قانون، اسان کي پڙهائي چڪو آهي، پر اسان نہ صرف ان قانون کي دليان لاهي ڇڏيو آهي پر ”جهيڙ ۽ جهوري“ بہ اسان کان جهڙو ڪر موڪلائي وئي آهي.

يري پنهنجي ياڻ، پسان ملڪ ملير جو.

تاريخ جي قانون مطابق ”جهانگين ڪاڻ جهيڙ“ يا ”جهانگين جي جهوري“ لازم آهي، تہ پوءِ اهو جهيڙ ۽ جدوجهد انهيءَ قانون ۽ عقيدي تي ايمان جي روشنيءَ ۾، ان وقت تائين جاري رهڻ گهرجي. جيسين تائين فيصلو جدوجهد ڪندڙ قوم، جماعت ۽ تنظيم جي حق ۾ صادر نہ ٿئي ـــــــ ۽ پوءِ جڏهن ائين ٿئي تہ اهي ” هنڌ ۽ پيٽيون“ سينگارڻ گهرجن، جو تہ اهي اڳي جيترين نقصانڪار هيون، هاڻي اوترين ئي فائديمند، عزت لائق ۽ ڏيهي ماڻهن جي خوشحاليءَ جون ضامن هونديون: يعني جڏهن واهون ۽ وسيلا ۽ پنهنجي ڀلائيءَ جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ اچي وڃي، تہ پوءِ پوري عوام ۽ پوريءَ قوم کي انهي وسيلن جي ترقيءَ ۽ تعمير ۾ ڀرپور حصو وٺڻ گهرجي، جو تہ جڏهن اهي وسيلا ۽ حق ڪنهن ٻئي جي اختيار ۽ اقتدار ۾ هوندا آهن، ان وقت ملڪ ۾ ڪٽي ڪهڙو بہ نظام ۽ سلسلو رائج هجي، پر ان مان گهر جي اصلي وارثن کي ڪوبہ فائدو پهچڻو ئي ناهي. اهوئي سبب آهي جو دنيا جي سيني ڏاهن ماڻهن جي متفقہ ۽ يڪراءِ فيصلو آهي تہ جڏهن بہ حق ۽ وسيلا پنهنجن هٿن مان نڪري ٻين جي هٿن ۾ اچن، تہ انهن کي ورائي پنهنجي هٿن ۾ آڻڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ۽ جدوجهد ماڻهن تي لازم ٿئي ٿي ـــــ تہ جيئن قدرت جي اٽل اصول جي تقاضا آهي، سندن سمورن حقن ۽ وسيلن تي سندن پنهنجو اقتدار هئڻ گهرجي ۽ سندن هر شيءِ تي قبضو بہ سندن پنهنجو ئي هجي. هنن جي قومي، پنچاتي

۽ راڄوٽي فيصلن تي ڪابہ ڌر ڪوبہ ٽولو، ڪابہ جماعت ۽ راڄوٽي فيصلن تي ڪابہ ڌر ڪوبہ ملڪ اثرانداز نہ ٿيڻ گهرجي.

انهيءَ سموري بحث ۽ چند چاڻ ڪي لطيف سائين صرف هڪ سٽ ۾ بيان ڪيو آهي تہ:

پري پنهنجي پاڻ، پسان ملڪ ملير جو!

يعني: آءٌ جيڪا زور زبردستيءَ ۽ طاقت سان پنهنجي ملڪ ملير مان بيدخل ڪئي وئي آهيان، سا پنهنجي جهانگين ڪاڻ جهُران ۽ جهڄان، ۽ تاريخ جي قانونن پٽاندر وري پنهنجي ملڪ ۾ وسان ۽ آباد ٿيان.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

جي هِت هُئي مارئي، تہ لڄم ڪَر ڪيٽاس،
اردا سيم عُمر ڪي، ويجهو تي وٽانس،
جي نہ ڇڏيائين، ڪِ جهليائين، پنهنجو انگ آڇيانس،
لاهي لوهہ لطيف چئي، هِتان هُوند هلانس،
موڪي ملير سامهين، وٺي ٻانهن وڃانس،
رهبر ٿي ريڙهيانس، سُونهاري ساٽيهہ ڏي!

لطيف جو هيءُ بيت، حقيقت ۾ اسان جي ادبي دنيا لاءِ هڪ منشور، هڪ پروگرام، هڪ هدايت ۽ هڪ رهنما اصول آهي. هڪ ماڻهو، هڪ جماعت، هڪ قوم ۽ هڪ ملڪ جڏهن محڪوم هجي؛ غلاميءَ ۽ بالادستيءَ جون زنجيرون سندس وجود کي ويڙهي ويون هجن؛ ظلم ۽ ڏاڍ جو ديو، ان جي نڙگهٽ ۾ نيش ٽنبيو رت پيئندو رهي؛ ذهن ۽ ضمير لانگ ٻوٽن هيٺان لتاڙيا رهن، عزت ۽ وقار گهايل هرڻيءَ جيان زندگيءَ جي تلاش ۾ بيابانن اندر ڊوڙندا رهن؛ موت، وحشت، درندگيءَ ۽ خونخواريءَ جو ديو انساني وستين، محفلن، مجلسن ۽ انساني ضمير جي هيٺائيءَ ۽ بيوسيءَ تي اگهاڙو ٿي نچندو رهي، ۽ سندس واڇن مان بي شمار انسانن جو رت ڳڙندو رهي؛ جتي ذهن تي لٺ جو قبضو هجي، سچ لاءِ صليب هجي، گولي قلم کان مٿاهين هجي، علم تي جهالت سوڀ حاصل ڪرڻ جو پهروپ ڌاري، انصاف ۽ حق جي مهانڊين تي ظلم ۽ جبر جي ڏانگي ملي وئي هجي، جتي نہ پيءُ جو پٽڪو سلامت هجي ۽ نہ ماءُ جي هنج ـــ اهڙي وقت ۾ هڪ سڄاڻ ۽ باشعور اديب ۽ فنڪار جو فرض آهي تہ هو انهيءَ سموريءَ صورتحال کي تبديل ڪرڻ ۽ عوام جي مفاد ۾ حق ۽ سچ کي سوڀاري ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري اچي. نہ رڳو نڪري اچي، پر پنهنجيءَ سموريءَ سچائيءَ ۽ سگهہ، پنهنجيءَ سموريءَ ذات ۽ شعور جي روشنيءَ ۾ سچائي ۽ خير جي قدرن جي باري ۾ عوام جي رهنمائي ڪري:

## ارداسيم عمر کي، ويجهو ٿي وٽانس

انهيءَ سموريءَ صورتحال جي باري ۾ ڏاڍن حڪمرانن کي وقت جي چالو سياسي ۽ ادبي زبان ۾ خبردار ڪري، پهرين انهن کي نرم زبان ۾ چوي، سمجهائي ۽ عدم تشدد جو رستو اختيار ڪري. انهيءَ سلسلي ۾ باضمير ۽ با اصول اديب، شاعر ۽ فنڪار کي وقت جي حڪمرانن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻي پوي ته ان ۾ ڪابه هيڪ ۽ هتڪ محسوس نه ڪرڻ گهرجي.

ان سلسلي ۾ هڪ اهم سياسي مسئلو اسان جو ڌيان لهڻي ته آيا ظالمن ۽ ڏاڍن سان گفتگو ڪرڻ، ملڻ، انهن کي پنهنجو موقف ٻڌائڻ جائز آهي يا نه؟ ان باري ۾ هيءَ ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته حق لاءِ جدوجهد ۾ گفتگو جا دروازا اها ڌر بند ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن وٽ دليل جو هٿيار يا ته هوندو ئي نه آهي يا ٻنهه ڪمزور هوندو آهي. حق ۽ انصاف لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڌر يا شخص وٽ دليلن جا بيشمار هٿيار هوندا آهن، ان ڪري مخالف ڌر جي سامهون ديڄي رهڻ يا ڪمزور پوڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي، ۽ اِها هر وقت گفتگو ڪرڻ لاءِ تيار هوندي آهي. البت سچاڻ تحريڪن جا باشعور اڳواڻ گفتگو يا مذاڪرات وقت تحريڪ ختم نه ڪندا آهن ۽ نه وري ڪنهن قسم جي مشروط گفتگوءَ يا مذاڪرات ۾ حصو وٺندا آهن —— ڇو ته مشروط قسم جي گفتگو تحريڪ جي باري ۾ شڪن ۽ وسوسن کي جنم ڏيندي آهي. دنيا جي هر حق پرست ماڻهوءَ جي خواهش هوندي آهي ته اهو سڀ ڪجهه هوند ڳالهين ۽ مذاڪرات ذريعي حاصل ٿي سگهي، جيڪو بي شمار خونريزيءَ ۽ رتو ڇاڻ کان پوءِ حاصل ٿئي ٿو.

مون مٿي چيو آهي ته ڳالهين وقت تحريڪ جاري رهڻ گهرجي، اهو ان ڪري، جو ڳالهين وقت اها گفتگو وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتي هوندي، جنهن گفتگوءَ جي پٺيان سجاڳ ۽ زنده تحريڪ هجي. ٻيءَ صورت ۾ مخالف ڌر گفتگوءَ يا مذاڪرات کي پنهنجي لاءِ ساهيءَ پٽڻ، مصلحت حاصل ڪرڻ يا وڌيڪ قوت ۽ طاقت حاصل ڪرڻ جو ذريعو بنائيندي آهي.

بهرحال، تحريڪ هلندي، ڏاڍيءَ ڌر سان ڳالهه مهاڙ پهريون مرحلو آهي، ان کي هٿان نه ڇڏڻ گهرجي. سادن سودن لفظن ۾ آءُ چوڻ ٿو چاهيان ته هڪ تحريڪ ۾ پنهنجي جدوجهد جون شڪليون، صورتون عمل جا رخ ۽ طريقا تبديل ڪرڻ جي ڀرپور صلاحيت ۽ مڪمل

اهليت هئڻ گهرجي، جيئن ان جي جدوجهد جي ڪابہ صورت داغدار ٿئي يا ڪوبہ رخ ناڪام ٿي پوي تہ اها هڪدم جدوجهد جي ٻي شڪل ۾ ٻيو طريقو اختيار ڪري وٺي. جنهن بہ تنظيم، تحريڪ يا فرد ۾ اهڙي صلاحيت ۽ ان صلاحيت تي اعتماد آهي، ان لاءِ جدوجهد جو ڪوبہ دروازو بند ٿي نہ ٿو سگهي ۽ نہ ئي ان ڪي جدوجهد جي هڪ شڪل ۽ هڪ رخ لاءِ پابند ۽ ٻڌل رکي سگهجي ٿو، ڇو تہ ائين ڪرڻ ان تحريڪ جي صلاحيت ۽ قوت ڪي ختم ڪرڻ برابر آهي.

هن سٽ ۾ لطيف جدوجهد جي هڪ شڪل بيان ڪئي آهي ۽ اها آهي ڳالهہ ٻولهہ جي. ”ارداسيم عمر ڪي ويجهو ٿي وٺانس“ جو اهوئي مطلب آهي. انهي شڪل ۽ صورت جي ناڪاميءَ ڪان پوءِ ٻيو رستو ٿو ٻڌائي:

”جي نہ ڇڏيائين، ڪِ جهليائين، تہ پنهنجو انگ آڇيانس“

هتي ”پنهنجو انگ آڇياس“ جا ٻہ مطلب ٿي سگهن ٿا:

پهريون: لطيف، جيڪو پنهنجي مسلڪ ۽ طريقي موجب هميشہ بادشاهي درٻارن ڪان پري رهيو، ۽ وقت جا ڪيترا حاڪم امير ۽ وڏا ماڻهو سڏون ڪندا رهيا تہ ڪاش! اِهو فقير اسان جي درٻارن ۾ اچي، انهن ڪي عزت ۽ مانُ بخشي.

شورش ڪاشميري، جواهر لعل نهروءَ لاءِ لکيو آهي تہ هندستان جي وزارت عظمىٰ جواهر لعل لاءِ عزت جو ڪارڻ ڪانہ هئي، پر جواهر لعل نهروءَ جو وجود هندستان جي وزارت عظمىٰ لاءِ عزت جو سبب هو. ساڳيءَ طرح آءُ چئي سگهان ٿو تہ لطيف جو ڪنهن درٻار ۾ وڃڻ لطيف لاءِ نہ پر ان درٻار جي لاءِ عزت جو سبب هو. اهڙي ڄاڻ لطيف ڪي بہ هئي، ۽ هن ڪي پنهنجيءَ شاعريءَ، فڪر، فلسفي ۽ نظرياتي بلنديءَ تي ايڏو اعتماد هو، جو هن سمجهيو ٿي تہ آءٌ جنهن درٻار ۾ ويندس، ان درٻار جي عزت ڪي چار چنڊ لڳي ويندا. سندس شاعريءَ ۾ مون ڪي اها جاءِ نظر آئي آهي، جتي سندس فنڪارانہ اَنا انتهائي بلنديءَ تي پهتل آهي. اهوئي سبب آهي، جو هو چوي تہ بہ جيڪڏهن مارئي منهنجي دور ۾ هجي ها ۽ ان جي آزاديءَ لاءِ مون ڪي عمر (بادشاهہ) جي درٻار ۾ وڃي ديرو ڄمائڻو پوي ها، تہ آءٌ ائين بہ ڪريان ها، ڇو تہ ان ريت منهنجي

بي عزتي ٿئي ها، پر هڪ قوم جي عزت بچي پوي ها ۽ سندس بيقراري ختم ٿئي ها، ۽ هڪ شخص، قوم ۽ جماعت کي آزادي ملي وڃي ها. هڪ شخص جي ذاتي عزت، هڪ قوم جي عزت جي مقابلي ۾ بهرحال ڪابه حيثيت نه ٿي رکي، ان ڪري لطيف پنهنجي ذاتي وقار کي مارئيءَ (سنڌي قوم) جي مانَ مٿانهينءَ ڪرڻ لاءِ قربان ڪرڻ ۾ ڪوبه حرج نه ٿي سمجهيو.

2. پيو مطلب هيءُ آهي ته: آءٌ مارئيءَ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد هلائي، پنهنجو پاڻ قربان ڪريان. چو ته ڪوبه حاڪم قبضي ۾ آيل ڪابه شيءِ صرف مطالبي سان ڪونه ڇڏيندو آهي، ان لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي آهي، سا ڏيندس، چاڪاڻ ته مارئي بهرحال مون کي ئي آزاد ڪرائڻي آهي.

" لاهي لوهه لطيف چئي، هتان هوند هلانس"

يعني: ' انهيءَ جدوجهد ۽ قربانيءَ ذريعي آءٌ ان شخصيت، قوم ۽ جماعت جي ڳچيءَ مان غلامي ۽ محڪومي جا ڳٽ لاهي، ڪيس آزاد ڪرايان؛ مسرت ۽ خوشي سان همڪنار ڪريان جلاوطني جون ديوارون ڊاهي، ڪيس پنهنجي منزل ۽ ماڳ تي پهچايان. '

آءٌ سمجهان ٿو ته لطيف جي پوري رسالي جي سمورن ڪردارن مان صرف مارئي جو ڪردار، اهڙو ڪردار آهي، جنهن متعلق لطيف ان قسم جو تاثر ڏنو آهي ۽ اها خواهش ڏيکاري آهي ته 'جيڪڏهن مارئي منهنجي دور ۾ هجي ها ته آءٌ سندس آزادي لاءِ تدبيرون ڪريان ها ' ـــــ لطيف، ٻئي ڪنهن به ڪردار سان ايڏي پنهنجائپ، اُڪير ۽ اُنس نه ڏيکاريو آهي. جنهن جو واحد سبب هيءُ آهي ته لطيف کي غلاميءَ، قيد، محڪومي ۽ زبردستي کان سخت نفرت هئي. جيڪڏهن مون کان پڇيو وڃي ته لطيف وٽ دنيا جي سڀ کان وڌيڪ نفرت انگيز ۽ قابلِ لعنت شيءِ ڪهڙي آهي، ته آءٌ بنا ڪنهن هٻڪ جي جواب ڏيندس ته اِها شيءِ غلامي آهي ـــــــ ۽ لطيف جون سموريون محبتون ۽ پيار، انهن مظلومن ۽ محڪومن لاءِ ئي وقف آهن، جيڪي هر قسم جي غلامي ختم ڪري آزاد دنيا اڏڻ لاءِ جدوجهد ڪندڙ آهن. لطيف، انساني سکهه، حوصلي، بي پناهه قوتِ ارادي جي فتح جي يقين سان گڏ غلاميءَ جي ڪوٽن جي شڪست، ۽ ان شڪست لاءِ جدوجهد ۾ هڪ سچي فنڪار جي حقيقي شموليت ۽ ڀاڱي

پائيوار جو اظهار ڪيو آهي. هن جي خيال ۾ اهو فنڪار، فن جي وجود تي ڪوڙهه جو داغ آهي جيڪو عوام جي جدوجهد ۾ پوري ريت شريڪ نٿو ٿئي. ان مطلب هي ٿيو ته اهڙي فنڪار کي عوام جي غلامي جي زنجيرن سان پيار آهي ۽ محڪوم ۽ مظلوم انسان لاءِ سندس دل ۾ ڪابه جاءِ ناهي. هيءُ جو عام طرح چيو ويندو آهي ته اديب يا فنڪار رڳو حالتون ڏسي، انهن جي عڪاسي ڪندڙ آهي ۽ ان کان سواءِ ڪجهه به نه، سا ڳالهه لطيف جي مٿين سِٽ جي حوالي سان بلڪل غلط ثابت ٿئي ٿي.

موجوده دور ۾ قوم پرست ۽ ڪميونسٽ تحريڪن جي وسيلي جيتوٽيڪ اديبن جو چڱو خاصو تعداد عملي جدوجهد ۾ سياسي پارٽين ۽ عوام سان نه رڳو پوري طرح ريڪ آهي، پر ڪيترين حالتن ۾ مظلوم قومن جي اديبن همت ۽ جُرئت جا شاندار مثال قائم ڪيا آهن. انهن اديبن پنهنجي علمي، ادبي يا فنڪار واري حيثيت ختم ڪري، پاڻ کي مڪمل طرح قومي خادم بنائي، حريت پسند عوام جي صفن ۾ ملائي ڇڏيو. جيولس فيوچڪ، ناظم حڪمت، ديو ڊگيسٽ، پبلو نرودا، نذرالسلام، توفيق فياض، فودبيا، گورڪي، مخدوم محي الدين، سيد سجاد ظهير، عبدالرحمان شوقي، سوپو گيانچنداڻي، حيدربخش جتوئي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اي ـــ جي اُتم وغيره اديبن جي سرفروش جماعت سان تعلق رکن ٿا. هيءُ بدقسمتي آهي، جو اسان جي سنڌ ۾ شاندار ادبي روايتن هوندي به گهڻن سنڌي اديبن جو لاڙو عملي زندگيءَ جي باري ۾ مغربي سرمائيدار دنيا جي اديب وارو آهي.

دنيا جي قوم پرست ۽ ڪميونسٽ اديب، عوام جي باري ۾ جيڪو لاڙو ويهين صديءَ ۾ اختيار ڪيو، اهو ساڳيو لاڙو لطيف ارڙهين صديءَ ۾ نه صرف اختيار ڪيو، پر ان جي باقاعدي تبليغ ڪندو رهيو. هن عوام جي ڏکن سورن ۾ پاڻ کي پوريءَ ريت ڀاڱي ڀائيوار سمجهي، انهن ڏکن سورن کي ختم ڪرڻ لاءِ عملي جدوجهد جو پيغام ڏنو، ۽ لوهن لاهڻ ۽ سنگهرن ڇنڻ جا نعرا هنيا.

’ موڪي ملير سامهين، وڃي ڀانهن وچانس ‘

لطيف نہ رڳو لوھ لاھڻ ۽ سنگھرن چنڻ جي اعلان، نعري ۽ للڪار تي بس ٿو ڪري، پر هو وڏي واڪي چئي ٿو ڏئي تہ: ”آءُ مارئي ڪي انتهائي عزت ۽ آبروءَ سان ملير وٺي وڃان.“ لطيف جي ”عمرڪوٽ“ مان مراد آهي ”محڪومي ۽ غلامي“، ۽ ”ملير“ مان مراد آهي ”آزادي ۽ خوشحالي“. اهو بلند تخيل، جتي انسان ڪي پورهيي ۽ ان جي حاصلات جي مڪمل آزادي هجي، جتي پرماريت کان پاڪ معاشرو هجي؛ جتي غلاميءَ جو ڪو ڳٽ نہ هجي؛ حاڪماڻو هٺ ۽ وڏائي نہ هجي؛ پرماريت ۽ ڦرمار وارو نظام نہ هجي؛ ڌارئين جي ڪا ڌاڪ نہ هجي؛ آزاديءَ ۽ مسرت جو اهو رس ۽ چس هجي، جنهن ۾ انسان جون جسماني، روحاني ۽ تخليقي عمل جاري رکي سگهن. اهڙو سماج ۽ ماحول پيدا ڪرڻ، ٺاهڻ ۽ تخليق ڪرڻ ۽ پنهنجيءَ قوم ۽ عوام کي آزاديءَ جي اهڙيءَ فضا ۾ آباد ڪرڻ لاءِ هڪ شاعر ۽ فنڪار کي پنهنجي سر پنهنجي سموريءَ سگهہ ۽ طاقت سان حصو وٺڻ گهرجي. عوام جي اهي حق، جيڪي غاصب قوتون ڪنهن بہ طريقي سان عوام جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، تن کان هر حالت ۾ اهي حق کسي، عوام جي حوالي ڪرڻ هڪ سچي ۽ باضمير فنڪار جو بنيادي فرض آهي.

اهو شاعر ۽ فنڪار، جيڪو پنهنجي لاءِ ذهني آزادي ۽ اذيت کان پاڪ ماحول ٿو چاهي، ان کي اوس ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اهڙو سماج ۽ ماحول، سموري عوام ۽ سموريءَ قوم کي ملڻ گهرجي ـــــ ۽ اهڙي ماحول جي حاصلات لاءِ کيس عوام سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ گهرجي، ۽ عوام سان گڏجي سوياري حالت ۾ اهڙي آزاد ماحول ۾ داخل ٿيڻ گهرجي. باقي رڳو پنهنجيءَ ذات لاءِ آزاديءَ جو مطالبو ڪرڻ خود غرضي آهي ۽ لطيفي فڪر جي پوئلڳ فنڪار لاءِ خود غرضيءَ کان وڌو ڪوبہ گناهہ ڪونهي.

## رهبر تي ريڙهيانس، سُونهاري ساٿيھ ڏي!

هن سٽ ۾ پٽ ڏٽي ڪليءَ طرح هڪ فنڪار جو عملي رهبريءَ وارو ڪردار پيش ڪيو آهي، ۽ چيو آهي تہ: ’سڀ اٽڪلون ۽ تدبيرون، حيلا وسيلا ۽ حڪمت عمليون آزمائي، آءُ غلام ۽ قيد هستيءَ کي نہ رڳو آزاد ڪرايان، پر ڪنهن بہ صورت ۾ سندس رهبري ڪري کيس پنهنجي سونهاري ساٿيھ ۾ پهچايان!‘

ساٿيهه مان مراد آهي وطن، ملڪ يا ديش ـــــ پر سُونهن وارو، حسن ـ ونڊ، امن ۽ خوشحاليءَ وارو، سچائيءَ ۽ انصاف وارو! جيڪو بہ مُلڪ، ديش يا ساٿيهه غلام آهي، ٻئي جي قبضي هيٺ آهي، پرماريت جو شڪار آهي، ظلم ۽ ناانصافيءَ جو مرڪز آهي، سو سونهارو نہ آهي ـــــ چو تہ غلامي ۽ محڪومي، قيد ۽ پرماريت، سڀ کان وڏي ڪوجهائي آهي؛ ڪوڙهہ جو داغ آهي؛ اهڙو گناهہ آهي، جيڪو ڪنواري ڪنيا جي دامن تي لڳي وڃي؛ ۽ هڪ اهڙو ٽڪو آهي، جيڪو هڪ آبدار موتيءَ جي سُونهن وڃائي ڇڏي. ابوالڪلام آزاد لکيو آهي تہ ”غلامي اهو بدنما داغ آهي، جيڪو ڪنهن قوم جي عزت آبروءَ کي صدين تائين ڪوجهو بنائي ڇڏيندو آهي، ۽ پوءِ اهڙي داغ کي ڌوئڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ قوم کي رت جي دريائن مان اڪرڻو پوندو آهي. پنهنجي ڌرتيءَ تي انساني جسمن جا فصل ڪٽائڻا پوندا آهن ـــــ ۽ انساني سسين جي لابارن ٿيڻ کان پوءِ قومي حسن ۽ قومي خوبصورتي ڏاڍي مشڪل سان موٽي ملندي آهي.

انهيءَ نقطہ نظر موجب لطيف جڏهن چوي ٿو تہ ”مارئي کي آءٌ سونهاري ساٿيهه ڏي وٺي ويندس.“ تہ ان وقت سندس ذهن ۾ هڪ آزاد، باوقار، خودمختيار، خوشحال ۽ پرماريت کان پاڪ سماج جو تصور آهي. ان ساٿيهه جو نقشو چٽيندي، هڪ هنڌ چوي ٿو:

نہ ڪا جهَل، نہ پَل، نہ ڪو رائر ڏيهہ ۾،
آٽيو وجهن آهُرين، روڙيو رتا گل،
مارُو پاڻ امل، مليرونِ مرڪٽو!

يعني: ”اهو هڪ اهڙو ڏيهہ آهي، جنهن ۾ نہ ڳالهائڻ تي بندش آهي، نہ لڪڻ تي پابندي، نہ جماعت سازيءَ تي ڪا رڪاوٽ آهي، نہ پيار تي پهرا ۽ نہ محبت تي مارا آهن، عوام جي گذر جي وسيلن تي ڪوبہ ٽيڪس ڪونهي، نہ حاڪمن طرفان ۽ نہ وري مذهب ۽ عقيدي پاران ڪا اوچ نيچ ئي آهي.“

هتي هڪ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڀٽ ڌڻي جي شاعري جا جيڪي بہ ڪردار آهن، تن مان ڪنهن بہ ڪردار سان لطيف اهڙن ڪليل ۽ گهرن لفظن ۾ محبت ۽ همدردي نہ ڏيکاري

آهي، جهڙي مارئي جي ڪردار سان. جڏهن ائين آهي ته پوءِ ڏسڻو آهي ته اهي ڪهڙيون خاصيتون ۽ خوبيون آهن، جيڪي ڪيس مارئيءَ جي ڪردار ۾ نظر آيون ۽ ٻين ڪردارن ۾ نظر ڪونه آيون؟ اُهي ڪهڙا گڻ، قدر ۽ وڙون آهن، جيڪي لطيف سائين، مارئيءَ جي ڪردار سان محبت ڪري اسان کي ذهن نشين ڪرائڻ ٿو چاهي؟ اُهي گڻ، قدر ۽ وڙون ڪيس به حد کان وڌيڪ پيارا هئا، ۽ اهي ڪيس صرف مارئيءَ جي ڪردار ۾ نظر آيا ۽ ٻئي ڪنهن به ڪردار ۾ نه ان ڪري، مارئيءَ جو ڪردار ڪيس پنهنجيءَ شاعريءَ جي سڀني ڪردارن کان وڌيڪ محبوب ٿي پيو.

منهنجي خيال ۾، جيڪي وڙون، گڻ ۽ قدر لطيف کي مارئيءَ جي ڪردار ۾ نظر آيا، سي هي آهن:

## 1. حب الوطني:

لطيف پاڻ به وڏو محب وطن هو ۽ ڪيس پنهنجي وطن جي سرزمين سان بيپناهه حب ۽ اڪير هئي. انهيءَ سلسلي ۾ لطيف جو سچو عاشق، جناب ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو:

”شاهه هڪ اعلیٰ درجي جو وطن دوست هو. سندس زندگي توڙي ڪلام، سندس حب الوطنيءَ جي فراوان شاهدي ڏين ٿا. شاهه جي دل ۾ سنڌ ڏيهه لاءِ بيحد محبت هئي، جا رسالي ۾ پاريون ڪري پلٽي آهي، ٻوليءَ، نظم ۽ خيالات جي لحاظ کان، شاهه صاحب جو رسالو، حب الوطنيءَ جو هڪ بي نظير دفتر آهي.

شاهه جي زماني ۾ عربي ۽ فارسيءَ کي شرف هو، شاهه، سنڌي زبان کي شاعرانه پرواز ڏيئي، پنهنجي حب الوطنيءَ جو ثبوت ڏنو.

سنڌي ٻولي، سنسڪرت جي فاسد يا بگڙيل صورت آهي (اِها جناب آڏواڻيءَ جي ذاتي راءِ آهي). ۽ ان جو بنيادي طرح، عربي ۽ پارسيءَ سان ڪوبه تعلق ڪونهي. البت، پارسي ۽ عربيءَ جو متس اثر ٿيو آهي. شاهه جي سنڌي، تلفظ ۽ نحوي بناوتن جي لحاظ کان، پراڪرت کي نهايت ويجهي آهي، ۽ ساڳئي وقت، منجهس پارسي ۽ عربي ٻوليءَ جي به نهايت سهڻي نزاڪت ۽ رونق آهي. هن صاحب ٻوليءَ جي ۾ هندن توڙي مسلمانن جي تهذيب ۽ تمدن جو لحاظ رکيل

آهي، جا هڪ وڏي قومي خدمت آهي. مثلن، شاهه جي هيٺئين بيت جو لباس سنسڪرتي آهي ۽ منجهس سمايل خيال ويدانتي.

كوڙين ڪايائون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءَ، سڀ ڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارو ڏار،
پرينم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪهڙا چئان!

. . . . شاهه، شعر جي نظم ڪرڻ ۾ به حب الوطني ڏيکاري آهي. سنڌي شاعر پنهنجو شعر اڪثر علم عروض تي ٽا ٻڌن، پر شاهه وزن (دوهي) جي باري ۾ به، ديسي نمونو ورتو. اهڙي طرح پاڻ کي هڪ ڌاريءَ ۽ مصنوعي طريقي کان آزاد رکيائين.“

اهو ڊگهو ٽڪرو ان ڪري نقل ڪيو اٿم، جيئن اهو ڏيکاري سگهان ته لطيف کي نه رڳو پنهنجيءَ سرزمين سان محبت هئي، پر وطن جي هر شيءِ سان پيار، انس، اڪير ۽ سڪ هئي. جنهن جو اظهار، سندس شاعري جي هر سٽ، هر جملي ۽ هر لفظ ۾ موجود آهي ــــــ ۽ مارئي جي ڪردار جي روايت هن ٽائين جنهن نموني پهتي يا عوام ۾ موجود هئي، ان ۾ مارئيءَ جو ڪردار وطن دوستي جو بي مثال نمونو هو، ان ڪري لازمي طرح ان ڪردار سان ڪيس محبت ۽ عقيدت ٿيڻ ڪپندي هئي.

## 2. آزادي جا اهڃاڻ:

مارئي جو ڪردار نه صرف وطن دوستي جو لازوال مثال آهي، پر ان سان گڏ آزادي جو ڪيٽو(k-2) جي چوٽي کان به اوچو اهڃاڻ آهي. اهوئي سبب آهي جو مارئي هر وقت چوندي ٿي رهي ته:

منهن جي آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي !
يا
مَحلين منجهي مون هنيون، جهروڪن جهوري آهيان !

لطيف، جيئن ته غلامي جي سخت خلاف هو ۽ آزادي عاشق، پرستار ۽ ريبارو هو، ان ڪري ڪيس پنهنجي انهي نظريي جي تصوير مارئي جي ڪردار ۾ نظر آئي. اهوئي سبب آهي جو انهي ڪردار کي علامت بنائي، هن سنڌي عوام جي آزادي ۽ خوشحالي جي ڳالهه ڪئي آهي.

سنڌي عوام جي سرت ۽ چوٽڪاري، اقتصادي ۽ ثقافتي آجپي جي جڏهن به لطيف کي ڳالهه ڪرڻي پيئي آهي، يا آزادي ماڻڻ لاءِ سنڌي عوام ۽ قوم کي جڏهن به لطيف، ڪي گس، واٽون، ڏاهپون يا حڪمت عمليون ڏسيون آهن ته ان لاءِ مارئي جي ڪردار جو سهارو ورتو آهي. هن کي جيڪي ڪجهه چوڻو پيو آهي، سو مارئي جي واتان چَورايو اٿس. اهو طريقو لطيف کان پوءِ ايندڙ شاعرن به اختيار ڪيو آهي. مثال طور هنن کي جڏهن پنهنجي انفرادي يا اجتماعي آزادي جي ڳالهه ڪرڻي پيئي آهي ته هنن به مارئي جي ڪردار جو سهارو ورتو آهي:

هتي ڏينهن ڀي تيِ، ويندس قيد مان ڪاتي !

## 3. مظلوم طبقي سان وفاداري:

مارئيءَ جي ڪردار جي سموري خوبي هن ڳالهه ۾ آهي ته هن جي محبت جو مرڪز؛ هن جي آهن اِلاهن جو بنيادي نقطو؛ هن جي وفادارين، بيقرارين، چاهتن، تمنائن، خواهشن، جذبن، دردن ۽ وچوڙن جي سرحد، مظلوم ۽ محڪوم مارو ۽ مڪڻ جهڙا ماڻهو سڀ غريب طبقي جا فرد آهن، جن جي زندگي ۾ ڪوبه طبقاتي تفاوت، ٺٽ ٺانگر ۽ وڏ ماڻهپو ڪونهي. اتي ڪي به امير ناهن جيڪي غريبن جو رت چوسين، ۽ اتي گهٽي تعداد ۾ ڌارين ۽ حاڪمن جا دلال ناهن. اِهي مارو ماڻهو، جن جون دليون سچ ـــــ ڪوڏين جهڙيون اڇيون اجريون آهن؛ جن جا من پلر جهڙا پوتر آهن ـــــ اهڙا سمورا ماڻهو مارئي جا محبوب آهن. انهن سيني سان سندس وفاداري آهي، بنا ڪنهن مذهبي ۽ قبيلائي ڇُوت ڇات جي هوءَ انهن سيني جي امانت آهي ۽ اهي سڀ سندس محبوب آهن. وقت جو حاڪم جڏهن انهن مان ڪنهن هڪ تان ڪِلي تو يا ٽوڪ ۽ چٽر ڪري ٿو، ته مارئي هڪدم هڪل ڪري چوي ٿو ته:

ڪٿيري تان ڪل، عمر ڪج مَ اهڙي

اچو ته هڪ ٻئي نقطہ نظر سان مارئيءَ کي ڏسون!

دنيا جي عاشقن جي ڊگهيءَ قطار تي جڏهن نظر وڌي تي وجي ته سندن معشوقن ۾ ڪي خوبيون، خوبصورتيون، ڪي ادائون، ڪي ناز ۽ نخرا، ڪي غمزا ۽ ڪي نوان ناز ضرور هوندا، پر مارئيءَ جي معشوق "کيت" ۾ ڇا آهي! ڇريو ٽريو! اڌ اگهاڙو جسم، ميرا ڏند، ڦچين ڦريل اکيون، لڪن جي ستيل ۽ سانوڻيل رنگ، بي ترتيب اٽيا وار، مَر سان ڀريل ڪپڙا، تڙ نه ڪرڻ سبب بدبوءِ دار جسم، ڏيري هٿ ۾، سڄو ڏينهن مال چاريندو تو وتي. نه مال، نه دولت، نه ڪٽوريءَ جو واپاري، نه تيل ڦليل جا ڏينا ٻانگ ٽائين ٻرن، نه وري مٽئي تي مامرو! اهڙي محبوب کان نفرت ڏيارڻ لاءِ جڏهن ان جا بيشمار عيب سندس آندا وڃن ٿا، ته اهو سڀ ڪجهه ٻڌڻ کان پوءِ به سندس جواب هيءُ ڪونهي ته: "اوهان سڀ ڪوڙا آهيو. منهنجي محبوب جهڙو سهڻو ته ڪائنات ۾ ئي ڪونه آهي. هن جو جسم گل وانگر صاف سٿرو آهي ـــــ وغيره وغيره." پر ان جي ابتڙ هوءَ چوي ٿي ته: "هائو! اهي سڀ خاميون ۽ خرابيون منجهس موجود آهن. هو سيف الملوڪ نه آهي، پر هڪ ٽري آهي، ڪٽيرو آهي، پر مون کي پوءِ به وڻي ٿو، ڇو ته منهنجي محبوب آهي. منهنجي ساهه جي هر سڏڪي، جسم جي هر انگ ۽ دل جي هر ڌڙڪي جو مالڪ آهي."

ڪانڌ نه ڪنديس ڪو پيو، ڪٽيروئي خوب،
ميروئي محبوبُ، اسان ماڙُو مَن ۾ !

اِهو هُو ان ڪري ٿي چوي، جو اهو شخص نه صرف سندس هم قوم آهي، پر ان طبقي سان تعلق رکي ٿو، جنهن طبقي سان مارئيءَ جو تعلق آهي. انهيءَ واسطي سان مارئيءَ کي سموري قوم ۽ سموري مظلوم طبقي سان محبت ۽ همدردي آهي، ڇو ته پاڻ مظلوم قوم جي غريب گهراڻي جي فرد آهي. ڪيس انهن ماڙهن جي سمورن ڏکن سورن، سيني پيرائن ۽ پُورن جي ڄاڻ آهي، ۽ ان سان گڏ انهن ماڙهن ۾ جيڪا طاقت، قوتِ ارادي، پنهنجي ساٽيهه ۽ ساٽيهه جي ثقافت سان جيڪا محبت ۽ ان محبت ۾ جيڪا ثابت قدمي آهي، تنهن جي به پوري خبر آهي. ان ڪري اهڙن ماڙهن کان منهن موڙڻ ۽ نينهن جو ناتو ڇنڻ، پنهنجي لاءِ ذهني موت سمجهي ٿي.

لطيف کي مارئي جو اهو اڱڻ بہ پسند آهي ۽ سنس پنهنجي جدوجهد جو آخري نقطو بہ انهي طبقي جي مڪمل بالادستي، حاڪميت ۽ خوشحالي هو ـــــ ان ڪري، ڪيس اهڙين خاصيتن واري ڪردار سان والهانہ محبت آهي، جنهن جو اظهار هن شعر ۾ ڪيو اٿس.

هيءَ حيرت انگيز ڳالهہ تہ سهڻي ـــــ ميهار، ليلان چنيسر، مومل راڻو ۽ سسئي پنهون ـــــ اهي سڀ لطيف جي شاعريءَ جا ڪردار آهن، پر انهن سيني جو انجام المناڪ ٿيو آهي، يا المناڪ ڪري ڏيکاريو ويو آهي؛ چو تہ انهن عاشقن يا معشوقن مان ڪو هڪ يا ٻئي متئين طبقي سان واسطو رکن ٿا، پر انهن جي ڀيٽ ۾ ٽي غريب ڪردار ـــــــ مارئي، موڙو ۽ ٻيجل ـــــــ سوپارا ڏيکاريا ويا آهن، ۽ سندس شاعريءَ جا سورما آهن. جيسين تائين نوريءَ جو تعلق آهي تہ اها ويچاري تہ عاشق ٿي پيءَ ڪانہ هئي، پر ڪيس سمي جام سجاٽي، پانهن ۾ پيڙو پڏو هو. انهي ترتيب ۾ چوندڙ مان، ڇا اسان اِهو نتيجو نہ ٿا ڪڍي سگهون، تہ لطيف جي دوربين نگاهہ ڏسي ورتو هو تہ اڳي ۽ پوءِ فتح انهيءَ طبقي جي، عوام جي ٿيڻي هئي؟ اهو طبقو آهي، جيڪو اڳتي هلي، سموري انسان ذات جي سمورين سچاين ۽ خوبين جو والي ۽ وارث ٿيڻو آهي، جنهن جي پيشاني جي ليڪن ۾ لکيو ويو آهي "دنيا جو سچو، صحيح ۽ اصلي وسيلو ۽ واهرو!"

جيڪڏهن، سُر مارئي، لطيف جي فڪري ارتقا جو معراج آهي، تہ پوءِ ان ۾ سچي، حقيقي ۽ خالص قرباني، حب الوطني، عوام دوستي ۽ آزادي لاءِ جدوجهد صرف هيٺئين طبقي جي خوبي ڏيکاري وئي آهي. پر ان جو اهو مطلب هرگز نہ آهي تہ هيٺئين طبقي جا سمورا ماڻهو محب وطن ۽ عوام دوست آهن، هر قسم جي قرباني، سرفروشي ۽ دليري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن، ۽ متئين طبقي جا سڀ ماڻهو، مرد ۽ عورتون، ٻار ۽ ٻيا ـــ غدار، عوام دشمن، ديس ـــ دروهي، بزدل ۽ ڀاڙيا آهن. هيٺئين طبقي جا ماڻهو بہ غدار ٿيندا آهن، جيئن: "ڦوڳ" جنهن عمر کي مارئي جي ڪٿڻ لاءِ اياريو هو. ڦوڳ، مارئي جو طبقاتي رشتيدار هو، پر غدار، وطن فروش ۽ دلال هو. ٻئي پاسي سنڌ جي تاريخ ۾ هزارين اهڙا انسان ٿي گذريا آهن، جيڪي متئين طبقي سان لاڳاپيل هئڻ جي باوجود بي مثال بهادري، حب الوطني، عوام دوستي ۽ آزاديءَ جدوجهد جون شاندار علامتون آهن. پوءِ بہ مجموعي حيثيت سان ٻنهي طبقن ۾ خامين ۽ خوبين جو غيرمعمولي

تناسب رهيو آهي ۽ رهندو. موجوده دور ۾ طبقاتي ڇنڊڇاڻ ڪندڙ ڏاهن ماڻهن جو چوڻ آهي ته متئين طبقي جو هر اهو ماڻهو، محب وطن، عوام دوست ۽ مخلص آهي، جيڪو پنهنجا طبقاتي مفاد ڇڏي، عوام جي گهٽي حصي لاءِ وڙهي ۽ عوامي حاڪميت بحال ڪرڻ لاءِ عوام جي صفن ۾ شامل ٿي وڃي. ٻئي پاسي هر اهو غريب، هاري پورهيت ۽ هيٺئين طبقي جو ماڻهو، جيڪو ظالمن، غاصبن ۽ قومي ڦرلٽ ڪندڙن سان ناهه ڪري، پنهنجي عوام جي غلامي ۽ پرماريت لاءِ ڦورو ٽولن جو هٿيار بنجي وڃي، سو غدار آهي، عوام دشمن آهي ۽ ديس دروهي آهي. مختصر لفظن ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته متئين طبقي جي ماڻهو کي محب وطن ٿيڻ لاءِ لازمي طرح پنهنجي طبقي سان غداري ڪرڻ گهرجي، ۽ اها واحد غداري آهي، جيڪا وطن دوستي جو شاندار مظاهرو آهي ــــ ۽ هيٺئين طبقي جي فرد لاءِ ضروري آهي ته هو پنهنجي طبقي سان وفادار رهي، ڇو ته متئين طبقي سان ظالمانه نظام قائم ڪرڻ ۽ ان کي باقي رکڻ لاءِ سندس ساٿ ۽ وفاداري، وطن دشمني ۽ غداري ليکبي. پر ٻنهي صورتن ۾ ڪي حالتون جدا ڪري سگهجن ٿيون. مثال طورـــــــ ٻاهرئين حملي جي خلاف ويڙهه ۾ جيڪڏهن مٿيون طبقو پيش پيش آهي، ته اهڙيءَ حالت ۾ ان طبقي سان وڏي ماڻهوءَ يا پورهيت جي غداري، سڀ کان وڏي وطن دشمني آهي. اهڙي حالت ۾، انهيءَ طبقي جو ساٿ ڏيڻ ئي سڀ کان وڏي وطن دوستي ۽ سچي انقلابي واٽ آهي.

مارئي نه رڳو هيٺئين طبقي سان واسطو رکندڙ هئي، پر هوءَ پنهنجي مظلوم طبقي سان پوريءَ ريت وفادار هئي. هن ڪڏهن به پنهنجي طبقي سان نفرت ڪانه ڏيکاري ۽ نه وري انهي طبقاتي تعلق تي ڪا شرمساري محسوس ڪيائين. الٽو ان طبقاتي تعلق تي فخر ۽ ناز ڪندي هئي. مارئيءَ جي اها ادا ۽ اهو انداز، اها خصوصيت ۽ اها خوبي ئي هئي، جنهن مارئي کي لطيف جو محبوب ڪردار بنائي ڇڏيو.

لطيف، جنهن دور جو شاعر آهي، ان دور ۾ سنڌين لاءِ هڪ مضبوط قومي حڪومت کي قائم رکڻ ضروري هو. پر ان جي باوجود، لطيف جي نظر کان هيءَ ڳالهه ڳجهي ڪانه هئي ته تاريخ جي هر دور ۾ سنڌ جي هڪ ننڍڙي متئين طبقي، سنڌ جي قومي اقتدار بچائڻ سخت

نااهلي جو ثبوت ڏنو آهي، ۽ هر پيري غلامي جا ڳٽ قبول ڪندو رهيو آهي. ان ڪري، هاڻي سنڌ جي سموري عوام کي اٿي، سنڌ جي شاندار ۽ مضبوط قومي حڪومت قائم ڪري، ان جون واڳون پنهنجن هٿن ۾ رکڻ کپن.

## 4. جبر ۽ ڏاڍ اڳيان ڪنڌ نه جهڪائڻ:

انسان ذات جي سموري تاريخ ۾، هڪ ڳڻ ۽ قدر، هر دور ۾، هر حالت ۾، هر مڪتبهء فڪر وٽ عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏٺو ويو آهي، ساراهيو ويو آهي ـــــ ۽ اُهو آهي ”پنهنجي اصول ۽ نظرئي تي ثابت قدم رهي، هر مشڪل جو مڙشي ۽ همت سان مقابلو ڪرڻ!“ وقت جا سمورا طوفان، زماني جون مڙيئي آنڌيون، ماحول جا هڙيئي لوڏا، وقت جي جبرن حاڪمن جا سڀ ڏاڍ ۽ ڌڪاءُ، ماڻهوءَ کي پنهنجي نظرئي ۽ اصول تان هٽائي نه سگهن، ۽ ان سلسلي ۾ انسان کي پنهنجيءَ سڀ کان پياريءَ شيءِ حياتي تان هٿ کڻڻو پوي ته به پرواهه نه ڪري ـــــ اها حوصلي جي بلندي، هڪ اهڙي وٿ آهي، جيڪا ڪنهن به انسان جي حصي ۾ نصيب ۾ آئي، سو پوري انسانيت جو هيرو ۽ انساني تاريخ جو جوهر بڻجي ويو.

تاريخ جي روشني ۾ ڏسون ٿا، ان ”يوناني دانشور“ کي جنهن کي باهه ايجاد ڪرڻ جي جرم ۾، بار بار خونخوار جانورن جي سامهون اڇلائي، سندس ماس پٽايو ٿو وڃي؛ پر هو اصول تان هٿ نٿو کڻي. اسان کي نظر اچي ٿو، تاريخ جي بي رحم ايوانن ۾ ”ابراهيم ع “ جنهن کي ساڙڻ لاءِ باهه جا آڙاهه ٻاريا ٿا وڃن، پر سندس چهري تان پنهنجي سچائي جي فتح جي مُرڪ غائب نه ٿي ٿئي. تاريخ جي صفحن ۾ اسان ڏسون ٿا ”سقراط“ جنهن جي هڪ هٿ ۾ هر جو وٽو ۽ ٻئي ۾ سچائي جو اظهار ڪندڙ قلم آهي. هو زهر جو پيالو پيئي ٿو، پر قلم ڦٽو نه ٿو ڪري . اسان جي سامهون باهه جي چِڙِين ۾ ”سڙندڙ جون آف آرڪ“ آهي، جنهن جي هٿ ۾ چرچ جي خلاف بغاوت جو جهنڊو آهي. هو ڏسو! ايراني شاهي دربار ۾ حسن جو مجسمو ـــــ قرة العين طاهره ـ زنجيرن ۾ جڪڙيل جيئري سڙڻ لاءِ تيار بيٺي آهي، پر سندس سج جهڙي پيشاني تي پيشماني جي پگهر جو ڦڙو ئي ڪونهي. ٻين به جن ماڻهن ۾ اهڙا اهڃاڻ ۽ ارادا هئا، تن کي هر دور جي انسانيت، شاندار خراج تحسين پيش ڪرڻ کان ڪڏهن به واندي نه ٿيندي؛ ۽ جيسين ٿائين هي

ڪائنات قائم آهي، جيسين تائين دنيا ۾ حياتي جو هيج آهي، جيسين تائين سج اپرندو رهندو، جيسين تائين ڌرتي تي چنڊ چاندي جا پڙچ وڇائيندو رهندو، ان وقت تائين انسان ذات اهڙن انسانن جي عظمت جي محرابن ۾ سجدا ڪرڻ کان واندي ڪانه ٿيندي.

شاهه جو ڪردار ”مارئي“ به اهڙن عظيم انسانن جي صف ۾ جاءِ والاري ٿو. انهي ڪردار تي جبر جا تمام هٿيار آزمايا ويا، پر سندس ذهن ۾ هڪ سيڪنڊ لاءِ به تبديلي ڪانه آئي. عمر جي اڳيان وڏا وڏا جوڙا ۽ سوڊا، ڪانهن جي ڪاني وانگر ڏڪندا هئا، اتي هڪ اڻ پڙهيل ٿاريلي سادي سودي ڇوڪري، اڪيلي، يڪي سر ائين ڪنڌ ٺاٺيو بيٺي آهي، جيئن آزادي جي ڏينهن قومي جهنڊو بلند هوندو آهي ـــــــ ۽ ڪابہ اٽڪل ۽ حرفت ڪيس عمر آڏو جهڪڻ تي مجبور نہ ٿي ڪري سگهي.

عام طرح، جبر وٽ، ڪنهن ماڻهو کي جهڪائڻ لاءِ ٻه هٿيار هوندا آهن: هڪ سزا جو خوف ۽ ٻيو لالچ.

اڄ جي دور ۾، جڏهن انساني فهم ۽ شعور، تعليم جي وسيلي ترقي جون بيشمار منزلون طئي ڪري ورتيون آهن، تڏهن به دنيا جا باشعور سياستدان ڪوڙن لڳڻ جي خوف کان پرن ۾ گهڙي ويندا آهن، يا ڪجهه ڏالرن ۽ روبلين تي وڪامي ويندا آهن. عورتون، جيڪي پڙهائڻ کان وٺي حڪومت ڪرڻ تائين جون اهل بڻجي ويئون آهن، سي جيل يا بنديخاني جي خوف کان ائين ڏڪنديون آهن، جيئن مانجهلي جي ٿاري لڏندي آهي ـــــــ يا وري هڪ وقت ۾ موٽر ۾ چڙهڻ، ڪو لاڪيٽ حاصل ڪرڻ، سٺي ڪپڙي جو شوق پورو ڪرڻ يا ڪنهن اداري ۾ ڪو نمايان مقام ماڻڻ جي لالچ ۾ هٿ ڪٽندي به دير نہ ڪنديون آهن؛ ۽ ڪنهن غريب سان پيار جا ٻه پول پولڻ ۾ ان ڪري عار محسوس ڪنديون آهن، جو ان غريب وٽ معياري زندگي نہ هوندي آهي! ان ماحول کي نظر ۾ رکي، اڄ کان سوين سال اڳ جي ٿرياٽي ڇوڪري جي باري ۾ سوچيو: جنهن جي صورت سج جهڙي آهي، ۽ جنهن کي جهڪائڻ ۽ پنهنجي بستري جي زينت بنائڻ لاءِ عمر، جبر جا ٻئي طريقا (سزا ۽ خوف) استعمال ٿو ڪري! هن کي سزا جو ڊپ، هن طرح ڏياريو ٿو وڃي تہ ’جيڪڏهن تو ٿر جي ٻڪين سان محبت واري جذبي

تان هٿ ڪٽي، عمر ڪوٽ جي بادشاهه جي پٽ ــــ راڻي تيڻ نہ قبول ڪيو، تہ تنهنجو عضوو عضوو وڍيو ويندو، چچريو ۽ ڇيپاٽيو ويندو. اهڙي ڏڙڪي وقت، اها مسڪين، اڻ پڙهيل، ڦاٽل ڪپڙن واري ڇوڪري جواب ڏئي ٿي:

جي لُوڻ لڱين لائيينن، چيري چيري چم،
مون ڪُر اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعوىٰ دم، تان تان پرت پنهوار سين!

اهو جواب پنهنجي مفهوم ۾ انساني عظمت ۽ حوصلي منديءَ جو شاهڪار مثال آهي ــــ جنهن ۾ هڪ بيواهي ڇوڪري جيڪا ڪنهن بہ نظرياتي تعليم جي ڪتاب مان واقف ناهي، وقت جي جابر ۽ وحشي حاڪم جي اکين ۾ اکيون ملائي، وڏي واڪي چوي ٿي تہ: ”تون! جسماني عذاب جا سمورا طريقا منهنجي ڪمزور جسم تي آزمائي ڏس. منهنجي جسم کي ڇهڪ ڏئي، ان ۾ لوڻ پرڪي ڇڏ. پوءِ بہ آءٌ وڏي اعتماد ۽ حوصلي سان پنهنجي ارادي ۽ همت سان چوان ٿي تہ جيسين تائين منهنجي جسم ۾ ساهہ هوندو، ان وقت تائين منهنجي ارادي ۾ ڪوبہ لوڏو نہ ايندو ۽ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ پنهوار جي پرت جي جيڪا جوت جلي رهي آهي، سا جهڪي ۽ جهيٽي نہ ٿيندي. منهنجي دل کي ڪوبہ لوڏو نہ ايندو منهنجو ذهن خوف کان ست جو سيل پيڇڻ لاءِ ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ ٿيندو، ڇو تہ جبر اڳيان جهڪڻ اسان جي روايت ۾ بنهہ ڪڌو ۽ ڪوجهو ڪم آهي ۽ منهنجيءَ پيڙهيءَ مان ڪنهن بہ اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪُڌو ڪم نہ ڪيو آهي ــــــ تہ پوءِ آءٌ ڪئن اهڙو ڪوجهو ڪم ڪنديس. تون بيشڪ منهنجو جسم ختم ڪري سگهين ٿو، پر منهنجي آزاد ۽ پاڪ روح کي ذلت آميز آڻ مڃڻ تي مجبور نہ ٿو ڪري سگهين.“ جڏهن سزا جي ڏپ وارو هٿيار ناڪام ثابت ٿئي ٿو تہ وقت جو حڪمران پيو حربو ٿو هلائي: اهو آهي لالچ جو. عورت ذات جي نفسيات آڏو رکي، مارئيءَ کي بهترين ڪپڙا لٽا، ڳهہ ڳٽا، عطر عنبير، محل ماڙيون، زيور زڙا، تيل ڦليل، شالون ۽ کهنبا آچيا ٿا وڃن ۽ اُها سموري پيشڪش هڪ اهڙي ڇوڪريءَ کي ٿي رهي آهي، جنهن ڪڏهن سون جي زيورن جو سوچيو ئي نہ هو جڏهن تہ ان

دور جي هڪ پيءُ عورت ليلان، هڪ مٽيءَ تي پنهنجو مڙس وڪڻي ڇڏيو هو. پر مارئيءَ حقارت سان عمر جي سموري آڇن کي ٺڪرائي، ڇتيءَ طرح چئي ڏنو ته:

ايءَ نہ مارن ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي،
اچي امر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان!

اي وقت جا جابر حڪمران! اي امر ڪوٽ جا والي! اهي سڀ آڇون تون انهيءَ ڪري پيو ڪرين، جو تون اسان جي روايت کان واقف ناهين. تو اسان جيءَ خودداريءَ ۽ عزتِ نفس جو اندازو ئي نہ لڳايو آهي. اوهان ماڻهو، جيڪي صرف شين سان محبت ڪندا آهيو، تن اسان جي دلين ۾ پلر جي پالوٽ وانگر چوليون هٽندڙ مارن جي محبت کي ڏٺوئي ناهي، اسان پئسن جي چمڪ تي نينهن جا ناتا نہ مٽائيندا آهيون. اسان پنهنجي جهانگين جي جهوپن تي محل ۽ ماڙيون قربان ڪري ڇڏيندا آهيون. اسان وٽ پکي جي ٽمندڙ پاند جي عزت، تنهنجي ماڙيءَ جي سونن ڪنگرن کان مٿي آهي. اسان پنهنجن ريتن جا راکا ۽ تهذيب جا محافظ آهيون. سون تي هرڪجي، محبوب مٽائڻ اسان جو وڙ ئي ناهي. تنهنجي ماڙيءَ ۾ ويهڻ معنىٰ پنهنجي مارُن کان ڪٽجي، ڦورن ۽ ظالمن، لٽيرن ۽ وحشين جي صف ۾ شامل ٿيڻ آهي. اهو ڪم اسان ڇاڻو ئي ڪونہ. اسان جي پنهنجي ڪائنات آهي. اسان جو ديس اسان جي جنت آهي ـــــ ۽ اسان عام ماڻهو، پنهنجي اصول تي قائم رهندي، ڌرتين تي جنتون جوڙيندا آهيون. ۽ اسين جيڪڏهن ائين وڪامندا رهون، تہ ڪائنات جو حُسن ختم ٿي وڃي.“

لطيف کي مارئيءَ جي حوصلي، همت ۽ جبر اڳيان نہ جهڪڻ واري جذبي بہ متاثر ڪيو، ان ڪري سندس باري ۾ مٿيون تاثر ڏنائين.

# 5. انفرادي خوشيءَ ۽ خوشحالي کي اهميت نہ ڏيڻ:

انساني سماج ۾ هميشہ ٻن قسمن جا ماڻهو رهندا پئي آيا آهن، جن مان هر ڪنهن ٽولي پنهنجي نقطئہ نظر جي وضاحت پئي ڪئي آهي. هڪڙا اُهي ماڻهو، جن جو خيال آهي تہ دنيا ۾ ذاتي زندگي جيتري بہ آهي، ان کي خوشي، پر مسرت ۽ خوشحال بنائڻ لاءِ جيڪو ٿي

سگهي سو ڪجي ـــــــ پوءِ سندن انهي عملل مان ٻين ماڻهن، قبيلن ۽ قومن کي ڪيترو به نقصان پهچي، ڪيڏي به تباهي اچي، ان سان اسان جو واسطو ناهي. اسان رڳو اِهو چاهيون ٿا ته اسان پاڻ مطئمن، خوش، مسرور ۽ خوشحال رهي سگهون. ٻين ماڻهن جي خيال ۽ سوچ جو مرڪز، هيءُ ڳالهه رهي آهي ته حقيقي، صحيح، سچي ۽ پائيدار خوشي، خوشحالي ۽ مسرت اِها آهي، جيڪا هڪ ئي وقت وڏ کان وڏ انسان ذات تائين پهچي سگهي ـــــــ يا اسان پوري انسان ذات، پوريءَ هڪ قوم، پوري هڪ ڪندڌ جي ماڻهن جي ڏکن، مصيبتن، غمن ۽ پيڙائن جو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻي هڪ نئينءَ اجتماعي خوشيءَ کي جنم ڏيون. پاڻ ماري ٻين کي جياريون پاڻ سورين تي چڙهي، ٻين لاءِ سيج سينگاريون.

پهرئين قسم جي ماڻهن کي ”انفراديت پسند“ ۽ پنهنجي ذات سان وفادار چئبو آهي، ۽ ٻئي قسم جي ماڻهن کي ”اجتماعيت پسند“ ۽ عوام سان وفادار سڏيو ويندو آهي. انفراديت پسند، ماڻهن جي اجتماعي مفادن سان غداري ڪري، انفرادي نفعا حاصل ڪندا آهن. اجتماعيت پسند، انفرادي مفاد پرستيءَ کان نفرت ڪري ماڻهن جي گڏيل فائدن لاءِ سر قربان ڪندا آهن. چو ته انهن کي جڏهن پنهنجي پوڙهي پيءُ، ڪراڙيءَ ماءُ، جوان زال ۽ ننڍڙي ٻار جو خيال ايندو آهي (جيڪي بُک، ڏک، سردين ۽ گرمين ۾ مرندا جهُرندا آهن) ۽ هو سندن حالت کي ڏسي، تورو ذاتي فائدي جو سوچيندا آهن؛ ته فورن سندن ذهن انهن لکن ڪروڙن ماڻهن ڏانهن لڙي ويندو آهي، جيڪي زندگي جي بنيادي ضرورتن کان محروم آهن؛ جن جي ڳچين ۾ غلامي جا ڳٽ پيل آهن. ڪين انهن ونين جو خيال ايندو آهي، جن کان سندن ور جدا ڪيا ويا آهن. انهن مائرن جو خيال ستائيندو آهي، جن کان سندن جگر جا ٽڪرا قري، ڪال ڪوٺڙين ۾ بند ڪيا ويا آهن ـــــــ ۽ انهن جهور پوڙهن پيئرن جو تصور ايرندو آهي، جن کان سندن ٻداپڻ جو سهارو ڦريو ويو آهي. اهڙن انسانن کي انفرادي نفعي ۽ انفرادي خوشحاليءَ کان نفرت هوندي آهي ۽ هنن کي جڏهن به اهڙي فائدي جي آڇ ڪئي ويندي آهي، ته اِهي ماڻهو اهڙيءَ آڇ کي انتهائي حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيندا آهن. اهڙا انسان ايڏو بلند تي ويندا آهن، جو انفرادي عزت ۽ احترام وٽن ڪاٻه حيثيت نه رکندا آهن. مارئيءَ جي ڪردار ۾ اِها وصف انتهائي بلنديءَ تي پهتل آهي.

هوءَ نہ صرف حاڪماڻي تهذيب ۽ تمدن، حاڪماڻي ادب ۽ اخلاق، حاڪماڻي ڪاڏي پيتي ڪان نفرت ٿي ڏيکاري، پر ان سان گڏوگڏ اهو بہ چوي ٿي تہ: ”آءٌ ڪا بيغيرت، غرض جي ٻانهي، ويڙهيچن جي ويرياڻي تہ ناهيان، جو منهنجن مارن کي سمهڻ لاءِ پڊرو پَٽ نصيب ۾ آهي، منهنجو ورولهہ ۾ تو گهاري، ۽ آءٌ پلنگن، پٽ چيرن ۽ سوڙين ۾ سمهان! منهنجا مارو، لُلرن ۽ لاٽن تي گذارو ڪن ۽ آءٌ هت ست ـــ رڇيون ڪاوان! منهنجين جيڏين سرتين کي ڪوڙن چوڙن ڪان سواءِ ڪا شيءِ نہ ٿي ملي ۽ آءٌ سون پايان! منهنجي زندگي، منهنجا خيال، منهنجي عزت ۽ منهنجي ذلت، منهنجيءَ قوم ۽ عوام سان ڳنڍيل آهي. جيئن اهي رهندا، تيئن آءٌ گهاريندس، چو تہ مون کي انفرادي خوشحالي ۽ خوشي کپي ئي ڪانہ ٿي. مائرن جي خوشيءَ کان سواءِ آءٌ خوش رهي ڪانہ سگهنديس.

ڪارا ڪاراين ۾، سون اسان کي سُوءِ،
وَر جيڏين کي جوءِ، فاقو فرحت ٻانئيان!

لطيف پاڻ سموري زندگي، عوام جي گڏيل خوشيءَ، خوشحاليءَ، مسرت ۽ آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. دنيا جون سڀ نعمتون گڏجي بہ سندس پير ۾ لوڏو ۽ نگاهہ ۾ هوس پيدا ڪري نہ سگهيون. اهڙي ماڻهوءَ کي جذهن ماروئيءَ جي ڪردار ۾ اِهي سڀ وصفون نظر آيون تہ هن پنهنجو آئيڊيل انسان، ماروئيءَ جي روپ ۾ ڏٺو. اهوئي سبب آهي جو ماروئيءَ لاءِ اهڙن جذبن جو اظهار ڪيائين، جيڪي هن ڪنهن ڪردار، ڪنهن عاشق، ڪنهن معشوق، ڪنهن راجا ۽ ڪنهن چام لاءِ نہ ظاهر ڪيا. ماروئيءَ جي ڪردار ذريعي حقيقت ۾ ڀٽ ڌڻيءَ اسان کي هڪ بي مثال سبق ڏيئي، قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ثابت قدم رهڻ لاءِ همٿايو آهي. سنڌ جي سيني عورتن ۽ مردن کي اڄ ماروئيءَ جو ڪردار ڀٽ ڌڻي جي تنبوري جي آواز ۾ سڏي پيو!

◆

در، دروازا، دريون، هاٽي هتي هو،
ڪوڙين اڏيان ڪيترا، تنبو مٿان تو،
جي مُل نہ آيا مارئي، تنين رڙ مَ رو،
ڪوڪٿ آهي ڪو، پسڻ پنهوارن ۾!

هڪ سياسي ڪارڪن، جيڪو قيدي آهي، ان کي پهرين جسماني ايذاءَ ۽ عذاب ڏنا ويندا آهن، پوءِ لالچ ۽ لوڀ ذريعي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. پر اهي ٻئي حالتون ان قيديءَ کي پنهنجي تحريڪ ۽ تنظيم کان ٽوڙڻ ۾ جڏهن ناڪام ٿين ٿيون، ان وقت هڪ ٽيون هٿيار استعمال ڪيو ويندو آهي. قيديءَ جي حالت هيءَ آهي جو سندس ماٺ، دوست، تنظيم، تحريڪ ۽ قوم انتهائي غريب، ڪمزور ۽ هيٺي آهي، جيڪا نہ ان قيدي ڪارڪن جي آزاديءَ واري حالت ۾ صحيح پرگهور لهي ٿي، نہ وري جيل ۾ اچڻ کان پوءِ ئي ملاقاتن جو انتظام ۽ بندوبست ڪري سگهي. قيدي پوريءَ ريت حاڪم ٽولن ۽ جيل انتظاميہ جي رحم ڪرم تي آهي. ٻاهر گهريلو حالت انتهائي سقيم آهي، نہ رهڻ لاءِ جاءِ آهي نہ بنگلا ۽ بلڊنگون ـــــ نہ تنبو ۽ طولان، نہ وري آرام ۽ آرائش جو سامان. ان، اهڙيءَ حالت ۾ ان ماڻهوءَ کي زوريءَ ڪنيي ڪٽي، ٻڌي جڪڙي جيل ۾ آندو تو وڃي. جيل، قيدخاني ۽ ڪوٽ ۾ ڏيهي دلال، پرڏيهي لٽيرن جا چاري ٻنجي، چوڪيءَ تي چوبند ٿيا ويٺا آهن. رات ڏينهن ان قيديءَ جي سامهون حاڪم ڏرين وٽ پنهنجيءَ هلندي ۽ عزت جي نمائش ڪندا ٿا رهن. پر پوءِ بہ اهو قيدي، پنهنجي قوم جي عشق ۾ سرشار ۽ پنهنجي مقصد سان سچائيءَ واري جذبي سان ٿمتار پنهنجي نصب العين جي ڌُن ۾ مست ۽ مگن لڳو پيو آهي. هر ڳالهہ کان بي پرواهہ، هر حرڪت کان بي نياز هر ڪميٽپ کي حقارت سان ڏسندو تو رهي. ڏيهي دلالن ۽ پرڏيهي حاڪمن جي چالبازيءَ کي انتهائي ڪريل حرڪت کان وڌيڪ ڪابہ اهميت تتو ڏئي. ان وقت حڪمران ٽولو ۽ ان جا پرڏيهي چاڙتا، ان قيديءَ ۽ قومي ڪارڪن کي جهڪائڻ ۽ پنهنجيءَ تنظيم، قوم ۽ ساٿين

ڪان بدظن ڪرڻ لاءِ ڪيس چون ٿا ته: ” توکي زندگيءَ جون بهترين سهولتون ڪپن، درين ۽ دروازن وارا گهر ڪپن، تنبو ۽ طولان گهرجن ته اهي سڀ شيون اسين تو کي موجود ڪري ڏيڻ لاءِ تيار آهيون؛ پر هڪڙي بنهه معمولي شرط ته نه ـــــ تون انهن پينگين، سُڃن ۽ بيوقوفن جي صف مان نڪري هلو اچ. اسان جي قائد جي قيادت تسليم ڪر. اسان جي پارٽيءَ جي پروگرام کي صحيح سمجهه. وقت جي حڪمران، صدر، سردار ۽ ليڊر جي اڳواڻي مڃ. پنهنجين تمنائن، چاهتن، خواهشن ۽ محبتن کي قربان ڪري، اسان جي ڏسيل ۽ ڏيکاريل چاهت، خواهش، تمنا ۽ محبت کي پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏئي قبول ڪر! چو ته: تون ان ذريعي هتي عزت، شهرت، مقبوليت ۽ عظمت حاصل ڪري وٺندين. جيل، قيدخاني ۽ ڪوٺ جو چڱو مڙس ليکبين، پٽيل سڏبين ـــــ ۽ سيئي چوندا ته فلاڻي جي ڏاڏي لئه آهي. اصلي امرڪوٽ جو مالڪ ٿيو پيو گهمر! ٻڌي چوڙيءَ جو ڏٺيءَ، ماڻهن جي قسمت جا فيصلا تنهنجي اک جي اشاري سان پيا ٿيندا. انهيءَ سموري مڪر ۽ فريب، چالاڪيءَ ۽ چالبازيءَ تي جڏهن اهو قومي ڪارڪن (جنهن جي علامت مارئي آهي)، انتهائي بي پرواهيءَ سان اوچي ڳاٽ سان حقارت واري رويو اختيار ڪري ٿهڪ تو ڏئي، ته هڪدم اهو چالباز ۽ مڪار ٽولو، انتظاميه جو اڳ پوءِ ڪندڙ ۽ دادلو گروهه، انسان جي انتهائي نازڪ ۽ حساس تارن کي ڇيڙڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن ان انسان کي چيو وڃي ته ’ جن ماڻهن لاءِ تون سِر ڪٽائڻ تو چاهين؛ جن جي محبت ۾ تو دنيا جو هر عيش ۽ آرام ٺڪرائي ڇڏيو آهي؛ آزاديءَ جون فضائون، هوائن جا نغما، اَسر ويلي وڻن جا گيت، محبوب جي چپن جهڙي شفق جي لالاڻ، حيا سان جهڪيل پرينءَ جي نيڻن جهڙا پرهه جا پاند، وڻ ـــــ ڦوٽ ۾ ڦلن جي مرڪ، چاهت واريون چميون، شرمگين نگاهون، ٽڙپيندڙ ياڪر ۽ جوان ٻانهن جا ڳچيءَ ۾ هار، اونداهين راتين ۾ هلڪا هلڪا ۽ جهيڻا جهيڻا منڙا ٻول، جن جي ڪري تو تڃ ڪري ڇڏيا آهن ـــــ ۽ تياڳي ڇڏيون آهن تو تارن پريون راتڙيون؛ ساٿين، جيڏن ۽ سرتن جون ڪچهريون ۽ ڪوڏ! انهن تنهنجي ڪا خبر ورتي؟ اهي ڪڏهن پڇڻ آيا اٿئي؟ ڪڏهن سلامن ۽ سنيهن سان نوازيو اٿن؟ ڪڏهن ملاقات لاءِ آيا آهن، ۽ ڪا جدوجهد هلائي وئي تنهنجي آزادي لاءِ؟ پيو ته نهيو، پر تنهنجي تر جيتري به پوئيواري نه ڪئي ويئي.

سندن نظر ۾ جهڙو ڪر تنهنجو وجود ئي ڪونهي. اها سس پس، اها گلا، اها چالبازي، ظال ۽ سندن چاڙتا هر دور ۾ آزمائيندا آيا آهن، جيڪا گهڻو ڪري ڪارگر ثابت پئي ٿي آهي. اها چالبازي، ڪاموري کي نهوڙي ۽ پين ڪيترن کي پنهنجي وڪڙ ۾ وٺي، ڪانئن قوم کي گاريون ڏياريون، سائين جي ـ ايم ـ سيد، جڏهن 1970ع جي اليڪشنن ۾ هارايو، تڏهن سامراجي قوتن جي ڪن چاڙتن اوچنگارون ڏئي، سائينءَ کي چيو ته: ”هيڏين قربانين جي باوجود، جنهن قوم توهان کي نه سڃاتو آهي، ان کي ڇڏي ڏيو!“ سائينءَ، کين جواب ڏنو ته: ”قوم مون کي نه سڃاتو ته پرواهه ناهي، پر مون ته قوم کي سڃاتو آهي ـــ ڇوته اها قوم آهي جنهن دودي، دريا خان، مخدوم بلاول ۽ لطيف کي جنم ڏنو.“

هتي جيل ۾ انتظاميه ۽ ڌارين سردارن جي چيلن چاٽن، اسان جي قومي ڪارڪنن ي اهي حيلا ۽ حربا استعمال ڪيا، جيڪي عمر سومري ۽ سندس حالين موالين مارئيءَ کي جهڪائڻ ۽ آڻ مڃائڻ، ڪيت ڪان ڪتڻ ۽ مارُن کان بدظن ڪرڻ لاءِ اختيار ۽ استعمال ڪيا هئا ـــ پر جيئن عمر هڪ ٽرياٽي ڇوڪريءَ جو ذهن ۽ ضمير فتح ڪرڻ ۾ ناڪام ويو هو، تيئن گهٽي پاڳي سردارن جا چيلا چانٽا به ناڪام ويا آهن. اسان جي قومي ڪارڪنن انتهائي خلوص ۽ ثابت قدميءَ جو ثبوت ڏيندي، ڄڻ مارئيءَ جي واتان پٽ ڌٽيءَ جي لفظن ۾ جواب ڏنو آهي:

سنهيءَ سُئيءَ سِبيو، مُون ماروءَ سين ماھ،
ويٺي ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاھ،
هِنيون منهنجو هُت ٿيو، هِت مٿي ۽ ماھ،
پکن منجهه پساھ، قالب آهي ڪوٽ ۾!

هيءُ دور اهڙو آهي، جنهن ۾ بيشمار ڪتاب رڳو انهيءَ موضوع تي لکجي، ڇپجي مارڪيٽ ۾ آيا آهن؛ جن ۾ اهڙن قيدين جي سرگزشت، جن هر قسم جي ظلم، جبر ۽ لالچ جو مقابلو ڪيو. سيڪنهن قسم جا عذاب ۽ ايذاءُ سٺا؛ مرڪندي ڦاسين تي چڙهيا، پر وقت جي جابر حاڪمن اڳيان گوڏا نه کوڙيائون ۽ نه وري انهن جي نظام ۽ نظرئي کي قبول ڪري سگهيا.

اهڙا ماڻهو اڄ سموري انسان ذات جا هيرا آهن ۽ انهن جون قبرون، مرگهٽ ۽ سماڌيون، اڄ جي دور ۾ آزاديءَ جي پانڌيئڙن لاءِ ڪعبي ۽ ڪاشيءَ جو درجو رکن ٿيون. اِهي، اهي ماڻهو هئا، جن سِر ڏنا، پر آزاديءَ جي جذبي تان دستبردار نہ ٿيا. ڪنهن لالچ ۽ لوڀ ۾ نہ آيا، ۽ پنهنجي عوام سان ڪيل قول تي قائم ۽ دائم رهيا. موت وقت بہ سندن زبانن تي آزادي جا گيت ۽ نعرا هئا.

انقلابي تحريڪون پنهنجن ڪارڪن لاءِ اهڙن ماڻهن جون سرگذشتون پڙهڻ فرض سمجهنديون آهن. اسان وٽ بہ ائين ٿي رهيو آهي؛ ۽ اهڙن جوڌن ۽ سوڍن ۽ مانجهي مٿيرن جون سوانح عمريون ڏڙاڏڙ ترجمو ٿي رهيون آهن. پر اسان جي قومي تحريڪن طرفان پنهنجن پنهنجن ڪارڪنن کي لطيف جي سُر مارئيءَ پڙهڻ جي ڪڏهن بہ ترغيب نہ ڏني ويئي آهي. جڏهن تہ سُر مارئيءَ ۾ مڪمل سياسي تعليم موجود آهي. نہ رڳو سياسي تعليم موجود آهي، پر ان سان گڏوگڏ غلام قوم ۽ هيٺي عوام کي آزاديءَ جي ويڙهہ جا ڪجهہ طريقا بہ ڏسيا ويا آهن. اهي طريقا ننڍي ڪنڊ جي آزاديءَ جي جنگ ۾ بہ استعمال ٿيا، جيتوڻيڪ لطيف جي سُر مارئيءَ جي حواليءَ سان گهٽ! لطيف جي سُر مارئيءَ جي انهيءَ خصوصيت ۽ خاصيت تي آءٌ ڌار ڪتاب لکڻ چاهيان ٿو. هتي منهنجو مقصد آهي، هڪ هيٺي بيوس قومي قيدي ڪارڪن انسان جي همت، حوصلي، آزاديءَ تي ايمان ۽ پنهنجي آخري فتح تي يقين کي ظاهر ڪرڻ ـــــ ان حوصلي کي ڪو بہ حيلو ختم ڪري نہ ٿو سگهجي. ان همت کي ڪنهن بہ قسم جو دٻاءُ بزدليءَ ۾ بدلائي نٿو سگهجي. ان آزادي تي ايمان کي ڪا بہ لالچ ڪمزور ڪري نہ ٿي سگهي ۽ ان آخري فتح تي يقين کي ڪو بہ نفسياتي حربو لوڏي نہ ٿو سگهي ۽ پنهنجي عوام، قوم، تحريڪ سان وفاداريءَ جي ڪنيل قسم کي ڪابہ اٽڪل بازي، چالاڪي، چالبازي ۽ حرفت، ڦيرائڻ ۾ ڪامياب نٿي ٿي سگهي.

جڏهن مارئيءَ ( ’مارئي‘ ـ قومي ڪارڪن جي علامت آهي) کي چيو ويو تہ: ”تون خوامخواهہ ”مارو، مارو“ ۽ ”ملير، ملير“ ڪري، روئي رڙي رهي آهين. مارن کي تنهنجي ڪابہ پرواهہ ناهي. هنن تنهنجي آزاديءَ لاءِ ڪو بہ جتن ڪونہ ڪيو آهي. هو پنهنجيءَ دنيا ۾ مست ۽ مگن لڳا پيا آهن. ان ڪري، تون انهن سان ناتا ٽوڙي، سومري سردار سان ملي وڃ، چو تہ

هر قسم جي عيش ۽ آرام واري زندگي تنهنجي منتظر آهي“ انهيءَ نفسياتي حربي وقت به هڪ ثابتِ قدم بهادر پنهنجي عوام سان وفادار ڪارڪن، چوندو آهي يا چوڻ گهرجيس ائين جيئن مارئيءَ چيو هو ته ”آءُ پنهنجي عوام سان ڪيئن ناتا ٽوڙيان. آءُ انهن سان ڪيئن لاڳاپا ختم ڪريان. مون چنڻ لاءِ سڳ ڪونه ڪيو هو. منهنجو جسم، منهنجو گوشت، ۽ منهنجي جسي جون تندون، سنهيءَ سُئيءَ ذريعي ماروءَ جي جسم، ان جي گوشت ۽ ان جي جسي سان سبيا پيا آهن. اسان جا ڏک سُک ساڳيان آهن. اسان جا رُسڻ ۽ پرچڻ ساڳيا آهن. اسان جو ريجهڻ ۽ رنج هڪجهڙو آهي. اسان جا ٽهڪ ۽ مرڪون ساڳيون آهن ۽ اهي سڀ سنهيءَ سُئيءَ سان سبيل آهن.“ (سنهيءَ سُئيءَ سان سبيل اهڙو ته ڳتيل هوندو آهي، جو ان جي ڏاڳن جي ڪلڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. سنهيءَ سئيءَ سان ڳجن ۽ ٽوپين تي پرت پريو ويندو آهي، جيڪو ڪپڙي جي ڦاٽي پرزا پرزا ٿيڻ تائين ڪلڻ جو نالو ئي نه وٺندو آهي. ان جي ابتڙ ٿلهيءَ سئيءَ سان سَوڙون سبيون ويندءون آهن، جن جا ڪُڻ ٽوريءَ ڇِڪ سان ڪلي پوندا آهن.)

”جن محبوب ماڙهن ڪان ڏار ٿيڻ لاءِ توهان چئو ٿا، انهن ڪان آءُ ڪيئن ڌار ٿي سگهان ــــ چو ته هتي رڳو منهنجو گوشت آهي، پر منهنجو روح، منهنجا جذبا ۽ منهنجي دل ته پنهنجن محبوبن وٽ آهي. توهان بيشڪ منهنجي مٽي ۽ ماهه تي تشدد ڪري سگهو ٿا، بند وارڊ ڪري سگهو ٿا، زنجيرن ۾ جڪڙي سگهو ٿا، پر پوءِ به توهان منهنجي روح کي فتح ڪري نٿا سگهو ــــــ چو ته هڪ سچي انقلابيءَ ۽ محب وطن انسان جو روح ناقابلِ فتح هوندو آهي؛ ان جو جذبو ناقابلِ شڪست هوندو آهي ــــــ ۽ توهان منهنجي روح جي ناقابلِ شڪست شڪتيءَ کان ناواقف آهيو. ان معاملي ۾ اوهان اڪيلا ناهيو، بلڪ هر جابر ۽ ظالم جي طاقت بنيادي طرح انڌي طاقت هوندي آهي جيڪا روحاني شڪتي ۽ جذبي جي جولانيءَ کي ڏسي نه ٿي سگهي. ظالم جي طاقت، انسان جي ذهن کي تلوار سان فتح ڪرڻ چاهيندي آهي، پر تلوار، ذهن تي نه ماضي ۾ سوڀ حاصل ڪري سگهي آهي، ۽ نه وري مستقبل ۾ سوڀ حاصل ڪري سگهندي. جيتوڻيڪ منهنجو قالب ڪوٽ ۾ آهي، پر منهنجو پساهه پکن ۾ گهٽن

بيشمار پساهن سان ملي هڪ ٿيل آهي. هڪ پساهه پورو ٿي سگهي ٿو، پر انسان جو مجموعي ۽ اجتماعي پساهه ازلي ۽ ابدي آهي، جنهن کي ڪابہ فنا ناهي!

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

## بندي ٻيا قرار، آسان لوچون لوهہَ ۾،
## مَٿان تن ترار، سدا سانٻيئڙن جي!

دنيا ۾ جنهن ڏينهن کان قيدخانن، بنديخانن، ٽُرمن ۽ جيلن جو وجود پيو آهي، ان ڏينهن کان وٺي هزارين، لکين، ڪروڙين انسان، انهن عقوبت خانن ۾ بند ٿيا: مصيبتون سٺائون: پيڙائون پوڳيائون: زندگيءَ جا بهترين ڏينهن ۽ راتيون انهن سنگين ديوارن جي حوالي ڪيائون. انهن انسانن مان ڪن کي اهي لوهي شيخون، ديوارون ۽ برجيون هميشہ لاءِ ڳڙڪائي ويون. ڪن انسانن پنهنجن حوصلن ۽ ولولن جا اڻ مٽ نشان نہ صرف تاريخ جي صفحن ۽ جيل جي ديوارن تي نقش ڪيا، پر قيد ڪندڙ انسانن جي پٿر دلين کي بہ جهنجهوڙي ڇڏيائون. هڪ قيدي بنگال جو جوان همت نوجوان، جيتن داس بہ هو، جنهن قيدين لاءِ سهوليتون حاصل ڪرڻ خاطر پنهنجي وقت جي طويل ترين بک هڙتال ۾ پنهنجي جان قربان ڪئي —— ۽ جڏهن سندس جنازو جيل کان ٻاهر نڪتو، تڏهن سامراجي جيل جي سپريڊنٽ، ٽوپي لاهي جنازي کي سلوٽ ڪيو. اهو هڪ بديسي، غاصب ۽ ظالم طرفان هڪ محب وطن انقلابيءَ جي حوصلي ۽ همت کي خراجِ تحسين هو. آءٌ سمجهان ٿو تہ جنهن ڏينهن انگريز بيورو ڪريسيءَ جي پرزي، جيتن داس جي جنازي کي سلوٽ ڪيو، ان ڏينهن ئي سمجهي ويو هوندو تہ هن نندي کنڊ تي هاڻي گهڻو وقت حڪومت ڪرڻ انگريز جي وس کان ٻاهر آهي، جو تہ جتي هڪڙي پاسي اهڙا ماڻهو موجود هئا، جن انگريزن جي جُتي چٽڻ ثواب ۽ اعزاز تي سمجهيو، اتي برصغير جي ڌرتيءَ اهڙن جانبازن کي جنم ڏيڻ شروع ڪيو هو، جن جي رُڪ جهڙن ارادن کي ڏارئين سامراج جي ڪابہ طاقت جهُڪائي نہ ٿي سگهي. انهيءَ سلسلي کي جيڪڏهن اڳتي وڌائبو تہ مفصل داستان تمام ڊگهو ٿي ويندو، جنهن کي آءٌ بهرحال اينگهائڻ نٿو چاهيان. جيل خانن جي مفصل تاريخ منهنجي نظر مان نہ گذري آهي ۽ نہ ئي دنيا جي سڀ کان پهرئين قيديءَ کان وٺي مختلف جرمن ۾ ڪنل ۽ قيد ٿيل انسانن جي ڪا تاريخ پڙهي اٿم، جيتوڻيڪ جرم ۽ سزا جي باري ۾

چڱو ذخيرو منهنجي نظر مان گذريو آهي. پوءِ بہ قيدين جي ڏکهي قطار مان جيڪي حالات ڏسڻ جو موقعو مليو آهي، تن ۾ ٽن قسمن جا قيدي پئي رهيا آهن.

(1). اهي، جيڪي جيل جي حاڪمن، بنديخانن جي داروغن ۽ قيدخانن جي نگرانن جي چاپلوسي ڪري گوال بنجي، ٻين قيدين تي ظلم ڪرائڻ جا وجهہ ڳوليندا آهن؛

(2): اهي، جيڪي جيل ۾ پهچڻ کان پوءِ ٻاهرينءَ دنيا، ٻاهرينءَ ڪائنات ۽ ٻاهرين حالتن کان اکيون پوري چوندا آهن تہ اسان پنهنجو فرض پورو ڪيو، هاڻي آرام پيا ڪريون ۽ اسان جو هيءُ قيد وارو وقفو اسان جي ترقيءَ ۾ مقبوليت ۽ هڪ ستاري جو اضافو ڪندو. اهڙن قيدين لاءِ لطيف چيو آهي: ”بندي، ٻيا قرار؟ “

(3): ٽيان قيدي اِهي هوندا آهن، جيڪي رات ڏينهن لچندا پچندا رهندا آهن، جَڪَ ڪائيندا آهن، ڦٿڪندا آهن ۽ تڙپندا آهن. ڪين ڪاري رات جو پهر پهر ڏنگيندو آهي؛ وقت جو ڪلاڪ ڪلاڪ وِهہَ جو وٽو پيئڻ تي مجبور ڪندو آهي. هنن جي ذهن ۽ ضمير ۾ هر وقت چيلاٽا چڪ پائيندا رهندا آهن. انهن جي انهيءَ لوچ ۽ لوچ، انهيءَ تڙپ ۽ ڦٿڪڻ جا بہ سبب هوندا آهن، هڪ اهو تہ ڪانئن آزادي ڦري ويئي آهي؛ سندن ذهنن ۽ ضميرن تي پهرا ويهاريا ويا آهن؛ کين پنهنجن پيارن کان جدا ڪيو ويو آهي؛ سندن ديس تي ظلم ۽ بربريت، ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ، ڦرلٽ ۽ پرماريت، موت ۽ وحشت جو راڪاس اگهاڙو ٿي، انسانيت جي بيوسيءَ تي ٺهڪ ڏيندو ٿو وتي ۽ ڪيس و بہ روڪڻ وارو نہ آهي. ٻيو اهو تہ هي جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي، سو غلط ٿي رهيو آهي ۽ سمورن انساني ۽ اخلاقي ضابطن تي اورانگهي، شرافت ۽ شرم کي لتاڙي وجود ۾ آيو آهي ــــ ان ڪري، پنهنجي دور جي بهترين انسانن تي وقت جي بدترين انسان نما بگهڙن ۽ سُوئرن کي حاڪم، مالڪ ۽ مختيار هجڻ جي سند ۽ اختيار عطا ڪئي ويئي آهي. جن قيدين ۾ اها سوچ ۽ لوچ هوندي آهي، انهن لاءِ لطيف چيو آهي تہ: ”اسان لوچوهہ لوهہ ۾!“

اسان جي بيقراري ۽ دلي شورش، دماغي هيجان ۽ ذهني تڙپ، لوهہ يعني قيدخانن ۾ هيڪاري وڌي ويئي آهي. چو تہ اسان انهن مان ناهيون، جيڪي ماٺ ڪري آرام سان ويهي

ٿا رهن: پر اسان قيدخانن ۾ به پنهنجي تات ۽ لات برقرار رکيو ٿا اچون ۽ پنهنجي مقصد، پنهنجي نصب العين، پنهنجي نظريي ۽ پنهنجي عشق تان مور هٽيا ناهيون، نه وري جهڪيا آهيون. جڪڏهن اسان به جهڪي پئون ۽ پوئتي هٽي اچون، ۽ پنهنجي عشق تان دستبرداريءَ جو اعلان ڪريون، ته اسان به ٻين قيدين وانگر قرار ۽ سڪون، فرحت ۽ راحت، مزي ۽ موج ۾ رهي سگهون ٿا: پر اسان ائين نٿا ڪري سگهون، جو اسان جي "مٿان تن ترار، سدا سانپيئڙن جي! "

اسان جي لاءِ اِهو ان ڪري ممڪن ناهي، جو اسان روزِ ازل کان جن ماڻهن سان نينهن جو ناتو ڳنڍيو آهي، تن جي ياد جي تلوار اسان جي تن مٿان ٽنگي پيئي آهي. اها يادن جي تلوار ڪنهن هڪ فرد، هڪ ماڻهوءَ هڪ محبوب، هڪ گهر، هڪ قبيلي، هڪ ڪٽنب جي ناهي، پر انهن سمورن ماڻهن جي ياد جي تلوار آهي، جن صدين کان وٺي، پنهنجي لازوال محنت ۽ پورهيي جي ذريعي نه رڳو هن ديس جي سرميناڪ سانورين سانجهين کي سونهن بخشي آهي، پر پنهنجي قربانين ۽ جدوجهد سان ان جي آزاديءَ جي جهنڊي کي سلامت ۽ بلند رکيو آهي. پوءِ اهڙين وصفن وارا ماڻهو نه رڳو اسان جي سرزمين جا هجن پر دنيا جي ڪنهن به خطي ۾، ڪائنات جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پهاڙ جي ڪنهن به هنج ۾ ۽ ٻيلي جي ڪنهن به گوشي ۾، اماس راتين جو جن به ماڻهن، پنهنجن ذهنن کي زنگجڻ کان بچايو آهي ۽ ديس – دروهين جي خاتمي لاءِ پنهنجن هٿيارن کي تيز بنايو آهي يا تيز بنائڻ جو سوچيو آهي: تن جي عقيدت جا بت، اسان جي دلين جي اندر ۾ هميشه لاءِ رکجي ويا. هن سموريءَ دنيا ۾ جنهن به انسان جي ڪنهن به اک مان ڪو لڙڪ لڙي ٿو انسانيت جي ڏک ۾، ان اسان جو سموريون محبتون خريد ڪري ورتيون آهن —— ۽ هر اهو انسان، جيڪو ڪنهن انسان، ملڪ ۽ قوم جي آزادي ۽ عزت کسي ٿو، اسان جي سمورين نفرتن جا تير، ان جي ئي سيني ۾ وڃي لڳندا. اسان اهي قيدي آهي آهيون، جيڪي قومپرست ۽ وطن دوست آهيون. هن معنىٰ ۾ ته اسان پنهنجي مادرِ وطن جي هر انسان کي هر ڪنهن قسم جي غلاميءَ کان آجو، عزت ۽ آبروءَ سان اوچي ڳاٽ هلندو ڏسڻ چاهيون ٿا. اسان ان سرزمين سان محبت ڪريون ٿا، جنهن جي هنج ۾ اسان جي ننڍپڻ جي بانبڙاٽيون پاتيون، ۽ اسان جي جوانيءَ ڪيئي خواب ڏٺا —— اندلٺ ريکا جهڙا رنگين ۽

چيٽ جي چاندوڪيءَ جهڙا دلڪش! جنهن سرزمين تي جڏهن چند چانڊاڻ جي گلن جي ورڪا ڪندو آهي؛ جڏهن ستارا پنهنجيءَ روشنيءَ جا ڪرڻا ڦلن مٿ جيئن ڇنڊيندا آهن؛ جڏهن باک پنهنجي مرڪ پکيڙيندي آهي، ان وقت هيءَ سرزمين، اسان ڪي حقيقي جنت لڳندي آهي ۽ ان جي ماڻهن ڪان وڌيڪ ڪو سهڻو ۽ سندر ماڻهو اسان کي ڪائنات ۾ نظر ئي نہ ايندو آهي ـــ ۽ جڏهن اسان قيد ۾ ايندا آهيون تہ اهڙن ماڻهن جون يادگيريون، انهن جا ڏک ۽ سور، انهن جون پيڙائون ۽ پُور، اسان جي تن مٿان ترار وانگر لٽڪندا رهندا آهن؛ ۽ اسان هڪ گهڙي بہ يادن جي انهيءَ تلوار ڪان ڪنڌ ڪڍائي نہ سگهندا آهيون. ان سڀ ڪجهہ هوندي، اسان انسانيت دوست بہ آهيون تہ بين الاقواميت پسند پڻ. انسان ذات جي فلاح ۽ بهبوديءَ آزاديءَ ۽ خوشحاليءَ لاءِ ڪٿي بہ تحريڪ، ڪا هلچل، ڪو نعرو ۽ ڪو بينر بلند ٿئي ٿو تہ اسان جو روح، انسانيت جي سمورين سچاين سان اتي موجود هوندو آهي. هن دنيا ۾ ڪٿي بہ ظالمن طرفان ڪا گولي ڇٽي ٿي تہ اسان ائين ٿا سمجهون تہ اها اسان جي سيني تي لڳي آهي. ڪٿي بہ ڪنهن مظلوم جي گلي ۾ ڦاسيءَ جو ڦندو پوي ٿو تہ اسان ائين ٿا سمجهون تہ اهو ڦاسيءَ جي ٿياس تي اسان جو لاش ٽنگيل آهي. ڪٿي بہ ڪو ٻار يتيم ٿيو آهي، ڪٿي ڪنهن بہ سهاڳڻ جو سهاڳ لٽجي ٿو تہ اسان ائين ٿا محسوس ڪريون تہ اسان جي ڪنهن ويجهيءَ عزيزياڻيءَ جو سهاڳ لٽيو ويو آهي. ڪٿي بہ ڪو درندو ۽ وحشي ڪتو، ڪنهن ونيءَ جي لڄ ٿو لٽي تہ اسان ائين ٿا ڀانيون تہ اهو جيڪي ڪجهہ ٿيو آهي، سو اسان جي ماءُ ۽ ڀيڻ سان ٿيو آهي. اسان ظلم جي هر شڪل ۽ هر صورت جا مخالف ۽ دشمن آهيون. ان معاملي ۾ وقت ۽ جاگرافي، اسان جي عقيدي ۽ ايمان تي ڪوبہ اثر وجهي نٿا سگهن. انهي عقيدي جي روشني ۾ اسان عالمگير انساني برادري جا ميمبر آهيون، پر اسان جي اها ميمبرشپ، پنهنجي وطن ۽ قوم سان اڻ مٽي پيار ۽ محبت جي واسطي سان آهي. اسان جڏهن پنهنجي سرزمين تان غلامي جا منحوس پاڇا هٽائڻ لاءِ جدوجهد ٿا ڪريون، ان وقت حقيقت ۾ اسان هن وڏي دنيا جي هڪڙي ننڍڙي ڪنڊ ۾ هڪ اهڙي دشمن تي وار ڪري رهيا آهيون، جيڪو مجموعي ۽ بنيادي طرح پوري انسان ذات جو دشمن آهي؛ ۽ انهي دشمن تي دنيا جي ٻنهي ڏور ڀيل ڪنهن

ٻيءَ ڪنڌ ۾ اسان جا مظلوم ڀائر ۽ اسان جهڙا انسان حملا ۽ هلائون ڪري رهيا آهن. اهڙيءَ ريت اسان هڪ ٻئي جي مدد ڪري رهيا آهيون. اسان جي وچ ۾ هڪ ناقابلِ شڪست رشتو ۽ ناتو آهي ـــ انسانيت دوستي، حب الوطنيءَ، قوم پرستيءَ، آزاديءَ ۽ امن پسنديءَ جو! انهيءَ رشتي ۽ ناتي سان جيڪي به انسان، اسان سان لاڳاپيل آهن، تن جي يادن ۽ محبتن جي ترار هر وقت اسان جي تن متان لٽڪي پيئي آهي، ان ڪري اسان کي قرار ناهي ۽ اسين لوهه ۾ به لوچيندا رهندا آهيون.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

## واحد ڏج وسيع، موهڙ ماروئڙن ڪي!

**(1)**

آءٌ مغربي شاعريءَ ۽ شاعرن کان ايترو گهڻو واقف ناهيان، جيتوڻيڪ مغرب جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي اصولن ۽ مکيه متن کان ٿورڙي واقفيت ضرور اٿم. ان جي مقابلي ۾ مشرف جي گهڻي ڀاڱي شاعري (ڏور اوير ايشيا کان سواءِ) منهنجي نظر مان گذري چڪي آهي. مشرق جي سموري ڪلاسيڪي شاعريءَ پڙهڻ ۽ سمجهڻ کان پوءِ آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته مشرق جي عربي، فارسي، پنجابي، هندي، بلوچي، پشتو، بنگالي ۽ اردو شاعري، عوام کي ايتري ويجهي ناهي، جيتري پٽ ڌڻيءَ جي شاعري عوام کي ويجهو آهي. مشرق جي گهڻو ڪري سيني شاعرن يا ته تصوف ۽ فلسفي جي اصطلاحن ۽ مقامات جي تشريح ڪئي آهي يا وري بادشاهن جي بادشاهت ۽ حڪومت جي مضبوطيءَ لاءِ قصيده نويسيءَ جي ميدن ۾ گهوڙا ڊوڙايا آهن، يا انهن جي حڪومت ۽ سلطنت جي وسعت لاءِ مناجاتون لکيون آهن ۽ باداهن، وڏن ماڻهن، اميرن ۽ وزيرن جي عشق معاشقي جي مدح سرائي ۽ رنگا رنگيءَ کي موضوع بنايو آهي. جيڪڏهن اتان اڳتي وڌيا آهن ته پنهنجي قبيلي ۽ آکهه جي بهادري ۽ دليري، همت ۽ حوصلي جا ڍڪ ڀريا اٿن ۽ پنهنجن پنهنجن هيرن کي وڏنوڏن فاتحن جي شير دليءَ جا قصا ٻڌايا اٿن. انهن سيني جي خواب ۽ خيال، وهم گمان ۾ به اها شيءِ ڪانه هئي ته ملڪ ۽ سرزمين سان ڪو انهن لکن ڪروڙن ماڻهن جو واسطو به تي سگهي ٿو، جيڪي پنهنجي همت ۽ هنر، پنهنجي محنت ۽ مشقت، پنهنجي تخليق ۽ تعمير جي قوت سان تهذيب، ثقات، اقتصادي ۽ معاشي قوتن کي متحرڪ ڪندا رهن ٿا ۽ جن جي پگهر ۽ پورهئي، هٿ ۽ ذهن سان انساني تاريخ جي گاڏي حرڪت ۾ اچي، اڳتي وڌندي رهي ٿي. اهي عام ماڻهو ئي آهن، جيڪي ڪنهن سرزمين تي سونهن ۽ سندرتا جون اندلٺ ريکائون پيدا ڪن ٿا. اهي مٽيءَ ۾ پيوت ننگ ڌڙنگ انسان ئي آهن، جيڪي ڌرتيءَ تي خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ جي پلر جي پالوٽ ڪن ٿا. انساني ڪائنات جي انهن مها فنڪارن جن جي ٻتن کي اڄ جي سڌريل دنيا شهرت ۽ عظمت جي مندر ۽ عوام جي

پرستش لاءِ رکي ڇڏيو آهي ـــــ مان گهڻن وٽ عام ماڻهو بيحس جانورن جو اهڙو ڌڻ هو، جيڪو وڏن ماڻهن جي عياشيءَ لاءِ رات ڏينهن گهاڻي جي ڏاند وانگر وهندو رهي، ۽ ان جي اها عورت خوش نصيب ۽ خدا جي پاڇي هيٺ آيل هئي، جنهن کي بادشاهه سلامت پنهنجي بستري جي چادر گرم ڪرڻ لاءِ پسند ڪري ۽ بس!

عام ماڻهوءَ جي باري ۾ پراڻي فن ۽ ڪلا جي ذري گهٽ سموري تاريخ انهي بي حسيءَ سان پري پيئي آهي. دنيا جي عظيم ۽ مها فنڪارن مان ڀٽائي واحد نمايان ۽ ممتاز فنڪار آهي، جنهن انهن سمورن کان اڳتي وڌي، اِهو اعلان ڪيو ته ملڪن، ڌرتين، زمينن، حڪومتن ۽ بادشاهن جو حقيقي مالڪ، حقيقي حڪمران ۽ حقيقي حقدار عام ماڻهو ئي آهي، جنهن سُڪل ٺوٺ زمين کي جنت ۾ تبديل ڪيو آهي. اهو عام ماڻهو ئي آهي، جنهن ڌرتيءَ جي دلڪشيءَ ۽ سونهن کي دوام ۽ ابديت بخي آهي. عام ماڻهوءَ سان لطيف جي انهي دلچسپيءَ ۽ لڳاءَ جو ئي سبب آهي، جو هن جيڪڏهن ڪنهن بہ وقت، ڪنهن بہ ملڪ جي سلامتيءَ ۽ مهانتا جي دعا گهري، خواهش ڪئي يا تمنا ظاهر ڪئي آهي تہ عام ماڻهوءَ جي واسطي سان، ۽ سندن خوشيءَ ۽ خوشحاليءَ کي مدِنظر رکي، سندن آزاديءَ ۽ آباديءَ جو سوچي! اهوئي سبب آهي، جو چوي ٿو تہ:

”واحد ڏج وسيع، موهڙ ماروئڙن جي! “

سرزمين سنڌ، ڀٽائيءَ جو وطن آهي. اهو ئي ملڪ آهي، جنهن سندس ذات کي آسمانن کان بلند ۽ سمنڊن کان گهرو بنايو آهي. اها ئي ڌرتي آهي، جنهن سندس فن ۾ ست رنگي سانجهي جا رنگ اوتي، دلڪش ۽ دل نواز بنايو آهي. ان سرزمين تي ڪيترن راجائن، مهاراجائن، خليفن، ڄامن، سمن ۽ سومرن حڪومتون ڪيون آهن. لطيف، انهن جي واسطي سان هن ماتر پوميءَ جي وسيع ٿيڻ ۽ سُڌرڻ جي تمنا ڪري پئي سگهيو، پر نہ. هن ائين نہ ڪيو ـــــ ڇو تہ ڪيس خبر هئي تہ تاريخ جي ڊگهي سفر ۾ ڪيئي بادشاه آيا ۽ مري کپي ويا: ڪي مهاراجا آيا ۽ چکيا تي چڙهي ويا: ڪيئي خليفا ۽ اميرالمومنين آيا ۽ مٽيءَ جو ڪاچ بنجي ويا: ڪيئي ڄام آيا، پر خاڪ ۾ ملي خاڪ ٿي ويا. پر، هي عام ماڻهو ئي آهن، جيڪو ڪڏهن بہ ختم ٿي نہ

ٽتو سگهي. ان جي وسيع انبوهہ ۾ هڪ طرف جيڪڏهن تخريب جو عمل جاري آهي، تہ ٻئي پاسي اهو ماڻهو نہ صرف ڪائنات جي تعمير ۾ مصروف آهي، پر انسان جي تخليق ۾ رُڌو پيو آهي. ان ڪري هو هڪ خالق آهي. وقت جو حڪمران خاندان تہ هڪ حملي ۽ هڪ يلغار ۾، تلوار جي هڪ وار ۾ ۽ منجنيق جي هڪ ٽڪاءَ سان ختم ٿي سگهي ٿو، پر عام ماڻهوءَ کي سموريون فوجون، سڀ حملا ۽ يلغارون، هڙيئي توپون ۽ تلوارون، آسمان جون بجليون، سمنڊ جون ڇوليون سيني پهاڙن جون ڇپون، تاريخ جا زلزلا ۽ طوفان گڏجي بہ ختم ڪري ٿا سگهن ۽ نہ ئي ختم ڪري سگهيا آن. ايٽم بم ۽ هيڊروجن بم، ناگاساڪي ۽ هيروشيما کي تہ ناس ڪري سگهن ٿا، پر عظيم جپاني قوم جي عام ماڻهوءَ کي مٽائي نہ ٿا سگهن. وقت جا حڪمران جڏهن ڏسندا آهن تہ دشمن جون فوجون ملڪ کي گهيري ويون آهن، ۽ قابض ڌر لاشن جا ڍير لڳائيندي، رت جا درياهہ وهائيندي، سندن زندگيءَ لاءِ اجل جو طوفان بڻجي اچي مٿان ڪڙڪي آهي، تہ اهي ان سرزمين کي ڇڏي، ڀڄي وڃي ڪنهن ٻئي ملڪ ۾ پناهہ وٺندا آهن. جنهن سرزمين جي دولت، مال ملڪيت، زرخيزي ۽ شادابيءَ مان انهن سوين سال عيش ڪيا، سا سندن ذهنن ۽ دماغن لاءِ ڪابہ ڪشش ۽ ڇڪ نہ رکندي آهي. انهن حاڪمن جي پيٺ ۾ عام ماڻهو سموري قتلام ۽ غارت، تباهيءَ ۽ برباديءَ، سمورن ايذائن ۽ پيڙائن کي ڏاڍي حوصلي ۽ همت، صبر ۽ استقامت سان برداشت ڪندو آهي. هن جي اکين اڳيان، سندس حسين سرزمين ڌارين راڪاسن ۽ بدمعاشن جي گهوڙن جي پيرن هيٺ لتاڙبي رهندي آهي. هن جي نگاهن سامهون، اباڻن اَجهن مان باهہ جون ڇيون آسمان سان ڳالهيون ڪنديون آهن. هن جي روبرو سندس پيارن جا لاش لهوءَ ۾ ليٽڙجي ويندا آهن، معصوم ٻارن کي نيزن جي اَڻين ۾ ٽنبيو ويندو آهي، بندر ۽ بازاريون باهہ جو ٻک بڻجي وينديون آهن ــــــ پوءِ بہ عام ماڻهو اکين ۾ ڳوڙها، دلين ۾ ڪاوڙ ۽ انتقام جا مچ، دماغ ۾ تعمير ۽ فتح جا جذبا سانديي، پنهنجي جاءِ تي موجود هوندو آهي ۽ جڏهن بہ ڪيس موقعو ملندو آهي تہ هڪ نئين حوصلي ۽ ولولي سان هڪ پيرو وري ڌرتيءَ کي حقيقي جنت جو روپ ڏيڻ لاءِ نئين سر ڪم ۾ جنبي ويندو آهي؛

چو تہ کيس پنهنجيءَ پونءِ سان اڻ ميو پيار هوندو آهي. عام ماڻهوءَ جي اها خاصيت ڏسي، لطيف سائين دعا ۽ خواهش جي انداز ۾ چيو:

”واحد ڏج وسيع، موهڙ ماروئڙن کي! “

(2)

لطيف، اها خواهش ان دور ۾ ظاهر ڪئي، جڏهن سنڌ ذري گهٽ ٻن سو سالن جي لڳاتار غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري اڳتي وڌڻ شروع ڪيو هو ۽ سنڌ جي اجڙيل تهذيب نئين سر اسرڻ ۽ ايرڻ لڳي هئي. صدين جا ويران ٽيل بندر ۽ بازاريون، واپار ۽ هنر ۾ ڀهڪڻ لڳيون هيون. سنڌين جي هٿ جي هنر ۾ قسمين قسمين نواڻ اچڻ لڳي هئي. بهترين آبپاشي نظام وسيلي سنڌ وري سرسبز ۽ شاداب ملڪ جو روپ ڌاري ورتو هو. آتڻ ۽ آڏاڻا آباد ٿيڻ لڳا هئا. ماڻهن امن ۽ سُک جو ساهہ کنيو هو. ڪلهوڙا حاڪم فقيرتن ۽ علم پرور هئا، جيڪي غير ملڪي حاڪمن کان ڪروڙين درجا بهتر هئا. سنڌ ۾ ادبي ۽ ثقافتي رونقون وڌڻ لڳيون هيون. سنڌي زبان پنهنجي هنج ۾ ڪيترن ئي ادبي ماڻڪ موتين کي نپائي رهي هئي، تہ اوچتو پهرين نادرشاهہ قاچار ۽ پوءِ احمد شاهہ ابدالي، خونخواري ۽ وحشت، تباهيءَ ۽ قهر جا طوفان بنجي آيا. تاريخِ انسانيت جو اهو ڪهڙو ظلم هو، جيڪو هنن سنڌين تي نہ ڪيو هجي. هنن نہ رڳو سنڌي عوام کي ڪُٺو ۽ سنڌ جي دولت لٽي، هنن نہ صرف سنڌ جي هنري مرڪزن کي باهيون ڏنيون ۽ فصل تباهہ ڪيا، پر سنڌ جو سمورو علمي، ادبي، تهذيبي، موسيقيءَ ۽ مصوريءَ جو خزانو بہ پاڻ سان کڻي ويا يا ساڙي تباهہ ڪري ڇڏيائون. ايراني ڌاڙيل ۽ پٺاڻ لٽيري کي فن ۽ هنر جو ڪهڙو قدر؟ ٻنهي ڄڻن سنڌ جي ثقافتي ۽ هنري خزاني کي بلڪل تباهہ ڪري ڇڏيو، ۽ لطيف، سنڌ جي اوج ۽ عروج جي جنهن نقشي ۾ پنهنجي فڪر وسيلي ڪيئي رنگ ڀئي ڀريا، سي اڌورا رهجي ويا. اها حالت ڏسي لطيف چيو هو:

نہ سي وونئڻ وڻن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿيئي!

اهڙيءَ صورتحال ۾ لطيف محسوس ڪيو ته آزاد ٿيل سنڌ وري غلاميءَ ۾ جڪڙجي پيئي وڃي، سندس خودمختياريءَ جي نقشي تي محروميءَ جا پاڇولا پوندا پيا وڃن، سنڌ جي وحدت جي ٽڪر ٽڪر ٿيڻ جا اهڃاڻ نظر ايندا پيا وڃن ۽ سرزمين سنڌ مارن کان ڦرجي، وحشين جي هٿ ۾ اچڻ لڳي هئي ۽ سنڌ جي حڪمران، ڏاڍ اڳيان گوڏا کوڙي چڏيا هئا ــ ان وقت، پٽائيءَ ڏاڍي ڏک ۽ پيڙا مان دعا گهري ته: ”مولا! تون واحد آهين. منهنجي ماروئڙن جي وحدت سلامت رکي، انهن جي ملڪ کي غلاميءَ جي پاڇن کان ڇوٽڪارو ڏياري، وسيع ڪر ته جيئن اهي امن ۽ سڪون سان رهي سگهن ۽ پنهنجي پوڻ ۽ کي نئينءَ جنت ۾ تبديل ڪن:

واحد ڏج وسيع، موهڙ ماروئڙن کي!

(3)

سنڌي حڪومت جون سرحدون ڪنهن دور ۾ تمام وسيع هيون، جنهن ۾ هاڻوڪو سمورو پاڪستان، ڪشمير، راجستان جو ڪافي حصو، ايراني بلوچستان، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات شامل هئا. انساني تاريخ جيئن جيئن اڳتي وڌندي ويئي ۽ ٻين ملڪن جون سرحدون جيئن جيئن وسيع ٿينديون ويون، تيئن تيئن سنڌ جون سرحدون تنگ ٿينديون ويون، سڌ پاڳا پاڳا ٿيندي رهي. ڏکڻ ايشيا جو هيءُ خوشحال ۽ شاداب علائقو، سرسبز ۽ باغ بهار حصو، ڌارين ۽ ٻاهرين حملي آورن جي ملڪ گيريءَ جي هَوس جو مرڪز بنيو رهيو. سنڌ ۾ سڪندر يونانيءَ ان ڀ اڳي مختلف حاڪم ۽ فاتح پنهنجي قسمت آزمائيءَ لاءِ زور آزمائي ڪندا رهيا آهن. پر سنڌي عوام پنهنجي قبائلي پٽيلن ۽ ڏيهي سردارن جي مدد سان سنڌ جي سرحدن کي محفوظ رکندو پئي آيو، ۽ سنڌ جي خوشحال فضا ۾ ڪو خاص فرق اچڻ ڪونه ڏنائين. سنڌ جي سرحدن ۾ ڪا نالي ماتر به تبديلي ڪانه آئي. عرب پهريان فاتح هئا، جن کان پوءِ (منهنجي ڄاڻ مطابق) سنڌ جون سرحدون گهٽجڻ شروع ٿيون. اها گهٽتائي جيئن شروع ٿي، تيئن وري سرحدن ۾ ڪو واڌارو ڪونه آيو، ۽ ان ڪانپوءِ سنڌ جي بدبختيءَ جا ڏينهن شروع ٿيا ۽ سنڌ ننڍي کنڊ جي هڪ عظيم ملڪ مان ڦري، هڪ ننڍو ملڪ (۽ پوءِ هڪ ننڍو صوبو) بنجي ويو. سنڌ پنهنجي وسيع سرحدن کان محروم ٿي وئي. اڳتي هلي موجوده سرحدن کان به گهٽ ايراضيءَ تي

مشتمل رهجي وئي. ٽر تي سوڍا قابض ٿي ويا، جن جو واسطو راجستان سان هو. شڪارپور ڪان متي وارو علائقو به سنڌ کان ڪٽجي ويو. ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ به هٿن مان نڪري ويا، ۽ سنڌ ذري گهٽ مقبوضه صوبي واري حيثيت ورتي. سنڌ ورهائبي رهي، سندس سرحدون سُسنديون رهيون. مارُو پنهنجي ملڪ کان محروم ٿيندا ويا. اهڙي حالت ڏسي، لطيف نه رڳو قديم سنڌ جي گِهچ حصي جو دورو ڪري، اتي جون حالتون معلوم ڪيون، پر دعا جي انداز ۾ ماروئڙن کي اپيل ڪئي ته پنهنجي ملڪ جون سرحدون وسيع ڪريو!

”واحد ڏج وسيع، موهڙ ماروئڙن کي! “

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

## اَبي ڏاڏي ڪار، ناحق ڇڏيئہ ناڪئا!

سنڌي سماج جي جوڙجڪ، ساخت، بيهڪ، اوسر ۽ ارتقا ۾ هتي جي انسان جي مختلف طبقن، جماعتن ۽ گروهن حصو ورتو آهي. ان جي تهذيبي ۽ تمدني خزاني ۾ هر جماعت هر طبقي ۽ هر گروهہ، پنهنجي وس ۽ وت آهر سرمايو پئي وڌو آهي. سنڌي سماج جي انهن مختلف طبقن، جماعتن ۽ گروهن مان هڪ جماعت ۽ گروهہ، انهن ماڻهن جو آهي، جن حاڪميت ۽ بالادستي، رهائش ۽ بودباش، سموندن جون ڇوليون ۽ درياهن جون موجون رهيون آهن. انهيءَ جماعت ۽ گروهہ ڪي مير بحر، مهاڻي، ساموندي ۽ ناڪئي جي نالن سان سڏيو ويندو رهيو آهي. تاريخ جي هڪ خاص دور ۾ سنڌي سماج جيئن زوال پذير ٿيو، تہ اهو زوال ايڏو تہ همہ گير ۽ سڀ طرفو ٿي ويو، جو ان جي لپيٽ ۾ سنڌي سماج جا سمورا جزا ۽ حصا اچي ويا. جن ۾ اهو ساموندي گروهہ بہ هو، جنهن جي وسيلي ۽ طفيلي گهٽي ياڳي سنڌ پوريءَ دنيا سان ڳنڍيل هئي ۽ پنهنجو تهذيبي، مالي ۽ ثقافتي تعارف ان وقت جي معلوم دنيا سان ڪرائي پئي سگهي. سنڌي سماج جو اهو طبقو نہ صرف سنڌ جي ساموندي حدن جو رکوالو ۽ نگهبان هو، نہ صرف سنڌ جي خوشحاليءَ ۽ دولتمندي جو باعث هو، پر ان سان گڏ ٻاهرين دنيا ۾ سنڌ جو سفير پڻ هو.

لطيف، جڏهن پنهنجي فڪر ۽ پيغام ذريعي سنڌ جي سموري عوام ڪي نياڳ جي ننڊ مان جهنجهوڙي ۽ ڏونڌڙي اٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، ان وقت ناممڪن هو، جو انهيءَ طبقي کي نظرانداز ڪري. ان ڪري پٽ ڌڻيءَ عوام جي انهي حصي کي بہ مخاطب ٿي چيو تہ:

”ابي ڏاڏي ڪار، ناحق ڇڏيئي ناڪئا ! “

انسان جي طبيعت ۽ فطر هوندي آهي تہ هو پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڪارنامن ۽ ڪار گذارين تي نہ رڳو فخر ڪندو آهي، پر پنهنجي سڃاڻپ ۽ واقفيت بہ پنهنجن وڏن جي ڪارنامن ۽ ڪار گذارين جي حوالي سان ڪرائيندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جا ڏاها ماڻهو،

ڪنهن قوم کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ ان قوم جي تاريخي روايتن کان ڀرپور ڪم وٺندا آهن. ڪنهن به طبقي جي بهادرانه تاريخي ڪارنامن کي دنيا جو ڪو به مها ڏاهو ۽ انقلابي نظرانداز نه ڪري سگهيو آهي. شڪاگو جي مزدورن جي قربانيءَ وارو تاريخي واقعو ۽ تاريخي جذبو، هاڻوڪي دور جي انقلابي مزدورن لاءِ انتهائي مقدس ۽ انتهائي اهم آهي.

لطيف سائين به جڏهن انهيءَ طبقي (مهاڻن) کي سجاڳ ڪرڻ چاهيو ته هن به انساني طبيعت ۽ فطرت جي انهيءَ عام قانون کان ڪم ورتو ۽ ناکئن کي پنهنجن ابن ڏاڏن جي ڪرت ۽ ڪار ياد ڏياريائين. انهيءَ ڪرت ۽ ڪار ياد ڏيارڻ واري سلسلي ۾ سوال ٿو پيدا ٿئي ته انهن ناکئن جي ابن ڏاڏن جي ڪهڙي ڪرت ۽ ڪار هئي، جنهن کي زوال پذير سنڌي سماج جي ناکئي ڇڏي ڏنو هو. جيسين تائين مڇيءَ مارڻ واريءَ ڪرت جو تعلق آهي ته اها ته سنڌي ناکئو اڄ به ندو ٿو اچي.

ڦاٿل ڪپڙا، ٽٽل ڀڳل ٻيڙيون دريائن ۾ گهر، مخصوص ٻولي ۽ روايت ته اڄ به ساڳي اٿس. منهنجي خيال ۾ زوال پذير سنڌي سماج جي ناکئي جيڪي اباڻيون روايتون ڇڏي ڏنيون هيون (۽ جيڪي ڪين لطيف ياد ڏياري ٿو)، سي هي آهن:

## (1) واپار:

جڏهن سنڌ آزاد هئي؛ جڏهن هن سرزمين تي غلاميءَ ۽ محڪوميءَ جي سرٽين پنهنجا مخصوص پَر نه پکيڙيا هئا؛ جڏهن آزاد سنڌ جو جهنڊو، فضا جي وسعتن ۾ جهولندو هو؛ جڏهن هن سرزمين تي مشرق وسطيٰ جي وحشين جي گهوڙن جي يلغار نه ٿي هئي؛ جڏهن هتي جا بندر ۽ بازاريون ڪيترن رنگ رتولن سان ٻهه ٻهه ٻهڪنديون هيون؛ جڏهن هتي جي پيدائش جو مالڪ هتي جو اصلي رهاڪو هو، ان وقت هن ملڪ جي سمنڊ جي ڇاتين تي ڏيهي ٻيڙا هوندورن وانگر لڏندا لمندا، پرڏيهه ۾ واپار لاءِ ويندا هئا. انهن ٻيڙن جا سِڙهه ائين نظر ايندا هئا، جيئن بسنت رت ۾ ڪڪرن جون قطارون:

سِڙهه ٿي سبيائون، بند جن ترٽن تي،
سِڙهه سبي، ساجا ڪري، ڪوها ڪنيائون،

بيرقون بحرن ۾، چوڙي چڙهيائون،
لهرون لنگهيائون، لطف ساڻ لطيف چئي!

اهي ٻيڙا ۽ انهن جا جانباز ناکئا، سمندن جا سينا چيري، ولاتن ۾ وکر وهائي، اتان هيرا لال سودي واپس ورندا هئا. سنڌ جي انهيءَ شاندار سامونڊي واپار ۽ تجارت جي تذڪري سان لطيف جو سمورو سُر سامونڊي پريو پيو آهي. انهن ملاحن کي نہ سمنڊ جي طوفانن جي پرواهہ هوندي هئي، نہ سامونڊي ڌاڙيلن جي حملن ۽ هلائن جو اونو! هتان ٻيڙا پرجي، چين، بنگال، برما، سيلون ۽ آفريڪا تائين ويندا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ جيڪڏهن سُر سامونڊيءَ جي واسطيدار بيتن جو ذڪر ڪيو وڃي تہ ڏار ڪتاب تيار ٿي پوي. سامونڊين جا قصا، روانگيءَ جو وقت، موٽڻ جي مند، واپار جو سامان، مذهبي ريتون رسمون، مڪمل رومانوي منظر پيدا ڪن ٿيون. انهيءَ دور جي پيٺ ۾ جڏهن لطيف پنهنجي دور جي ملاح ۽ ناکئي کي غفلت ۾ ڏٺو تہ هڪدم چئي ڏنائين:

”ابي ڏاڏي ڪار، ناحق ڇڏيئي ناکئا! “

انهيءَ سٽ ۾ حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ پٽ ڏٽيءَ سڏيءَ طرح چيو ٿي تہ: توهان کي ڇا ٿيو آهي؟ توهان کي سستيءَ ۽ خوف جي ڏائڻ چو منڊي ڇڏيو آهي؟ جڏهن تہ اهي توهان جا ئي ابا ڏاڏا هئا، جن پنهنجي سر زمين جي عوام کي خوشحال ۽ خوش بنائڻ لاءِ خطرن ۽ خون کي تر جيتري بہ اهميت ڪانہ ٿي ڏني. انهن سمندن جا سينا چيري، هيرا لعل ميڙيا. پهاڙن کي ٺوڪرن سان هٽائي پنهنجا گس جوڙيا. سامونڊي طوفان آيا تہ خود انساني همت جا زلزلا بنجي ويا. درٻارن ۾ پهتا تہ شهنشاهن جي اکين ۾ اکيون وجهي، مادرِ وطن جي عظمت جي ساراهہ جا ڍڪ پريندا رهيا ۽ پنهنجي پياري ديس جي وڪالت ڪيائون. وڃون ڪڙڪيون تہ سنڌن وجود ڪارونڀار جا ڪڪر بنجي ويو. آسمان ۾ گجگوڙن گهمسان لاتو تہ اهي خود شينهن وانگر گجندا، اڳتي وڌندا ويا. ٻاٽ اونداهين راتين ۾ سندن سامونڊي گيتن جو آواز، فضائن جا اُرهہ لتاڙي، زمان ۽ مڪان جون سرحدون اورانگهي، ڪنهن ابدي ۽ الوهي نغمي جو روپ ڌاري ڪائنات ۾ گونجندو هو ـــــ ۽ ڪاميابي انهن ناکئن جا قدم چمندي هئي توهان بہ پنهنجن

ماتر يوميءَ جي معاشي، ثقافتي ۽ سياسي زوال کي روڪيو. اڄ بہ توهان جو سمنڊ، موتين ۽ ماڻڪن سان ستيو پيو آهي. رڳو ابن ڏاڏن وارو حوصلو پيدا ڪريو.

## (2) دريائي ۽ سامونڊي حدن جي حفاظت:

ناکئن جي ہي اهم روايت، دريائي ۽ سامونڊي حدن جي حفاظت ڪرڻ هو. ان ڪري لطيف سائين کين چوي ٿو تہ: اوهان جا وڏا نہ رڳو واپار ڪندا هئا، هيرا لعل سودي ايندا هئا ۽ سمنڊن جي ترن مان ماڻڪ ميڙيندا هئا، پر انهيءَ سڀ سان گڏ هو پنهنجي سامونڊي ۽ دريائي حصن ۽ حدن جي حفاظت بہ ڪندا هئا. انهيءَ سلسلي ۾ هو بهترين سپاهي ۽ بيدپا مجاهد هئا جڏهن بہ ڪنهن هنن جي سامونڊي حدن مان بنا موڪل متڻ يا لنگهڻ جي ڪوشش ڪئي يا ان مان دولت ڪڍڻ جي جسارت ڪئي تہ اوهان جي ابن ڏاڏن، پيڙن جا ونجهہ ۽ سڙهہ ڇڏي، پرندڙ ٻارڻ هٿن ۾ تي کنيا، تلوار ۽ تير جي راند شروع تي ڪئي ۽ ٻالن سان ٻاڪرين پئجي تي ويا ـــــ چو تہ سندن عقيدو ۽ ايمان هو تہ هن سمنڊ جا مالڪ اسان آهيون، ان جي تري ۾ ۽ ڪناري تي پيل دولت اسان جي آهي. هي جنت جا جلوا، اسان جي محنت ۽ مشقت جي ڪري وجود ۾ آيا آهن. سنڌي ملاحن ۽ ناکئن جي حقن ۾ دست اندازي ڪرڻ جي جنهن بہ ڪوشش ڪئي تي تہ ان کي يا اسان جي ٻاڻن سان سڙٺو پوندو يا اسان جن لاشن جي انبارن تان گذرٺو پوندو.

سامونڊين جو سمنڊ اهڙو سٽيو گرهہ ناهي، جنهن کي هر ڪو سامونڊي ڦورو ۽ ڏاڙيل ڳڙڪائيندو رهي. اهي هئا اوهان جا ابا ڏاڏا پر توهان جا ڳڻ يا تہ وساري ڇڏيا آهن يا انهن کي ڄاڻي واڻي ڇڏي ڏنو آهي، انهن جي ٻاڻن کي ئي وڪڻي ڇڏيو آهي، ۽ انهن پيڙن کي ئي نيلام ڪري ڇڏيو آهي؛ ان ڪري اوهان کي ٻک ۽ مصيبت جو منهن ڏسڻو پيو آهي:

”ابي ڏاڏي ڪار، ناحق ڇڏيئي ناکئا“

:(3)

تاريخ ۾ مير بحرن ۽ ملاحن جو آزاديءَ جي جنگ ۾ بہ بي مثال ڪردار رهيو آهي، جيڪو ڪنهن بہ صورت ۾ ٻين قبيلن، ذاتين ۽ گروهن کان گهٽ ڪين رهيو آهي. سنڌ ۾

جيڪي به جنگيون ٿيون آهن، تن ۾ سنڌ جي مير بحرن، ملاحن ۽ ناڪئن پنهنجي حب الوطنيءَ، عوام دوستيءَ ۽ قومي وقار جي عشق جي سلسلي ۾ انتهائي بهادري، غيرت مندي، سورهيائي، همت ۽ حوصلي جو بي نظير مظاهرو ڪيو آهي. سنڌ جي انهي بهادر جاتيءَ، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ عربن، پورچوگيزن ۽ فرينچ لٽيرن ۽ سامونڊي ڌاڙيلن کي ڏينهن جا تارا ڏيکاريا. ارغونن جي اوائلي دور ۾، سنڌ جي ناڪئن ڌارين جي لشڪرين جو ڪوبه اهڙو دريائي رستو محفوظ نه ڇڏيو، جتان اهي بنا ڪُٽڪي، سلامتي سان اڪري ۽ نڪري سگهن. سنڌ ۾ همايون جي اچڻ وقت جيتوٽيڪ سنڌي عوام کي ٻٽي ويڙهه وڙهڻي پئي. هڪ طرف ارغون لٽيرا ۽ ٻئي پاسي مغل ڌاڙيل هئا. پر انهي ٻٽي جنگ ۾ رڌل هجڻ جي باوجود سنڌي ناڪئن همايون جون اهي سموريون ٻيڙيون ٻوڙائي ٽي ڇڏيون، جن وسيلي همايون کي ڪابه مدد ۽ سيڌي سامان جي ڪمڪ پهچي سگهي ٿي. مغل حڪومت، جن ڏينهن ۾ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪڙو به اهڙو ڏينهن موجود ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي، جنهن ۾ سنڌي عوام مغلن تي ڇاپا مار حملا نه ڪيا هجن انهن سيني حملن ۽ ڇاپن ۾ ريائي حملا ۽ ڇاپا به شامل آهن. تاريخن لکيو آهي ته مغلن جي لشڪر لاءِ سيڌو سامان ڪٽي ملتان مان هڪ سو ٻيڙيون روانيون ٿينديون هيون، ته انهن مان چوٿون حصو به صحيح سلامت سنڌ ۾ مغل لشڪر تائين پهچي ڪونه سگهندو هو. تاريخ مظهر شاهجانيءَ جي لکئي موجب، ٺٽي کان سيوهڻ تائين سمورو دريائي رستو سنڌي ميربحرن جي رحم ڪرم تي هوندو هو ۽ حاڪمن جو اتان گذرڻ يا صحيح سلامت نڪرڻ انهن ميربحرن جي مرضيءَ تي هوندو هو. خاص ڪري ٻيداپور، انڙپور، سن ۽ لڪي واري علائقي ۾ هوسڙن ملاحن ته مغلن لاءِ نسورو ٻارڻ ٻاري ڇڏيو هو. حملي آور مغل سپه سالار، عبدالرحيم خان خانان ۽ سنڌ جي غاصب حاڪم جاني بيگ جي وچ ۾ جيڪا آخري ۽ فيصلي ڪن جنگ (دريائي جنگ) لڳي هئي، تنهن ۾ سنڌي ملاحن ڀرپور حصو ورتو ۽ بحري جنگ ۾ پنهنجي مهارت دشمن کان به تسليم ڪرائي ورتي. تاريخ جي انهيءَ سموري پس منظر کي ذهن ۾ رکندي، ڀٽائيءَ سنڌي ملاحن کي مخاطب ٿيندي چيو:

"ابي ڏاڏي ڪار، ناحق ڇڏيئي ناڪئا ! "

نہ رڳو ايترو پر پنهنجي دور جي ايندڙ خطرن کي لطيف جي دوربين نظر ڏسي ورتو هو، ان کري چئي ڏنائين تہ جڏهن تو (ملاحن) پنهنجي اباڻي پر ڇڏي آهي تہ حال وجي هيءُ ٿيو آهي جو:

ملاح! تنهنجي مڪڙيءَ ۾، اچي چور چڙهيا،
معلم ماڳ نہ اڳئين، ”ڦلنگي“ منجهہ ڦريا.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

## سو نہ ڪنھن شيءِ ۾، جيڪي منجھ تراب!

متينءَ ست ۾ لطيف، ڌرتيءَ جي عظمت، متيءَ جي مهانتا ۽ ان جي تخليقي قوتن جي اهميت ٻڌائي آهي. بي ڪنار فضا ۾ ڇڙنڌڙ ڦرنڌڙ ستارن جي روشنيءَ جي دلڪشي، زمين جي ڪري آهي. زمين ئي اها شيءِ آهي، جنهن جي سيني تي تهذيبون ۽ تمدن جنم وٺندا آهن خوبصورت ميدان ۽ واديون، من موهيندڙ جبل ۽ ڍنڍون، سڀ زمين جي ڪري پنهنجي خوبصورتي ۽ سونهن قائم رکيو بيٺا آهن. انساني صحت ۽ جسماني واڌ ويجهه لاءِ جن بہ شين جي بنيادي طرح ضرورت آهي، سي سڀ زمين اپائي ٿي. زمين ئي آهي، جيڪا ست رنگي سانجهين ۽ دلفريب پر هن جي جنم داتا آهي هي گل ۽ ٻوٽا، هي باغ ۽ بستان، هي چمن ۽ چراگاهہ، هي سبزه زار ۽ گلزار، هي ماٺهو ۽ ان جون ڀاوناٿون، هي محبتون ۽ محبتن جا ماٺا، هي ازل ۽ ابد جون تانگهون، هي دل ليائيندڙ مرڪون ۽ روح ريجهائيندڙ ٽهڪ ــــ سڀ ڌرتيءَ جي ڪري ۽ ڌرتيءَ جي پيداوار آهن. نظريا ۽ نظام، حڪومتون ۽ رياستون، فوجون ۽ لشڪر، سڀ ڌرتيءَ جي ڪري پنهنجو وجود، شان ۽ دٻدٻو قائم رکن ٿيون، پورهيت ۽ هاريءَ، مزدور ۽ پرولتاريہ جو رشتو، جيڪڏهن زمين کان ڪٽجي وڃي تہ منجهس ڪهڙو ولولو ۽ امنگ باقي رهندو.

آءُ ميان تو انسان جي عظمت ۽ طاقت کي. مون کي خبر آهي تہ هو آسمان جي بلنديءَ تي پرواز ڪري، فضا جي خوبصورتيءَ کي پيرن هيٺان لتاڙي، پنهنجي انا جي تسڪين تہ ڪري، پر انسان جو پنهنجو وجود هن ڌرتيءَ جي پيداوار آهي. ڌرتيءَ جي وجود ۾ لرزش ۽ لوڏو تہ اچي تہ انسان پنهنجي سموري تخليقي سرمايي، سمورين سوچن، سمورن خوابن ۽ فڪرن سميت ختم ٿيو وڃي، مطلب تہ هن ڪائنات جي سموري سونهن ۽ سندرتا، زمين، ڌرتيءَ ۽ متيءَ جي ڪري آهي. ان ڪري لطيف چيو آهي تہ:

سو نہ ڪنھن شيءِ ۾، جيڪي منجھ تراب!

لطيف ڪي ڏرتيءَ سان جيڪا محبت، الفت، اڪير، اڪنڊ، لڳاءُ ۽ لاڳاپو هو، ان متعلق پشتو زبان جو دانشور، ”پريشان خٽڪ“ لکي ٿو:

”شاهه صاحب کي هن مٽيءَ سان، هن ريگستان سان، هن وطن سان ۽ هنن ماڻهن سان ڪا پري جي محبت ناهي، پر ساهه کان به ويجهو ساٿ آهي هو رڳو هن ڌرتيءَ تان ٽپندو (لنگهندو) نه هو، پر ان ڌرتيءَ ۽ ان جي ماڻهن سان گڏوگڏ هلندو ٿو رهي. هو ماروئيءَ جي اندر ۾ پنهنجي دل رکي چوي ٿو ته:

’آءٌ پرديس ۾ مري وڃان ته منهنجي مٽي بيابانن ۾ رهندڙ منهنجن غريب مٽن مائٽن سان ملائجو ۽ منهنجي لوٿ کي وطن جي ولين جو واس ڏجو!‘ ....

”منهنجا دوستو! سندس (شاهه صاحب جو) محبوب جڏهن ٿلندو هلي ٿو ته ”پونءِ“ بسم الله چوي ٿي، آسمان آجيان نه ٿو ڪري ـــــ ”راهه“ کيس چميون ٿي ڏئي، پر هوائن کي چمڻ جي جرئت ناهي ـــ جيتوڻيڪ سندس محبوب اهوئي آهي، جيڪو (صوفين جي اصطلاح ۾) زمين آسمان، هر شيءِ ۾ ۽ هر هنڌ ديدار پسائي ٿو ـــ تڏهن به (هن شعر ۾) محبوب جي تعريف ناهي، ڌرتيءَ سان محبت جو اظهار آهي. ناز سان ٿلڻ جي واڪاڻ ناهي، پر ان مٽيءَ جي واٽ جي قدرداني آهي جنهن تي محبوب قدم رکي ٿو. ٻين لفظن ۾ اها هستي، لطيف جي محبوب تي ان ڪري آهي، جو ان هن سرزمين تي پنهنجا قدم ڌريا آهن. پر ان هستيءَ جا قدم ڌرڻ ناز ۽ نهٺائيءَ سان آهن، نه ڏاڍ ۽ جبر سان ـــــ جو ته جيڪا شيءِ، هستي يا وجود، ظلم ۽ قهر جي علامت بنجي، هن ڌرتيءَ تي قدم رکي ٿو، سو لطيف جي محبت نه پر نفرت جو مرڪز بنجي وڃي ٿو. لطيف جو محبوب اهو آهي، جيڪو پنهنجي تخليقي قوت يا قدرت سان هن سرزمين جي سونهن ۾ واڌارو ٿو ڪري. اهڙو وجود، لطيف جو محبوب آهي، ۽ محبوب کان ڊچبو نه آهي، پر ان سان محبت ڪئي آهي. هڪ ٻيءَ سٽ ۾ لطيف مٽيءَ سان محبت جو بي مثال مظاهرو ۽ اعلان ڪيو آهي. ماروئيءَ جي واتان چوائي ٿو:

آءٌ ته اکئين اگهان، جي پائر ڏنئي پير !

تنهنجا پير اهڙا آهن، جو آءُ انهن کي پنهنجي اکين سان اگهي اچو اجرو ڪريان ۽ پنهنجا نيڻ ٽڏا ڪريان؛ ڇو ته تنهنجن پيرن کي پائر جي متي لڳل آهي، ۽ ان متيءَ کان وڌيڪ مون وٽ ڪابہ مقدس شيءِ ناهي.

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

## پائي ڪان ڪمان ۾، ميان! مارِ مَ مُون،
## مُون ۾ آهين تُون، متان تنهنجو ئي تو کي لڳي!

هن شعر ۾ انسان وحدت جو سبق ڏنو ويو آهي، جنهن جي معنىٰ آهي ته: ’جيڪڏهن تنهنجي تير سان آءٌ مري ويس ته ڄڻ تون مري وئين، چو ته منهنجو موت، هڪ شخص جو موت نه پر هڪ انسان جو موت هوندو ۽ اهو انسان تنهنجي ۽ منهنجي اندر ۾ ساڳيو آهي.‘

انساني زندگيءَ سان پيار ۽ انساني وحدت جو سبق ۽ فلسفو، پنهنجيءَ پر ۾ انوکو، اٽلي ۽ دلڪش آهي. جڏهن انساني جسم مان نڪتل ڪنهن انسان کي ڪا تڪليف پهچي ٿي يا اهو انسان مري ٿو ته سندس ماءُ پيءُ، ڀاءُ ڀيڻ، زال ۽ پٽ جو اندر جهڄي پوي ٿو. جڏهن ڪنهن پيار ڪندڙ کان سندس هيت هميشه لاءِ موڪلائي ٿو ته سندس اندر جو انسان به اڌ ٿيو پوي. اهو سيڪجهه سچ، صحيح ۽ سياويڪ آهي. پر لطيف انساني رشتي کي تمام مٿي کڻي ويو آهي ۽ ان کي اها نزاڪت ۽ نفاست عطا ڪئي اٿس، جنهن کان امن جي پيغمبرن جون پوٿيون خالي آهن هو چوي ٿو ته: تون پنهنجي جسم ڏانهن ڏس، پوءِ ان جي اندروني احسانن جي نظام تي غور ڪر. پنهنجين تمنائن، چاهتن، امنگن ۽ آرزوئن تي ويچار ڪر! جڏهن تون زندگيءَ سان پيار ڪرين ٿو، حياتيءَ کان ڪنهن به صورت ۾ ميڙڻ نه ٿو چاهين، تنهنجي اکين مان ڪائي ازلي اڃ ۽ تانگهه جا ترورا تجلا ڏيئي رهيا آهن، جيڪي هن امبر جي سونهن ۽ سندرتا مان ڪڏهن به ڍؤ نه ٿا ڪن، تنهنجي دل، هن ڌرتيءَ جي حسن ۽ هيڪار کي ڪڏهن به پاڻ کان اوجهل ٿيڻ نه ٿي ڏئي ـــ اهي ساڳيون خصوصيتون ۽ خوبيون، چاهتون ۽ امنگون، منهنجي اندر ۾ به آهن. پوءِ تو ۽ مون ۾ ڪهڙو فرق آهي؟ تون ڪمان ۾ ڪانَ پائي، ڪنهن کي مارڻ ٿو چاهين ـــ پر تنهنجي تير سان هڪ جسم ختم نه ٿيندو، پر زندگيءَ سان محبت ڪندڙ جذبو ختم ٿي ويندو. هن ڪائنات جي سونهن ۾ واڌاري ڪرڻ واري امنگ ختم ٿي ويندي. سونهن ۽ سندرتا جي تانگهه رکندڙ دل جي ڌڙڪن بيهي ويندي، جسم ڪيترا به مختلف هجن،

قد ڪيترو بہ بندرو هجي، پر جذبا، امنگون آرزوئون، تمنائون ۽ خواهشون، خوبصورت، حسين، سندر ۽ بلند هونديون آهن. سي تو ۽ مون ۾ هڪجهڙيون آهن. ان ڪري، اچ تہ تير ڪمان کي اڇلائي، انهيءَ واڙيءَ جي نگهباني، پالنا ۽ رڪشا[1] ڪريون، جنهن ۾ سونهن آهي، محبت آهي، تعليم جا جذبا آهن ۽ زندگيءَ سان پيار جا آبشارا آهن.

تنهنجي فطرت جو وحشي پٺو، جوابي طرح منهنجي فطرت کي وحشي پٺي تي مجبور ڪندو، ۽ آءُ بہ هٿ مان زيتون جي ٽاري ڇڏي، تير ڪمان کڻندس ـــ پوءِ تون بہ مرندين تہ مان بہ مرندس. تنهنجي ۽ منهنجي مرڻ سان انسان مري ويندو، ۽ انسان جي مرڻ سان حسن ـ ازل ختم ٿي ويندو؛ ڪائنات جو حسن دونهاٽجي ويندو؛ جذبن جو چمن کنڊر ٿي ويندو. تون تير هڻڻ وقت انساني جسم کي نہ ڏس، پر سندس مرڪندڙ اکين ۾ ليئو پائي، سندس اندروني احساس ڏس! جتي تون پنهنجين سمورين امنگن، خواهشن، تمنائن، وچوڙن، ميلاپن، ڏکن ڏولاون، رسڻ ـ پرچڻ ۽ نفرت ۽ محبت جي جذبن سان ويٺو آهين ـــ ۽ تنهنجي اندر ۾ آءُ ويٺو آهيان!

اهڙيءَ ريت لطيف، پنهنجي مختصر شعر ۾ اسان کي انسان جي ازلي ۽ ابدي وحدت، جذبن ۽ امنگن جي وحدت جو سبق ڏئي، عظيم عالمي امن ۽ ڀائيچاري جو فطري پيغام ڏئي ٿو، جيڪو شايد ٻيءَ ڪنهن جاءِ تي نہ ملي. لطيف اهو سبق ان ڪري ڏنو، جو کيس خبر هئي تہ انساني تاريخ جون هولناڪ جنگيون، قبائلي تصادم، مذهبي مقابلا، قومي ناهمواريون ۽ برتريءَ جي جنون ۾ ٿيل رتوڇاڻ، رڳو ان ڪري ٿيندي آهي، جو انسان، انسان جي اندر جي اڌمن کي سمجهڻ، پرکڻ ۽ پروڙڻ جي يا تہ ڪوشش ڪانہ ڪئي آهي يا سمجهڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. جنهن بہ انسان، ماڻهوءَ جي اندر ۾ ليئو پائي، سندس اڌمن کي سمجهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي، تہ ان تير ڪمان ڇڏي، نيزا ۽ ڀالا اڇلائي، سُرندي جي سُرن مان امن جي ست ـ رنگي سانجهي پئي تخليق ڪئي آهي. اهڙي انسان، ماڻهوءَ جي من کي اهڙو آستان سمجهيو آهي، جنهن ۾ سموري ڪائنات جو روح وسي ٿو ۽ ڪوئي اڻ ڏٺو رڻمل رهاڻيون ڪري ٿو ـــ ۽ جڏهن ڪوئي دروهي ۽ ڪنور انسان، ڪمان ۾ ڪان پائي، ان آستان کي ڊاهڻ چاهي

---

[1] رڪشا مطلب حفاظت

ٿو تہ اهو راڪاس، ان آستان سان گڏ ان عظيم جوهر جي جلوي کي بہ اجهائڻ ٿو چاهي، جنهن جانب جي جوهر سان انساني زندگيءَ ۾ امنگن جا ڪيئي ڪتڦهار ڪڙن ٿا.

فرض ڪريو هڪ پوريءَ وستيءَ ۾، ڪوئي قاتل، پنهنجي بي رحم فطرت ۽ وحشپڻي جي جوش ۾ سيني انسانن کي قتل ڪري ڇڏي، تہ پوءِ ان وستيءَ ۾ سندس جيون يا سندس انسانيت، تمام خواهشن ۽ جذبن سان ڪڏهن بہ زندهہ رهي نہ سگهندي، سندس اندر ۾ اهڙو خال پيدا ٿي پوندو، جيڪو صرف ڪو انسان ئي ڀري سگهندو. هڪ وقت ايندو، جو اهڙي قاتل، وحشي ۽ رت پياڪ جي تن ۾ اهڙي تئونس پيدا ٿي پوندي، جيڪا رڳو ڪنهن ٻار جي مُرڪ، ڪنهن نماڻيءَ نظر جي نهار ۽ ڪنهن ٻاجهہ ڀرئي ٻول سان ئي اجهامي سگهندي. پر اهي شيون هو ختم ڪري چڪو هوندو، ان ڪري سندس اندر جو انسان بہ ختم ٿي ويندو، مري ويندو، تباهہ ٿي ويندو. باقي صرف هڪ ڇريو ڍانچو وڃي بچندو، جنهن مان انسانيت ائين نڪري ويندي، جيئن وئشيا جي اک مان شرم!

ان ڪري ڀٽائيءَ چيو تہ:

پائي ڪانَ ڪمان ۾، ميان مارِ مَ مُون،
مُون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي تو کي لڳي!

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

◆

سڪو، سپ سَرتيون! سِپن ملان سيرُ،
بيو مثائي نيرُ، اپيون اَبر آسري!

مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو آهي ته هڪ صوفيءَ ۽ جوڳيءَ جي پاڻ ۾ هن ريت ڳالهه ٻولهه ٿي:

**جوڳي:** مون ٻڌو آهي ته مسلمانن جي پيغمبر کي خدا پاڻ وٽ گهرايو هو، جنهن کي مسلمان، معرج چون ٿا.

**صوفي:** اسان جي عقيدي موجب اهو صحيح آهي. معراج جي وقت خدا سائينءَ پيغمبر کي پنهنجو ديدار به ڪرايو هو.

**جوڳي:** اوهان جو پيغمبر اتان وري موٽي هن دنيا ۾ آيو!

**صوفي:** ها! اهو به صحيح آهي.

**جوڳي:** توهان جو پيغمبر ڏاڍو سادو هو، جو ايڏي مرتبي کي ڇڏي دنيا ۾ موٽي آيو. جيڪڏهن اهڙو مقام مون کي ملي ها ته اتي ويهي رهان ها ۽ ڪڏهن به واپس نه اچان ها.

**صوفي:** آءُ به ائين ئي ڪريان ها، پر اسان صوفين، جوڳين ۽ پيغمبرن ۾ اهوئي ته فرق هوندو آهي، جو اسان کي جيڪو رتبو ملندو آهي، سو پاڻ تائين محدود رکندا آهيون ـــ بلڪل اهڙيءَ طرح جهڙيءَ طرح هڪ چور چوريءَ جو سامان لڪائي رکندو آهي. پر هڪ پيغمبر کي جيڪي ڪجهه ملندو آهي، سو هو قومن، امتن ۽ ماڻهن ۾ ورهائڻ لاءِ وري ماڻهن ۾ موٽي ايندو آهي.

منهنجي خيال ۾ اهو ساڳيو فرق ۽ تفاوت، هڪ نيڪ، صالح ۽ ايماندار ماڻهو ۽ هڪ محبِ وطن ۽ عوام دوست مجاهد ۾ هوندو آهي. هڪ نيڪ، صالح، ايماندار ۽ ديانتدار ماڻهو جنهن معاشري ۾ رهندو آهي ـ جيڪڏهن اهو معاشرو هر قسم جي غلاميءَ جي لعنت، پرماريت، ڦرلٽ ۽ اگهاڙي وحشت جو شڪار رهندو آهي، ته اهو نيڪ ماڻهو پنهنجي سموري نيڪي ۽ پرهيزگاري، سموري ديانتداري ۽ ايمانداري، پنهنجيءَ ات تائين محدود رکندو آهي؛ ۽ خوش ٿيندو آهي ته پاڻ معاشري جي خرابين کان پاڪ ۽ پري آهي. جڏهن معاشري ۾ ٿيندڙ هر قسم جي ڏاڍائي، پرماريت، ظلم ۽ غلامي، سندس ذهن ۽ ضمير کي حد کان وڌيڪ ڏنگڻ ۽ پيڙڻ شروع ڪندي آهي، ان وقت هو ان معاشري کان پڇي، وڃي ڪنهن امن ۽ عافيت واري ڪنڊ ڳولي ويهي رهندو آهي، يا پنهنجي مختصر ۽ محدود دنيا ٺاهي، ان ۾ مست ۽ مگن ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ائين سمجهندو آهي ته هاڻي دنيا ۾ ڪا به خرابي، ڪا به ڦرلٽ، ڪا به ڪميٽائپ ۽ ڪا به پرماريت نه رهي آهي. حقيقت ۾ تصوف جي سموريءَ تاريخ ۾ صوفيت جو اهو لاڙو انتهائي رجعت پسند، هاجيڪار ۽ ڇيهو رسائيندڙ پئي رهيو آهي. جڏهن اهڙا باضمير ماڻهو خاموش ٿي ويهي رهندا آهن ۽ سماجي نظم تي حاوي ماڻهن کي ڪو به روڪڻ ٽوڪڻ وارو نه هوندو آهي، ته ان وقت بدڪردار ۽ ظالم ماڻهو، پاڻ وڌيڪ ڪليل طريقي سان ۽ انتهائي بيحيائيءَ ۽ ڪميڻپ سان پنهنجن ڦهري ۽ وحشي ڪارواين ۾ چڙواڳ ٿي ويندا آهن ـــ ۽ ان معاملي ۾ ايڏا ته بي باڪ ٿي ويندا آهن، جو انسانيت ۽ شرافت جون سموريون حدون اورانگهي وڃي خدائيءَ جي دعوىٰ ڪندا آهن.

سماج مان چڱن ماڻهن جي هڪ طرف نڪري وڃڻ جو اِهو نتيجو نڪرندو آهي، جو ان سماج ۽ معاشري جا بدترين ظالم، بي غيرت، چاپلوس، وحشي، ڪميڻا ۽ بدمعاش ماڻهو، عوام جي ڳچين تي سوار ٿي ويندا آهن. هوڏانهن وري ايماندار ماڻهو، پنهنجين سمورين دعوائن جي باوجود، دل جي گهراين سان قبول ڪري وٺندا آهن ته عوام هلچل ۾ اچي ئي نه ٿو سگهي. ظلم سان جنگ جوٽڻ جبل سان متو هڻڻ برابر آهي، ۽ سچائي، ڪڏهن به برائيءَ تي سوڀ حاصل ڪري نه سگهندي. ٻين لفظن ۾ اهي ماڻهو، برائيءَ ۽ ظلم، جبر ۽ ڏاڍ جي فتح تي يقين

ڪري ويندا آهن. پوءِ لاشعوري طرح ئي سهي، اهڙيءَ سوچ رکندڙ ماڻهن مان ڪنهن هڪ جو هي جملو مون پڙهيو آهي ته ”اهو غلط آهي ته سچ جي ٻيڙي لڏي پر ٻڏي ڪانه ـــ مون سقراط کان وٺي گانڌيءَ تائين نه رڳو سچ جي ٻيڙي لڏندي ڏٺي آهي، پر ٻڏندي به ڏٺي آهي.“

جيڪي سياستدان ڊگهي عرصي ۾ ٿڪائيندڙ جدوجهد کان پوءِ سياست کان ڪنارو ڪري ويندا آهن، انهن جي سياست تان دستبرداريءَ جو سبب به سچ جي سوڀ کان مايوسي ئي هوندو آهي. اهي عوامي قوت جي پيشقدمي ۾ ايار کان مايوس ۽ قطعي نا اميد ٿي ويندا آهن.

اهي صوفي يا جوڳي جيڪي پنهنجي سموري تصوف ۽ جوڳ سميت نه رڳو سماجي اڻ برابرين ۽ ظلم کي محسوس ڪندا آهن، پر ان جي مقابلي ۾ مڙس ماڻهو ٿي بيهندا آهن، پوءِ يلي اهي انهيءَ مقابلي ۾ عوام جي گهٽائيءَ کي شريڪ نه ڪري سگهندا آهن يا نه ڪندا آهن ـــ هن نيت سان ته جيڪا سگهه منهنجي ذهن ۽ ضمير ۾ آهي سا عوام ۾ ناهي ـ اهي قدري ۾ ڪنهن حد تائين انقلابي هوندا آهن ڪين سچ جي فتح تي يقين به هوندو آهي، پر سندن طريقه ڪار غير انقلابي ۽ غير عوامي هوندو آهي.

هڪ سچو ۽ صحيح انقلابي ماڻهو، اهڙن غلط لاڙن کان پاڪ ۽ غير انقلابي سوچن کان متاهون هوندو آهي. سچي انقلابي کي جيڪو به علم، جيڪا به ڏاهپ، جيڪو به حوصلو ۽ ولولو مليل هوندو آهي، سو هُو لڳاتار ايمانداريءَ سان عوام ۾ ورهائيندڙ آهي ۽ عوام جي ذهنن ڏانهن منتقل ڪندو آهي. هن کي سچ، سونهن، پيار، انصاف ۽ چڱائيءَ جي دائمي فتح تي يقين هوندو آهي. ڪيس عوام جي بي پناهه قوت ۽ قهري طوفان تي ايمان هوندو آهي. هن جو اهو به عقيدو هوندو آهي ته ڪوبه هڪڙو ماڻهو، پوءِ اهو يلي ڪيڏو وڏو ڏاهو، اڪابر، دانا، عقل ۽ علم جو ابو، قربانيءَ ۽ سرفروشيءَ جو جبل ڇو نه هجي، پر پنهنجي روءِ سوءِ اڪيلو ڪجهه به ڪري نه ٿو سگهي، جيستائين ساڻس گڏ عوام جي ڀرپور شرڪت ناهي. عوام جي انهيءَ قوت ۾ ڀرپور شرڪت ۾ ايمان رکندڙ انقلابي، ڪڏهن به سچ جي سوڀ کان مايوس نه ٿيندو آهي، ان ڪري سندس ٽڪجڻ يا عذابن ۽ ايذائن کان ڊڄي، ماٺ ڪري ويهڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. هن کي جڏهن به مارڻ جا دڙڪا ڏنا ويندا آهن، ته چئي ڏيندو آهي ته:

جي راھ اجل ڪنهن ورتي آ،
هن پونءِ ڪئي پي پر تي آ!

چو تہ ڪيس عوام جي اڻ ڪٽ سلسلي ۾ ايمان هوندو آهي ۽ هو پاڻ کي عام ماڻهوءَ کان مٿي ڪا نوري ۽ ناري مخلوق نہ سمجهندو آهي. هن جو خيال هوندو آهي تہ جيڪڏهن آءٌ مري ويس تہ مون جهڙا هزارين، لکين انسان پيدا ٿيندا، ۽ هيءَ ڪائنات ظلم جي خلاف سچ جي يُڌ کان ڪڏهن بہ خالي نہ ٿي رهي سگهي:

امڪان هزارين، مان نہ رڳو!

اهڙي انقلابيءَ کي جڏهن زنجيرن ۾ جڪڙي، هٿڪڙين ۾ قابو ڪري، چارين جي پهري هيٺ سزا ۽ سختيون ڏيڻ لاءِ جابر ۽ قاهر قوتن جي سامهون آڻيو ويندو آهي، ۽ قلم جي هڪ فقري لکڻ سان يا ڪنهن وحشيءَ جي اک جي اشاري سان جلاد جي تلوار جي حرڪت ۾ اچڻ جو امڪان هوندو آهي؛ ان وقت اهڙي پوائتي ماحول ۾ بہ عوام جي قوت ۽ سچ جي سوڀ تي ايمان رکندڙ مجاهد ائين ئي چوندو آهي:

”توهان کي مجرمن جي هن ڪٽهڙي جي عزت ۽ لذت معلوم ناهي. آءٌ يقين سان چوان ٿو تہ جيڪڏهن توهان کي هن جاءِ جي عزت ۽ لذت معلوم ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان غلاميءَ ۽ ظلم جي علامت، انهيءَ منصب ۽ درجي کي لت هڻي، مون سان گڏ هن ڪٽهڙي ۾ بيهڻ تي فخر محسوس ڪريو. اڄ هتي هن حالت ۾ بيٺي، جڏهن آءٌ انسان جي طويل تاريخ تي سوچيان ٿو تہ مسرت، خوشيءَ ۽ فخر سان پاڻ کي بادشاهن کان مٿي ٿو سمجهان. مون کي پنهنجي عوام جي طاقت تي يقين آهي تہ اڄ جيڪي مون کي باغي قرار ڏيئي رهيا آهن، سي سڀاڻي، محبِ وطن فاتح جي حيثيت ۾ منهنجو استقبال ڪندا. آزاديءَ جي جدوجهد ابتدا ۾ بغاوت ۽ آخر ۾ وطن دوستيءَ ۽ حق پرستيءَ جي مقدس جنگ تسليم ڪئي ويندي آهي. اهو تاريخ جو ڪڏهن بہ نہ بدلجندڙ قانون آهي. جيڪا وڌيڪَ سا سزا مون کي ڏيو، پر سزا لکندي وقت توهان جي دلين جيڪو خوف يا الڪو پيدا ٿيندو، سزا ٻڌندي وقت منهنجيءَ دل ۾ ان جو هڪ سيڪڙو خوف پيدا نہ ٿيندو“ ــــــــ ــــــــ ابولڪلام آزاد

لطيف کي انسان جي ارادي جي قوت تي ڀرپور اعتماد هو. هن کي سچ جي دائمي سوڀ تي ايمان هو، ۽ هن انتهائي ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان انساني ارادي جي قوت تي اعتماد ۽ سچ جي دائمي فتح تي ايمان واري علم کي پنهنجي عوام ۾ ورهايو ـــــ ۽ پنهنجي فنڪارانہ قابليت ۽ فني ڏاهپ سان عوام کي ان ۾ شريڪ ٿيڻ، ۽ ظلم جي خلاف جدوجهد ۾ عوام جي گهڻي کان گهڻي تعداد کي انهيءَ علم جي عزت ۽ لذت چکڻ جي دعوت ڏيندو رهيو تہ جيئن برائيءَ ۽ بديءَ کي شڪست اچي سگهي.

دنيا جي هر زبان ۾ لفظن جو هڪ معلوم ۽ محسوس ذخيرو هوندو آهي، ڪنهن ۾ گهٽ ڪنهن ۾ وڌ ـــ ۽ ان ذخيري مان لفظ ڪڍي، رات ڏينهن ماڻهو ڳالهائيندا رهندا آهن. جڏهن اهي لفظ عام طرح ڳالهايا، واپرايا يا استعمال ڪيا ويندا آهن، ان وقت اهي رڳو ڳالهائيندڙ جو مفهوم ۽ مقصد واضح ڪرڻ جو ڪم ڏيندا آهن، ۽ ٻڌندڙ ڳالهائيندڙ جو مفهوم ۽ مقصد سمجهي ويندو آهي. هيءَ بہ حقيقت آهي تہ هر زبان ۾ سادا سودا بي جان، ڪوجها ۽ ان سان گڏ پُر جلال، جاندار ۽ خوبصورت لفظ بہ هوندا آهن. ان قانون کان سنڌي زبان بہ پاسيري ۽ ڌار ناهي.

هڪ باڪمال ۽ جبري فنڪار جي خصوصيت، خوبي ۽ ڪماليت اها هوندي آهي، جو هو ان زبان جي سادن سودن لفظن ۾ اهڙي سندرتا ڀريندو آهي، جو اهي سُر ميناڪ نگاهہ جي گهور کان وڌيڪ گهايل ڪندڙ ۽ نماڻيءَ نظر جي نهار کان وڌيڪ نرمل ٿي ويندا آهن. هو بي جان لفظن ۾ اهڙي جان وجهندو آهي، جو اهي شهباز وانگر پَرَ ڪري اڏامندا آهن ـــــ اهڙي آگ ڀريندو آهي، جو ٻڌندڙ جي ذهن ۾ ڪيئي طوفان برپا ٿي ويندا ۽ ان جي رڳن ۾ رت بدران آگ جا اُلا ناچ ڪندا آهن. اهڙي قوت ڀريندو آهي، جيڪا ائٽم بم کان وڌيڪ اثرائتي هوندي آهي ۽ ان جي ڪوجهن لفظن ۾ فن جي ڪري، گلابي چپن جي اوٽ مان ليئا پائيندڙ مُرڪ کان وڌيڪ سونهن پيدا ٿي پوندي.

لطيف سائينءَ، سنڌي زبان جي معمولي کان معمولي لفظ کي نہ رڳو نئين سونهن، نئين جانداري، نئين طاقت، نئون پرواز ۽ نئين نکور معنیٰ ڏني آهي، پر سموريءَ زبان ۾ هڪ نئون

روح ڦوڪيو آهي، جنهن ڪري هن زبان تي پوڙهپڻ اچڻ جو امڪان ئي نظر نٿو اچي ۽ نہ ئي ايندو.

منهنجي خيال ۾ لطيف جي شاعريءَ کي اسان ٻن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا. هن جي شاعريءَ جي هڪ حصي جو تعلق ذاتي واردات، شخصي پيڙائن ۽ ذاتي ذوق سان آهي. جنهن ۾ صوفيانہ اصطلاح، جمالياتي رجحان، شخصي پرينءَ پسڻ جي تن اندر تئونس ۽ محبوب سان وصال جون ڪي انوکيون دلڪش ۽ روح ريجهائيندڙ خواهشون ۽ جانب جي جمال جي جلون جي رنگ برنگي تصوير آهي، سندس شاعريءَ جو اهو حصو، سندس زندگيءَ جي ابتدائي دور سان واسطو رکي ٿو. هن جي شاعريءَ جي ٻئي حصي يا ٻئي دور جو سنئون سڌو لاڳاپو ۽ ڳانڍاپو، سنڌي قوم ۽ سنڌي عوام سان آهي. انهيءَ دور جي شاعريءَ کي اسان دعوتي، تبليغي ۽ ترغيبي شاعري سڏي سگهون ٿا. ان ۾ حب الوطني آهي؛ ساٿيهہ جي سڪ ۽ سڪار جون ڳالهيون آهن؛ جدوجهد ۽ قربانيءَ ۾ حصو وٺڻ لاءِ للڪارون آهن، ڪوٽ ڪيرائڻ، ڪڙن ڀڃڻ ۽ زنجيرن ڇنڻ جون ترغيبون آهن؛ ثقافتي ۽ تهذيبي ورثن کي سانڍڻ لاءِ هدايتون آهن؛ آزادي ماڻڻ ۽ ضميرن کي زنگ کان بچائڻ جون تدبيرون آهن؛ سنڌ جي ثقافتي تاريخ، معاشي خوشحاليءَ ۽ جاگرافيائي وسعت جون روايتون آهن؛ ظلم ۽ جبر کي نهوڙڻ لاءِ گڏيل عوامي طاقت پيدا ڪرڻ جون پڪارون آهن:

جاڳو جاڙيجا، سما! سک مَ سمهو،
پسو آن پارا، تو لاکو لوڙيون ڪري !

لاکي مان لطيف جي مراد آهي، هر دور جو رهزن ۽ لٽيرو، قاتل ۽ قهري، لوڙائو ۽ ڦورو، ظالم ۽ ڪنور ـــ ! لطيف، ڏاڍي ۽ ظالم لاءِ "لوڙائو لفظ استعمال ڪيو آهي، جنهن مان سندس مراد آهي: ظالم، ڦورو، قاتل، پرماريت ڪندڙ ۽ لڄن جو لٽيرو سُر مارئيءَ ۾ اهڙي انسان دشمن، جابر ۽ ڪنور شخص لاءِ لوڙائو لفظ استعمال ٿيل آهي.

جُهِ سي لوڙائو ٿيا، جنين سنڌي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي !

---

جُ سي لوڙائو ٿيا، جنين پر رهن،
امرو منجهه ٿرن، رهي رهندو ڪيترو !

آءُ هتي لاکي جي بحث ۾ پوڻ ڪونه ٿو چاهيان ته هو هيرو هو يا لوڙائو پوءِ به پٽ ڏٿيءَ لاکي لاءِ چيو آهي ته:

”لکي ۽ لاکو، ٻئي مُئا ٻاجهه ٿي! “

بهرحال اهڙن لاکن لاءِ لطيف عوام کي اجتماعي طرح هوشيار، سجاڳ ۽ هٿيارٻند ٿيڻ لاءِ سڏيو آهي، جو ته ظلم ۽ جبر جو مقابلو ڪوبه اڪيلو ماڻهو ڪري ٿو سگهي ـــ هن معنيٰ ۾ يقينن مقابلو ڪري سگهي ٿو ته ظالم جي آڻ نه مڃي، مهاڏو اٽڪايو ويٺو هجي ۽ ان سلسلي ۾ ڦاسي چڙهڻ لاءِ به تيار هجي. اها تمام چڱي ڳالهه آهي، بهادريءَ ۽ همت جو ڪم آهي، دليريءَ ۽ سورهيائيءَ جو بي مثال ڪارنامو مڪمل ۽ پوريءَ ريت، صحيح انقلابي قدم نه آهي. ان ڪري جو انقلابي واٽ ۾ رڳو مهاڏو اٽڪائڻ ۽ يڪي سِر مقابلو ڪرڻ ۽ ڦاسيءَ تي چڙهڻ ئي ته اصلي ڳالهه نه آهي، جو ته اهڙيءَ طرح هڪ هڪ ڪري ڪيترن ئي بهترين ماڻهن کي ڦورو، ظالم، غاصب ۽ غلام بنائيندڙ ختم ڪري ڇڏيندا ۽ ظالم پنهنجي جاءِ تي پنهنجي نظام جي سموري ڪراهت ۽ ڪميٽپ سان موجود هوندو. ان ڪري صحيح انقلابي واٽ هيءَ آهي ته عوام جي گهڻائيءَ کي همخيال بنائي، ساڻ ڪٺي، غلام بنائيندڙ کي عوام جي طاقت سان ظالمانه نظام سميت هميشه هميشه لاءِ شڪست ڏئي، عوام جي ٻچيءَ مان هر قسم جي غلاميءَ جا ڳٽ لاهي ڦٽا ڪجن. ان لاءِ ”سمن جو سک نه سمهڻ ۽ جاڙيجن جو جاڳندو رهي“ ضروري آهي ۽ ظلم جي ڪنهن به واقعي کي سموريءَ قوم، سموري عوام ۾ پوري تنظيم سان ظلم سمجهڻ گهرجي.

آءُ مٿي چئي آيو آهيان ته لطيف جي شاعريءَ جو هڪ حصو دعوتي ۽ تبليغي آهي ان سلسلي ۾ ائين به ڪيو اٿس، جو ڪنهن هڪ تاريخي واقعي جي چند چاڻ ڪري ٻين کي همٿائي ٿو ان باري ۾ لطيف هڪ معمولي شيءِ سِپيءَ جي وارتا، مارئيءَ جي واتان چَورائي،

حوصلي قائم رکڻ جي تلقين سان گڏ عوامي طاقت جا عذاب ۽ ايذاءُ سهي، واپس تي پهچي (يا هڪ وطن دوست انقلابيءَ ڦاسيءَ جي تختي تان سلامت موٽي تو اچي) تہ ٻين کي تي چوي تہ:

سکو، سپ سرتيون! سِپن مُلان سير،
پيو متائي نير، اپيون اَبر آسري !

سِپ، پاڻيءَ جي وچ ۾ رهندي بہ ابر جي پاڻي کانسواءِ پيو پاڻي نہ تي پِئي تيئن اوهان بہ هر قسم جي عيش جي پيشڪش تان منهن موڙي، امن ۽ آزاديءَ جي آسري تي قائم رهجو پر ان سلسلي ۾ عوام جي طاقت کي نظرانداز نہ ڪجو. عوام جي وقتي ڪمزوري ڏسي مايوس نہ ٿجو ۽ مايوسيءَ جي وقتي لهرن کي پنهنجي ذهن ۾ دائمي جاءِ نہ ڏجو، چو تہ مظلومن ۽ هيٺن کي اٿڻ ۽ منظم ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي، تياري ڪرڻي پوندي آهي. جڏهن تياري ٿي ويندي آهي ۽ هو پنهنجي ٻڌي قائم ڪندا آهن ۽ پاڻ کي منظم ڪندا آهن، ان وقت تو کي خبر هن قسم جي ملندي.

مليران مارو، پکي پيهي آئيو !
وريا واهرو، هاڻو سپ هيٺا ٿيا.

جنگ، ڪوشش ۽ جدوجهد شروع ٿي چڪي آهي؛ هاڻو هيٺا ٿيندا پيا وڃن؛ عوام سوپ حاصل ڪرڻ جي قريب آهي، سندس سوپ يقيني بنجي وئي آهي. ان وقت تو وٽ پيغام پهتو:

اُني تي وارڻ، نہ کيئن واڏايون آئيون،
لٿي لوئڙ پاريين، مڙني منهن ڪارڻ،
صلح واريو سومري، چئي پنهوارن پارڻ،
همير نئون هارڻ، مهت لهنديڻءَ مارئي !

تو کي قيد ڪرڻ وارا، تنهنجي عوام تي کلون ڪرڻ وارا، پنهنجو سر بچائڻ لاءِ جهولي جهليو بيٺا آهن. اها آهي عوام جي ٻڌيءَ جي طاقت !!

◆ ◆ ◆ ◆ ◆

# پورو ٿيو.

۷ جنوري ۲۰۰۷

www.voiceofsindh.net